ڊارون
مارڪس
۽ فرائيڊ

(انساني تاريخ جي ٽن عظيم مفڪرن جي حياتي
۽ فڪر جو مختصر اڀياس)

ڪبير پيل

روشني

دارون، مارکس ۽ فرائيد

(انساني تاريخ جي تن عظيم مفڪرن جي حياتيءَ ۽ فڪر جو مختصر اڀياس)

ڪبير پيل

روشني

کتاب جو نالو: ڊارون، مارکس ۽ فرائيڊ
موضوع: سوانح حيات
ليکڪ: ڪبير ٻيل
ڇاپو پهريون © 2025ع
لي آئوٽ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز، حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

ISBN 978-969-217-166-3

Darwin, Marx ain Freud

[Biography]

By: **Kabeer Bheel**
First Edition © Roshni 2025
Layout: Habib Qadir Qureshi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

For more information please contact the Special Distribution Department.
Shah Latif

انتساب

امان اِمرُو پيل کي، جيڪا چوندي آهي تہ پلي پڙهہ پر صحت جو خيال رکندو ڪر. جڏهن گهر ويندو آهيان تہ پئسا مون لاءِ لِکائي رکندي آهي. پئسا ڏيئي چوندي آهي، تو لاءِ رکيا هئا. ڪتاب ونڊين، ۽ پنهنجي وڏي ياءُ، سياسي اُستاد هرسنگهہ پيل کي، جنهن جي بُنيادي تربيت ۽ شفقت سبب وقت جي بي سُراين سان جهيڙيندي، سياسي پنڌ جو پانڌيئڙو بڻيل آهيان.

هي ڪتاب اربيان ٿو پنهنجي بابا لڇمڻ پيل کي، جيڪو چوندو آهي، مون اٺپڙهيل غربت ۾ زندگي گهاري آهي، پوءِ بہ ڪڏهن ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ ڪونہ جُهڪايو اٿم. توهان جي منهنجو اولاد آهيو تہ ڪڏهن بہ ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ نہ جُهڪائجو.

فهرست

پيش لفظ	ڈاڪٽر سڪندر مغل	ix
ٽي چٽنگ ڪري چمڪاٽ اڃا	نصير ميمڻ	xv
پنهنجي پاران	ڪبير پيل	xxi
1. چارلس ڊارون		1
• هڪ اهڙو سفر جتان ارتقا جا اصول پڌرا ٿيا		11
• نظريو		24
1. تبديليون (Variations)		31
2. بقا لاءِ جدوجهد (Struggle for existence)		33
3. فطري چونڊ (Natural selection)		34
4. سڀ کان وڌيڪ نهڪندڙ جي بقا (Survival of fittest)		35
2. ڪارل مارڪس		37
• نظريو		50
• مارڪس جا ٽي اهم فڪري ماخذ		53
1. جرمن فلسفو		53
2. برطانوي سياسي معيشت		55
3. فرانسيسي يوٽوپيائي سوشلزم		57
• مارڪس جي فڪر جا اهم نُڪتا		59
1. جدلي مادیت		59
ابتڙن جو ايڪوءِ ڇڪتاڻ		60
نفيءَ جي نفي		61
مقدار جو معيار ۾ بدلجڻ		62
2. تاريخي مادیت		64

3. سائنسي ڪميونزم 65
پورهيوءِ سرمايو 65
طبقاءِ طبقاتي سياست 66
ويگاٽپ 67
رياست 68
پورهيت جي حڪمراني يا پرولتاريہ آمريت 69
3. سگمنڊ فرائيڊ 71
• نظريو 84
1. انساني ذهن جي جوڙجڪ 90
شعور (Consciousness) 90
تحت الشعور (Sub Consciousness) 91
لاشعور (Unconsciousness) 92
خواب (Dreams) 93
اعصابي خرابيون (Neurological Disorders) 94
غلطيون (Errors) 95
مزاح (Humour) 96
2. انساني شخصيت جي جوڙجڪ 97
اڊ (ID) 97
انا (Ego) 97
مها انا (Super Ego) 99
3. نفسياتي، جنسياتي مرحلن جي واڌويجهہ ءِ نشونما 100
وات جو مرحلو (Oral Stage) 102
مقعدي مرحلو (Anal Stage) 102
فيلڪ مرحلو (Phallic Stage) 103
اِخفاءَ مرحلو (Latency Stage) 103
جينياتي مرحلو (Genital Stage) 104
ليبڊو (Libido) 104
نرگسيت (Narcissism) 106

پيش لفظ

هي ننڍڙو ڪتاب انساني تاريخ جي ٽن اهم ترين شخصيتن، چارلس ڊارون، ڪارل مارڪس ۽ سگمنڊ فرائيڊ جي باري ۾ آهي، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ رڳو Innovators نه هئا، پر تاريخ ساز شخصيتون پڻ هئا. هن ڪتاب جو ليکڪ نوجوان لکاري ڪبير پيل آهي، جيڪو ڪافي متحرڪ ۽ سرگرم ساڃاهه وند آهي. هن ڪتاب لکڻ جو سندس مقصد انساني تاريخ جي انهن ٽن اهم ترين مفڪرن جي فڪر ۽ حياتيءَ بابت سنڌي سماج کي باخبر ڪرڻ آهي.

مارڪس ۽ ڊارون ته تمام ويجها همعصر هئا، ۽ فرائيڊ هنن کان ڪافي ننڍو هو. ليکڪ انهن ٽنهي شخصيتن جي ڪهاڻي سندن بالڪپڻ کان شروع ڪري ٽوڙ اهڙي ته دلچسپ تخليقي ۽ افسانوي انداز ۾ ٻُڌائي ٿو، جو هڪ پڙهندڙ ۾ اڳتي پڙهندي رهڻ جو شوق ۽ اُتساهه وڌي ويجي ٿو. هي مفڪر، اوٽويهين (۽ ويهين) صديءَ جا وڏا نظرياتي دان ماڻهو هئا.

محترم ڪبير پيل، ڊارون جي ننڍپڻ جو نقشو پنهنجي تخليقي قلم سان اهڙو ته سهڻي نموني چٽيو آهي، جو پڙهندڙ کي تجسس ٿئي ٿو، ته هي سڀ ڪهڙي شخصيت جي بالڪپڻ جي باري ۾ لکيو ويو آهي. هن ڊارون جي ارتقا جي نظريي کي به ايتري سولي سنڌيءَ ۾ بيان ڪيو آهي، جو هڪ عام سنڌي پڙهندڙ به ان کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

ڊارون جي ارتقا جي نظريي، هن ڌرتيءَ تي وسندڙ هر انسان جي روايتي عقيدن ۽ خيالن کي جهنجهوڑي ڇڏيو. ماڻهوءَ ليکي ته جاندارن جون جنسون هڪ دفعو پئدا ڪيل ۽ نہ تبديل ٿي سگهندڙ آهن. پر ڊارون دنيا کي ٻڌائي ڇڏيو ته ائين ناهي: جاندارن جون جنسون (Species) هڪ دفعو پئدا ڪيل ناهن، پر اهي تبديل ٿيون آهن ۽ ٿي رهيون آهن. فطرت انهن کي تبديل ڪندي رهي ٿي ۽ نيون جنسون پئدا ڪندي رهي ٿي، ان لاءِ ڪنهن بہ فطرت کان مٿانهين قوت جي ضرورت نہ هوندي آهي.

رچرڊ ڊاڪنس پنهنجي ڪتاب "Books Do Furnish a Life" ۾ ڊارون کي مارڪس ۽ فرائيڊ سان گڏ اوڻويهين صديءَ جي ٽن عظيم مفڪرن مان هڪ ڳڻي ٿو. بيگل جهاز تي ڊارون جي لکيل ڊائري (The Voyage of the Beagle) ان عظيم سچ جون جهلڪيون ڏيکاري ٿي، جيڪو ڊارون دنيا آڏو بعد ۾ ظاهر ڪرڻ وارو هو.

اڄ سائنس جي تقريباً هر شعبي ۾ ارتقا کي مجيو وڃي ٿو ۽ سائنسدانن جي اڪثريت ۽ معاشري جا روشن خيال ۽ ساڃاهہ وند ماڻهو ارتقا جي نظريي کي دل سان قبول ڪن ٿا، پر عقيده پرست ۽ کي سائنسدان، اڄ بہ هن نظريي جا منڪر ۽ دشمن آهن. اڄ بہ سوشل ميڊيا تي وڏ ۾ وڏ بحث ارتقا جي نظريي ۽ خصوصي تخليق جي نظريي تي جاري آهي.

چارلس ڊارون: حياتياتي ارتقا جو نظريو پيش ڪرڻ

اهو ڊارون جو فطري سائنسن ۾ ايڏو ئي وڏو ڪارنامو آهي، جيڏو مارڪس جو جدلياتي ۽ تاريخي ماديت جي نظريي دريافت ڪرڻ سبب سماجي سائنس ۾ آهي. ڊارون ويهن سالن تائين پنهنجي نظريي کي پاڻ وٽ محدود رکيو، ڇو ته هن کي ان نظريي جي پڌري ٿيڻ تي مذهبي حلقن طرفان ممڪن ردعمل جو احساس هو. ڊارون جي روايتي تعليم ۾ دلچسپي نہ هجڻ ڪري، سندس والد هن کي هڪ پادري بڻائڻ ٿي گهريو، پر هن جي تحقيق هن کي مذهب کان ئي هميشہ هميشہ لاءِ پري

ڪري ڇڏيو. ڊارون پوءِ بائيبل جي هيءَ دعويٰ ڪڏهن به قبول نه ڪئي
ته انسان هن ڌرتيءَ تي رڳو چند هزار سالن کان موجود آهي. ڊارون
پنهنجي سوانح حيات ۾، جيڪا هن موت کان ٿورو اڳ لکي پوري ڪئي
هئي، پاڻ کي دهريو ظاهر ڪري ڇڏيو هو، پر اها سوانح حيات سندس
حياتيءَ ۾ ڇپجي نه سگهي. ڊارون جي گهر واري ايما، جيڪا هڪ
پڪي عيسائي عورت هئي ۽ بهشت ۽ دوزخ ۾ ايمان رکندڙ هئي، ڊارون
کي دوزخ کان بچائڻ لاءِ، پنهنجي اولاد سان گڏ ڊارون جي لکيل سوانح
حيات مان اهي اقتباس خارج ڪري ڇڏيا، جن ۾ ڊارون پنهنجي دهريي
هجڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح ڊارون جي ٻارن هن جي دهريت
مٿان پردو وجهي ڇڏيو. پر ڊارون جي پوٽي نورا بارلو بعد ۾ خاندان جو
راز فاش ڪري ڇڏيو. هن چارلس ڊارون جي سوانح حيات ٻيهر 1950ع
۾ ڇاپي ۽ ان ۾ اهي، سمورا اقتباس ٻيهر داخل ڪري ڇڏيا، جيڪي هن
جي ڏاڏيءَ ان مان ڪڍي ڇڏيا هئا. ڊارون پنهنجي سوانح حيات ۾ لکيو
آهي، ته "هن کي جوانيءَ ۾ ئي اندازو ٿي ويو هو ته بائيبل هڪ ڏندڪٿائي
ڪهاڻين جو مجموعو آهي، ۽ لوڪ ورثي جو حصو آهي، اهو خدا جو
ڪتاب نه آهي." هن اعتراف ڪيو ته "هن کي پنهنجي الحاد تي ڪڏهن
به افسوس يا پڇتاءُ نه ٿيو. هن کي پنهنجي الحاد ۾ ذهني سڪون ملي ٿو."

ڪارل مارڪس

مارڪس سموري انساني تاريخ ۽ معاشرن جي چنڊچاڙ ڪري،
ان جي بنيادي مرض کي نه رڳو سڃاتو پر ان جو علاج پڻ ٻڌايو.
انساني معاشري جو مرض، مارڪس جي نظر ۾ 'نجي ملڪيت' آهي ۽
ماڻهن جو قبضو هجڻ آهي.

مارڪس جي زندگيءَ تي نظر ڊوڙائجي ته معلوم ٿئي ٿو، ته
اوڻويهين صديءَ ۾ يورپ جي حالت ڇا هئي، سرمائيداري نظام ۽ ان
کي سهارو ڏيندڙ رياستون ته پنهنجي مڪروه استحصالي شڪل ۾ موجود
هيون. مارڪس جيڪو انهن استحصالي رياستن مٿان پنهنجين لکڻين

ھ تنقيد ڪري رھيو ھو سڄي حياتي بين الاقوامي درٻدريءَ ھ گذاري ڪڏھن جرمني ۾ ڪڏھن فرانس ھ ۽ ڪڏھن لنڊن ھ. مارڪس خراب معاشي حالتن ڪري پنھنجا ٽي ٻار وڃايا. پر ھو ڪميونسٽ نظريي جي شڪل ھ ھڪ اھڙو ٻار ڇڏي ويو. جيڪو ھڪ ڏينھن سموري انسان ذات کي نجات ڏيارينڊڙ ثابت ٿيڻو آھي.

مارڪس "ڪميونسٽ مينيفيسٽو" ۽ "داس ڪيپيٽل" ڪتاب لکي. دنيا جي پورھيت ماڻھن کي ھڪ نئين نظريي ڪميونزم سان ھٿيارينڊ ڪيو. ھن جي ٿي نظريي جو اھو ڪمال ھو. جو پھرين عالمي جنگ کان پوءِ دنيا جي نقشي تي ھڪ نئين سوشلسٽ رياست سوويت يونين. لينن ۽ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سربراھيءَ ھ قائم ٿي.

انساني تاريخ ھ ھي پھريون دفعو ٿيو (فرينچ انقلاب جي ناڪاميءَ کان پوءِ) جو پورھيتن جي راڄ واري ھڪ حڪومت قائم ٿي. اھو مارڪس جي ڪميونسٽ نظريي جي فتح ۽ ان جو پھريون عملي روپ ھو. اڳتي ھلي دنيا ۾ بن بلاڪن ھ ورھائجي وئي: سرمائيدار بلاڪ ۽ سوشلسٽ بلاڪ. جيتوڻيڪ سوويت يونين ٽُٽي چڪو آھي ۽ دنيا ھ سوشلسٽ ملڪن جو بلاڪ ھاڻي وجود نٿو رکي. پر پوءِ ب اڄ دنيا جي پورھيت عوام کي مارڪس جي نظريي جي سخت ضرورت ۽ ڪوٽ محسوس ٿي رھي آھي. ڇاڪاڻ ته سرمائيداري نظام جي معيشت استحصال تي ٻيڻل آھي. ٽي سگھي ٿو ته مستقبل ھ مارڪس جي نظريي جي عملي رياستي شڪل کا ٻي ھجي. جيڪا ھن ڌرتيءَ تان انسان طرفان انسان جي استحصال کي ختم ڪري ڇڏي.

سگمنڊ فرائيڊ

فرائيڊ يورپ ھ اھڙي دور ھ جي رھيو ھو. جڏھن مذھب جي ماڻھن تان ايڪا ڪافي گرفت موجود ھئي. جنسي مسئلن تي ڳالھائڻ ۽ انھن کي اظھارڻ. ھڪ منع ٿيل شيءِ (Taboo) ليکيا ويندا ھئا. اھڙي ماحول ھ فرائيڊ انسان جي جنسي جبلتن ۽ انھن کي اظھارڻ جي ڳالھ ڪري ڪکر ھ ڇڙ ڪڙو ھڻي ڇڏيو. ھن انسان جي شعور جي گھٽ، پر لاشعور،

تحت الشعور ۽ انهن سان لاڳاپيل خوابن جون ڳالهيون وڌيڪ ڪيون.
جيڪي ان دور ۾ بلڪل نيون هيون ۽ اڪثر ماڻهو، انساني ذهن جي
ڪل انهن پاسن کي ڪا خاص اهميت نه ڏيندا هئا. فرائيڊ لاشعور
۽ تحت الشعور ۾ لڪل ۽ سانديل احساسن ۽ تصورن کي ٻاهر ڪڍڻ
لاءِ علاج جو هڪ نئون طريقو دريافت ڪيو، جنهن کي تحليل نفسي
(psychoanalysis) سڏيو ويو. اڄ علمِ اعصاب (neurology) ۽ نفسياتي
بيمارين جي گهرڙياتي بنياد/سببن تي ڪيل جديد سائنسي تحقيق
جي موجودگيءَ ۾، فرائيڊ جي تحليل نفسيءَ جي علاج جي طريقي جي
ڪيتري اهميت ۽ افاديت آهي، اهو هڪ بحث طلب مسئلو آهي. اڄ
نفسياتي بيمارين جي بڻ بٽياد ۽ انهن جي جديد علاج ۾ گهڻي ترقي ٿي
آهي. ۽ سگمنڊ فرائيڊ جي ڪيل تحقيقي ڪم کي پوءِ به نظرانداز
نٿو ڪري سگهجي.

محترم ڪبير ييل هنن مضمونن ۾ ڪي اهڙا ادبي چاشنيءَ وارا جملا
لکيا آهن، جن کي مان هتي ڌهرائڻ ۾ سرهائي محسوس ڪيان ٿو:

- ٻُڪ جنهن جي شڪل سُڪل پنن جهڙي هوندي آهي.
- ٻُڪ جو جاگرافيائي نقشو پورهيت جو پيٽ آهي.
- هي ٻُڪَ معيشت جي ڪميٽي وهنوار جو ناجائز اولاد آهي.
- اها ٻُڪ معيشت جي غيرمنصفاڻي ورڇ جو اولاد آهي.
- هن جي حياتيءَ جي ورانڊي ۾ هالڪپڻ لفافي جيان اُڏامي رهيو هو.
- اهو سگمنڊ فرائيڊ، جنهن بنا نفسيات ائين آهي جيئن سنڌوءَ بنا سنڌ.

ليڪڪ هنن شخصيتن جي فڪر جي سمنڊ کي هڪ ڪُوزي ۾
سمائي آسان آڏو پيش ڪيو آهي. مون کي اميد آهي ته هي ننڍڙو ڪتاب
سنڌي پڙهندڙن جي معلومات ۾ وڌو واڌارو ڪندو.

ڈاڪٽر سڪندر مغل

مهاڳ

ٹي چٹنگ ڪري چمڪاٽ ايا

ڪبير پيل جو انساني تاريخ جا وهڪرا ڦيرائيندڙ ٽن عظيم شخصيتن، چارلس ڊارون، ڪارل مارڪس ۽ سگمنڈ فرائيڊ جي زندگي ۽ انقلابي ڪم بابت هي ڪتاب، تاريخ جي شاگردن، سياسي ڪارڪنن، ليکڪن، صحافين ۽ سِول سوسائٽيءَ جي ڪارڪنن لاءِ هڪ ريفرنس بُڪ آهي. هونئن تہ انهن ٽنهي شخصيتن جي زندگي ۽ جدوجهد بابت تمام گهڻو ذڪر لکڻين ۽ ڳالهين ۾ ٿيندو رهي ٿو پر سندن شخصيت ۽ ڪم بابت ايترو تفصيل سان سنڌيءَ ۾ ڪو ڪتاب منهنجي نظر مان ناهي گذريو.

سنڌ جي واريءَ سن پٽن ۽ ذهني طور زرخيز ماڻهن جي خطي ٽرپارڪر ۾، هڪ هاري گهراڻي سان تعلق رکندڙ ڪبير پيل سياسي ساڃاهه جي حوالي سان هڪ جاکوڙي ڪردار آهي. لکڻ پڙهڻ ۽ سکڻ سيکارڻ جي حوالي سان ڪبير جهڙا متحرڪ نوجوان سنڌ ۾ قومي جاڳرتا ۽ جاکوڙ لاءِ نهايت اُتساهه جو ڪارڻ آهن. سنڌ جي سياسي تحريڪن جي بنيءَ مان ڪبير جهڙا پڇي راس ٽيل روشن خيال ذهن، سنڌي سماج کي نيون اڳيرايون ڏئي رهيا آهن. سلوٽي سنڌي ۾ لکيل سندس هن ڪتاب جي اهم خوبي ان جو عام فهم هجڻ آهي. عام طور تي مارڪس جي حوالي سان جدلياتي ماديت، فرائيڊ جي جنسيات بابت بحث ۽ ڊارون جي ارتقائي نظريي تي ملندڙ ليک ڏکي ٻولي ۽ حوالن سبب پڙهندڙ کي جلد ٽڪائي وجهندا آهن. ڪبير انهن سمورين

اوڪين ڳالهين ڪي روزمرهه جي سلوٽي هولي ۽ سادن مثالن سان بيان ڪري هن ڪتاب کي دلچسپ بڻايو آهي، جيڪو پڙهندڙن کي ڪنهن آکاڻي جيان وڌندڙ لڳندو.

ويجهڙ ۾ سڌ اندر مذهبي انتهاپسنديءَ جي واقعن ۽ ان اڳيان سينو ساهي بيهندڙ سڌ واسين جي اتساهيندڙ مزاحمت وارن ڏينهن ۾ مون تاريخ مان پرائڻ لاءِ يورپ جي اونداهي دور جي هزارين ورهين ۽ ان مان جان آجي ڪرائيندڙ نئين جاڳرتا جي چار پنج سؤ سالن جي لاڳيتي جدوجهد تي تمام گهٽو مواد پڙهيو.

يورپ جي مفڪرن، سائنسدانن، محققن، چترڪارن، فنڪارن ۽ سياسي ڪارڪنن ڪيڏي نه زبردست جدوجهد ڪري، چرچ بادشاهت ۽ اشرافيه جي ٽڪسات کي ڇيڪي پور ڪيو. اهو تاريخ جو اتساهيندڙ باب آهي. ان دور ۾ يورپ اندر عوام کي ذهني غلاميءَ جي سنگهرن مان آجو ڪرائيندڙ مفڪرن جي هڪ وڏي فهرست آهي. هي ٽيئي ڪردار به انهن سوين سونَ جهڙن ماڻهن ۾ شامل آهن، جن انساني تاريخ کي ٻاڻ اونداهيءَ مان نجات جا گس ڏيکاريا.

اڄوڪي سڌ جي حالتن کي سمجهڻ لاءِ سياسي ڪارڪنن ۽ ليکڪن کي يورپ جي اونداهي دور جي تاريخ ضرور پڙهڻ گهرجي. اونداهي دور جي يورپ ۽ اڄوڪي سڌ ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙايون آهن. سڪندريا جي فلاسافر هائيپيشيا کي عورتن بابت، پادرين جي مؤقف جي مخالفت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گهلي ماريائون. ڪاپرنيڪس، پادرين جي انجيل جي حوالي سان ڪيل ان دعويٰ کي رد ڪيو ته ڪائنات جو محور ڌرتي آهي. هن ٽولي جي ان نظريي کي رد ڪندي تحقيق سان ثابت ڪيو ته دراصل ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي. چرچ سنڊس ڪتاب De Revolutionibus کي ۽ سؤ سال پابنديءَ هيٺ رکيو. برونو به ان ئي خيال جو حامي هو ته ساڳي وقت هن ڪائنات اندر هڪ کان وڌيڪ دنيائن جو تصور به ڏنو. چرچ کان مختلف خيال رکڻ جي ڏوهه ۾، برونو کي سن 1600ع ۾، روم ۾ جيئرو ساڙيو ويو. گليليو کي به ڪاپرنيڪس واري راءِ کي اڳتي وڌائڻ جي ڏوهه ۾ ڪافر قرار ڏنو ويو. ڪائنس معافي

وٺرايائون، پوءِ ڪيس نظربند ڪيائون. جنهن دوران 1642ع ۾ هو گذاري ويو. چرچ سندس ڪتابن تي بہ بندش وڌي. اهڙي ريت چرچ ڪان مختلف خيال رکڻ جي ڏوهہ ۾ هزارين ماڻهن کي عذاب ڏنا ويا. چرچ هڪ ڏهڪاءُ پکيڙي رهيو هو ۽ يورپ واسي سندس رحم ۽ ڪرم تي هئا.

يارهين صديءَ کان پوءِ يونيورسٽيون ڪُليون تہ مختلف فڪري ڏارائن ۽ سائنسي ڪوجنا لاءِ دروازا ڪُليا. انهن يونيورسٽين سان آيل فڪري اُپار کي وڏو وقت لڳو. 15هين صديءَ کان پوءِ يورپ ۾ فڪري جاڳرتا جي لهر جنم ورتو. اٽليءَ جي شهر فلورنس کان شروع ٿيل جاڳرتا جي لهر يورپ جي ڪُنڊڪڙ تائين پکڙجي وئي. 16هين صديءَ ۾ سائنسي نظرين ۽ ايجادن چرچ کي لوڏي ڇڏيو. 1543ع ۾ ڪاپرنيڪس جي heliocentric نظريي چرچ ۾ زلزلو برپا ڪري ڇڏيو. ڪاپرنيڪس چرچ جي ان عقيدي کي للڪاريو جنهن ۾ ڪائنات جو مرڪز ڌرتيءَ کي قرار ڏنو ويو هو. ڪاپرنيڪس چيو تہ دراصل سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ ڌرتي ان جي چوڌاري ڦري ٿي. اڳتي هلي 17هين صديءَ ۾ گليليو ان ٿيوريءَ کي اڳتي وڌايو. رومن چرچ جي عدالت گليليو جي تحقيقي ڪم کي مقدس لکٽين جي ابتڙ قرار ڏنو.

چارلس ڊارون جي ارتقا واري ٿيوري بہ نہ رڳو عيسائيت، پر ٻين مذهبن جي بہ انسان جي پيدا ٿيڻ واري ڏند ڪٿا کي رد ڪري ڇڏيو. 1859ع ۾ سندس ڪتاب (The Origin of Species) انسان جي ارتقا بابت هڪ بنهہ مختلف نظريو پيش ڪيو. ڊارون ويهين ورهين تائين پنهنجي ان ڪتاب کي ڇاپڻ ۾ دير ڪئي، جو ڪيس انديشو هو تہ برطانيا جي مذهبي استيبلشمينٽ ڇتي ٿي پوندي، هن ڌرتيءَ تي مختلف ساهوارن جي اوسر بابت پنهنجي مشاهدن ۽ تحقيق جي آڌار اهو نظريو پيش ڪيو جيڪو چرچ جي مذهبي عقيدي جي ابتڙ هو. 17هين صديءَ ۾ نيوٽن جي ڪشش ثقل واري قانون، فلڪياتي جسمن جي چرپر کي سمجهڻ لاءِ اهي بنياد فراهم ڪيا، جن تي جديد فزڪس جي عمارت کڙي ٿي آهي. ان کان اڳ ڏهين صديءَ ۾ پرنٽنگ پريس جي ايجاد ۽ مارٽن لوٿر پاران چرچ جي ڪوڙ بدوڙ کي پڌرو ڪرڻ کان پوءِ، چرچ جا بنياد ئي لڏي ڇڪا

هئا. پريس جي ايجاد سان بائيبل کي ڇاپي عوام تائين پهچائڻ ممڪن
ٿي پيو جنهن سان انجيل متان چرچ جي هڪ-هٿي ختم ٿي وئي. اڳي
پادري انجيل جي نالي تي پنهنجون هٿ ٽوڪيون تشريحون ڪندا
هئا ۽ عام ماڻهن کي پتو ئي نه پوندو هو ته انجيل ۾ ڇا لکيل آهي.

مارٽن لوٿر جيئن ته پاڻ به پادري هو تنهن ڪري کيس خبر هئي
ته انجيل ۾ ڇا ڇپيل آهي ۽ پادري کهڙا احوال ڪندا تا وتن. هن
انجيل جو جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو به ڪيو جنهن سان عام ماڻهن کي
انجيل بابت خبر پئي. هن پادرين ياران indulgences جو ڏنڈو رُلائي ڇڏيو
جنهن هيٺ پادري ماڻهن کان ڏوڪڙ وٺي، کين گناهن جي معافي ڏيارينڊا
هئا. لوٿر جو اعتراض هو ته خدا کان ماڻهو پاڻ معافي وٺن، ان وچ ۾ پادرين
کي پيسا ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هن سوال اُٺاريو ته پادرين کي
خدا جو نائب ڪنهن مقرر ڪيو آهي؟ ائين ئي جيئن پاڻ وٽ به مولوين
کي ٻارهئي ۽ ختمن تي گهرائي، ڪائنن مرحوم جي مغفرت لاءِ دعائون
گهرايون ويندیون آهن. مارٽن لوٿر جي thesis-95 واري دستاويز چرچ جي
هڪ-هٿي کي لوڙهي ڇڏيو. لوٿر جو اهو دستاويز چرچ جي ورهاڱي
جو بنياد پڻ بڻيو. ان سڄي جدوجهد جي نتيجي ۾ يورپ ۾ وڏي اُٿل پٿل
آئي. اڳتي هلي فرانس انقلاب ۽ سوويت انقلاب عوامي سگهه جا نوان
مثال قائم ڪيا. چرچ ۽ بادشاهت جي تڏا ويڙهه ٿي. سوويت انقلاب
پنڌيان مارڪس ۽ اينگلس جو ڪم اهم محرڪ رهيو. مارڪس نه رڳو
موڙي ۽ سرمائيدار جي ڳانڍاپي کي سائنسي بنيادن تي سمجهايو. پر هن
طبقاتي سوال کي نظرياتي بنياد فراهم ڪيا. جيڪي اڳتي هلي
سوويت انقلاب جو بنياد بڻيا. مارڪس جو ڪم انساني تاريخ ۾ انتهائي
اهم تبديلين جو بنياد بڻيو. سوويت انقلاب، سڄي دنيا ۾ ڪاپي ڏر جي
انقلابن جو بنياد رکيو ۽ سرمائيدار معيشت وارن ملڪن لاءِ وڏو مٿي
جو سور بڻجي ويو. مارڪس انساني تاريخ ۾ اهم ترين تبديليءَ لاءِ
جيڪا ذاتي پوڳنا پوڳي، اها تاريخ جو اهم باب آهي. تاريخ جا وڏا ڪم
ڪرڻ جي قيمت به وڏي پرٽي پئي ٿي. ڏيهه نيڪالي، معاشي ڏيوالپٽي
۽ جذباتي عذاب مان گذرندڙ مارڪس جي زندگيءَ جي ان پاسي کي

ڪتاب ۾ ڪافي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. مارڪس توڙي يورپ
۾ جاگرتا لاءِ جاکوڙبندڙ هزارين ماڻهن ان ڏوهه جي ڳري قيمت ادا
ڪئي. ڪيترن ئي نسلن اها قيمت ادا ڪئي، جنهن کان پوءِ وڃي هو
جهالت جي گُگهه اونداهيءَ مان آجو ٿيو. انهن سمورن ڪردارن بابت
تمام گهٽو مواد موجود آهي. انهن روشن خيال فلاسافرن، سائنسدانن،
محققن ۽ ليڪڪن جي زندگين جو احوال پڙهي اندازو ٿئي ٿو ته عظيم
مقصدن لاءِ ڪيڏيون وڏيون قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. هي ڪتاب
رڳو ٽن شخصيتن جو پروفائيل ناهي، دراصل هن ڪتاب ۾ اڃوڪي
سنڌ لاءِ سوچ جو سڌ آهي. انهن ٽنهي شخصيتن جنهن دور ۾ جدوجهد
ٿي ڪئي، اڃوڪي سنڌ ان دور کان گهڻي مختلف ناهي. اهڙين مهان
هستين ان دور ۾ هڪ پاسي عقيدي جي آڙ ۾، لکين ماڻهن کي ذهني
طور غلام رکندڙ چرچ شاهيءَ کي علم ۽ عقل وسيلي للڪاريو ته ٻئي
پاسي چرچ بادشاهت ۽ سندن ڳيجهو ٽولن جي استحصالي هٿڪنڊن
خلاف عوام کي منظم ۽ متحرڪ ٿي ڪيو.

يورپ جي اونداهي دور مان جان آجي ڪرائڻ لاءِ، جاگرتا جي
جدوجهد به صدين جو سفر هئي، جنهن ۾ سوين مفڪرن سائنسدانن نه
رڳو جانين جا نذرانا ڏنا، پر تحقيق، علم ۽ ايجادن وسيلي عقلي سوچ
جا دروازا به کوليا. اڃوڪي سنڌ ۾ به مذهبي انتهاپسند ٽولا سماج کي
يرغمال بنائڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهن. سنڌي سماج سهپ، رواداري ۽
مذهبن جي ميلاپ جو مرڪز رهيو آهي. سنڌي سماج شاهه عبداللطيف
جي 'عالم سڀ آباد ڪرين' واري عالمي امن جي فلسفي کي عملي
شڪل ڏيندي، مختلف عقيدن جي باهمي احترام سان گڏ جيئڻ جو
حوالو رهيو آهي. سنڌ جي انساني قدرن واري اها تاريخي سچاڻپ
انتهاپسند گروهن جي نشاني تي آهي. ويجهڙ وارن ورهين ۾، سنڌ اندر
انهن گروهن هندو نياڻين جي جبري مذهبي تبديليءَ جو سلسلو شروع
ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهه عرصو اڳ عمرڪوٽ ۾ هڪ ڊاڪٽر کي
توهين جي الزام هيٺ پوليس تحويل ۾ گولين جو بک بڻايو ويو. ان
غيرقانوني ۽ غيرانساني عمل ۾ ملوث پوليس عملدارن کي انتهاپسند

ٽي چٽنگ ڪري چمڪاٽ اڇا

گروهن پاران هار پارائي هيرو قرار ڏنو ويو. ان واقعي جي ردعمل ۾ سنڌ
اندر روشن خيال حلقن هڪ عوامي جدوجهد شروع ڪئي آهي، جنهن
کي ملندڙ موٽ مان اندازو ٿئي ٿو ته سنڌ واسين جي هڪ وڏي گهٽائي
مذهب جي آڙ ۾ انتهاپسنديءَ کي سنڌ مٿان ٽاڪڻ کي رد ڪري ٿي
ملڪ نهڙ کان وٺي سنڌ مٿان لکين غيرقانوني ڏاريا به مذهب جي نالي
تي مڙهيا ويا آهن ۽ سنڌ جي معدني، ساحلي ۽ ٻين قدرتي وسيلن
تورڙي ٽيڪسن جي آمدنيءَ کي به مذهب جي نالي ۾ هڙپ ڪيو ويو
آهي. سنڌ واسي مذهب کي عوامي ورثي مٿان ڏاڙي لاءِ استعمال ڪرڻ
کي پهرين ڏينهن کان رد ڪندا رهيا آهن.

سنڌ جو سيڪيولرازم ڪنهن مذهب جي خلاف ناهي، پر اهو مذهب
جي بنياد تي ٻين مذهبن وارن ماڻهن کي محڪوم بنائڻ ۽ سماج کي
غارن جي دور ۾ ڌڪيلڻ وارن روين جي خلاف آهي. هڪ مذهبي جماعت
جي اڳواڻ جڏهن اسلام جي نالي تي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ جي
حمايت ڪئي، ته سڄي سنڌ مذهب جي نالي تي سنڌين کي ٿورائيءَ ۾
بدلائڻ واري ان حمايت کي سختيءَ سان ٺُڏي ڇڏيو. هن صورتحال ۾
سنڌ کي به ڊارون، مارڪس ۽ فرائيڊ جهڙن ڪردارن جي ضرورت
آهي، جيڪي سنڌ ۾ انتهاپسندي ۽ وهم پرستيءَ خلاف مزاحمت کن
۽ پيڙهيل طبقن جي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف آواز اٺارين.

ڪبير پيل جو هي ڪتاب سنڌي نوجوانن جي سياسي سکيا جي
حوالي سان اهم مواد فراهم ڪري ٿو. هن قسم جا ڪتاب، مضمون ۽
سوشل ميڊيا جو مواد سنڌ ۾ جاڳرتا جي جدوجهد لاءِ انتهائي اهم آهن.
ڪبير جهڙا سڃاڻ سياسي ورڪر سنڌ جي قومي حقن واري جدوجهد
لاءِ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ عقلي سوچ ۽
سائنسي روين کي پکيڙڻ جي ڪوشش ۾ هن قسم جو مواد نهايت واکاڻ
جوڳو آهي.

نصير ميمڻ
اسلام آباد

پنهنجي پاران

انساني تاريخ جي رڙ ۾ ڪجھ اھڙا ڏاھا فرد ڦُٽا آھن، جن انتھاپسنديءَ جون اکيون کڻي، پنھنجي پيرن ھيٺيان ڏيئي، روايت پسنديءَ جا سمورا ليکا لتاڙي، وقت جي بي رحم واڇوڻن سان تاريخي ويڑھ ڪئي آھي. اھا ويڑھ بُنيادي طرح عقيدي ۽ عقل جي ويڑھ آھي، اونداھي ۽ روشنيءَ جي ويڑھ آھي، ظالم ۽ مظلوم جي ويڑھ آھي، سچ ۽ ڪوڙ جي ويڑھ آھي، صحيح ۽ غلط جي ويڑھ آھي، سڻي ۽ خراب جي ويڑھ آھي ۽ خوبصورتي ۽ بدصورتيءَ جي ويڑھ آھي.

چارلس ڊارون، ڪارل مارڪس ۽ سگمنڊ فرائيڊ، تاريخ جي ساز جي تند تپائيندڙ اھي تندرست ذھن ھئا، جن انساني شعور جي ارتقائي سفر مان فڪر انگيز نتيجا اخذ ڪري، انھن کي تخليقي، تنقيدي ۽ تحقيقي رنگ ڏيئي، پنھنجن نون ۽ عظيم نظرين جي خوبصورت ڪھڪشان جوڙي، عقيدن، غلط فھمين ۽ مونجھارن جي ڪاري رات ۾ چوڏھينءَ جو چنڊ ثابت ٿيا.

البتہ جتي جياپي جي جنگ لاءِ تلوارن جا رُکا وات رتورت ٿيا آھن ۽ سوپ جي شڪار لاءِ گھوڙن جي ٽاپولين کان وڌي بارود جي بدبو ۽ بندوقن جي ٽڪائن تاريخ جو سُڪ ڦٽايو آھي، اُتي قلم جي نوڪ سان لکيل سچ، شعور ۽ سونھن جون ڪمال، ڪھاڻيون تاريخ جي ھنج ۾ دادلي ٻار جيان رھيون آھن. جنگجو ھٿيار سان ماڻھو ماريندا آھن ۽

انقلابي مفڪر نظريي سان ماڻهو جياريندا آهن. عظيم آهن اهي انسان جيڪي پنهنجي جيءَ کي جوکي ۾ وجهي، پيٽ ٻُکايل، پيرن اگهاڙن ۽ عقيدن جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو ڪرٽو ثابت ٿين ٿا. بي زبان ماڻهن جو آواز انڊن لاءِ اکيون، ٻوٽن لاءِ ڪن ۽ غلامن لاءِ آزاديءَ جو شعور ثابت ٿيندا آهن. جيڪي اکيون ڳوڙهن جون بند ڪليون، خوابن جا خيما ۽ عمل جون عاشق هونديون آهن، اهي تاريخ جي اُپ تي تارا ٻڌجي چمڪنديون آهن.

چارلس ڊارون سائنس جي دُنيا ۾ ارتقا جو نظريو ڏيئي، ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ واري روايتي ڏندڪٿا جو ڪنڊ پيڇي ڇڏيو. ڪارل مارڪس ڪميونزم جو نظريو پيش ڪري، مظلوم عوام جي ڊگهي غلاميءَ جي ڪنڊ تي لت ڏيئي، سرمائيدارن جون ننڍون حرام ڪري ڇڏيون ۽ سگمنڊ فرائيڊ انساني روين جو شارح ٻڌجي دماغ جي دنيا جون ڳالهيون ماڻهن کي سمجهائي، اجاين وهمن جون وستيون اجاڙي ڇڏيون. انهن انسانن جو انساني شعور جي اوسر ۽ پنڌ ۾ فخر جوڳو تعميري ڪردار آهي. انهن انسانن پنهنجي حياتيءَ جو داستان تاريخ ساز ٻٽائڻ لاءِ اڪ اُلٽي ڌاري ۽ تنقيد جهڙي بي رحم تير جي گهاءَ کان بالاتر ٻڌجي، نوان اتساهيندڙ علمي ۽ فڪري ڪم ڪيا. انهن ڪمن جي ايتري اهميت آهي، جو شايد اهي ماڻهو ان ڏس ۾ اها علمي ڇال نه هڻن ها ته انسان جو شعوري پنڌ اڳتي گهٽو پوئتي ۽ پراهون هجي ها.

قومي ڪُرلٽ ۽ طبقاتي گهاڙي ۾ پيڙهيل سنڌي سماج جي فڪري بيهڪ ڪجهه ان قسم جي آهي، جو علمي غربت جو راڄ آهي. شڪ، سوال ۽ سچ جي ڳولا وارو زندگي گذارڻ جو غيرروايتي انداز صحيح معنيٰ ۾ متعارف نه ٿيڻ ۽ انقلابي سياست، سائنس ۽ نفسيات جي اڻڄاڻائيءَ جي عذاب، وهم پرستي، عقيدي پرستي، ڏيوالپڻي ۽ خوف کي ايترو وڌيو آهي، جو سوال ڪرڻ ڪفر ٿي پيو آهي. عوام جي گهٽائي اڄ به غربت، غلامي، بي حسي ۽ بيوسيءَ جو تقدير تي الزام هڻي ٿي: يوپن، پنڌتن ۽ پيرن کان پاڻي پڙهائي ۽ ڏاڳو وٽائي ٿي، جيڪي پاڻ پيٽ ۾ سور پوڻ تي فليجل مان ٽيڪ نٿا ٿين ته سائوٽ سٽي ۽ آغا خان



کان اورتي ٻيهن ئي نڻا! اهڙي قسم جي فڪري پسماندگيءَ واري سماج ۾ هن ڪتاب لکڻ جو مقصد سنڌي سماج ۾ انهن ٿنهي مفڪرن جي حياتيءَ فڪر کي متعارف ڪرائڻ آهي، ته جيئن سائنس، سياستءِ نفسيات بابت ماڻهن جا مونجهارا دور ٿين ۽ هو جهالت سان جنگ جوڻ جي جرئت ڪن.

بنيادي طرح هي هڪ تحقيق طلب فڪري موضوع آهي، پر هن ڪتاب کي مون تخليقي نثر ۾ لکڻ جي ڪوشش ان ڪري ڪئي آهي، جو اڪثر اسان جا نوان پڙهندڙ اصطلاح پسنديءَ جي ڪُليل ڏُکي ٻوليءَ کي سمجهي ناهن سگهندا ۽ ائين ڏُکي ٻوليءَ جو عذاب انهن کان مطالعي جو شوق پڻ کسي وٺندو آهي. مون انهي عيب کي محسوس ڪندي ڏُکين نقطن کي آسان ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آئون اها دعويٰ نٿو ڪريان ته هي ڪتاب متان ڪٽي ادبي ڇُڙواڳيءَ کان خالي هوندو يا عالمانه سنجيدگيءَ سان ڀرپور هوندو، ٽي سگهي ٿو ته هي ڪتاب ٻنهيءَ جي سرحد هجي.

آئون ٿورائتو آهيان ڪامريڊ بخشل ٿلهي جو جنهن مختصر وقت ۾ ڪتاب ايڊٽ ڪري ڏنو. وڏي مهرباني جاويد راڄپر، ناديه ۽ عزيز گل جي، جن منهنجي ان علمي پورهيي ۾ هٿ وندايو.

هيءُ منهنجو پهريون ڪتاب آهي. آئون محدود مطالعو ۽ مشاهدو رکندڙ سيکڙڻاڻ آهيان. جنهن ڪم کي درست سمجهندو آهيان ۽ ضرورت محسوس ڪندو آهيان، انهي کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. توهان جي مطالعاتي ۽ علمي اک ئي وڌيڪ فيصلو ڪري سگهندي ته آئون توهان کي هن ڪتاب ذريعي ڪيتري معلومات، ذهني سڪون ۽ قلب جو قرار ڏيئي سگهيو آهيان!؟ توهان جي راءِ ۽ اصلاحي تنقيد منهنجي علمي پنڌ کي وڌيڪ سگهه ۽ سياڻپ بخشيندي.

ڪبير ٻيل

10 نومبر، 2024ع

چارلس ڈارون

12 فیبروري، 1809ع-19 اپریل، 1882ع

1

هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن ماڻهو نينهن ۾ پريا نياپا خطن ۾ پري انتظاريءَ جو عذاب خوشيءَ سان قبولينداهئا. ايا وقت جي هٿ تي لاٿونءَ جيان تيز ڦرندڙ حياتيءَ جي حصي ۾ هوائي جهاز، موٽر گاڏي، ٽيليفون، ڪمپيوٽر، بلب، ٽيليويزن، ريڊيو ۽ ريفريجريٽر جهڙيون سهولتون ڪونه آيون هيون. ڏگهي سفر جي مسافري ساموندي جهازن جي بِلي هوندي هئي ۽ ننڍي مسافريءَ جو بار بيل گاڏين، ٽانگن ۽ اُٺ گاڏين تي هوندو هو. عقل جون آڱريون زماني جا زلف ڇُهندیون هيون ته عقيدو تپي ٽاندو ٿي پوندو هو. سبب ۽ نتيجي جو شعور پيرڙا کٽي رهيو هو ۽ فرانسيسي انقلاب جون اضطرابي لهرون سموري يورپ کي لوڏي رهي رهيون هيون. پاڻ ڳالهه ڪري رهيا آهيون اوٽويهين صديءَ جي!

اوٽويهين صديءَ جو اڳڻ انتهائي خوبصورت آهي، ان ڪري نه ته خيال پرستيءَ جا خماريل صبح ٽيڻ جا خواب نه ڏسندا هئا، پر ان ڪري جو اوٽويهين صدي تاريخ جي عدالت ۾ پنهنجو فڪري ڪيس وڙهڻ لاءِ دليلن، ثبوتن ۽ شاهدن سان پيش ٿي هئي ۽ ڪيس کٽي ڏيکاريو هئائين، جنهن جو شان مان سان جشن، سائنسي فڪر ۽ سماجي شعور اڄ به ڪندو رهي ٿو.

هينئر جڏهن هيءُ ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي ۽ توهان جون اقبال مند اکيون صفحن جو سير ڪري رهيون آهن ته توهان اهو ضرور سوچيندا هوندا ته مون سؤ سالن کي ڪيسي ۾ وجهي، تاريخ جي سيني

تي گلاب جيان ڦُٽي ايندڙ اوٽويهين صديءَ جو تعارف ڇو ڪرايو آهي؟ ڇو جو آئون توهان کي هڪ وڏي ماڻهوءَ سان ملائڻ ويڄي رهيو آهيان ان کان اڳ جو اهو ماڻهو اڇي توهان جي دل ۾ ديرو ڇمائي ويهي رهي، سڀ کان پهرين سمجهي وٺو تہ وڏو ماڻهو اهو ناهي، جنهن وٽ ڏن دولت جا انبار آهن، پر وڏو ماڻهو اهو آهي، جنهن جي ڏن دولت سرت ۽ سمجهه آهي، ۽ ظاهر آهي آئون توهان کي جنهن انسان سان ملائيندس، ان جي تعريف مان دنيا اڄ تائين ڏاڍي نہ ٿي. ۽ ان ماڻهوءَ سان ملڻ لاءِ توهان کي بس ڏيان جو لباس پاتل هجي ۽ پروڙ جي پرفيوم لڳل هجي.

هو جڏهن ڇائو هو تہ 'اوئان اوئان' جو آواز فقط ڪمري جي خاموشي چيري سگهيو هو، پر جڏهن هن مٿان اڏرڻ عمر لٽي ۽ هن جو نظريو ظاهر ٿيو تہ سمورن مذهبن جي عقيدن جا بُت ڀڄي پور پور ٿي پيا هئا ۽ 'توبهہ، توبهہ!' جا آواز دونهين جي لاٽ جيان پري پري تائين پکڙجي ويا هئا. هو هڪ سهڻي شاهي گهر ۾ ڇائو هو. سندس گهر جي پويان هڪ درياهہ شينهن جيان گجگوڙ ڪري وهندو هو. ان جون ڇوليون لتا جي آواز جهڙا دل آويز سُر آلاپيندیون هيون. درياهہ جي ڪناري تي پانت پانت جا پکي پيار جا نوان گيت ڳائيندا هئا. گلن ڦُلن جي سڱنڌ تي پونئر اڇي پيرو ڪندا هئا ۽ درياءَ پرسان ئي لاٿوڙي جهڙي هڪڙي ٽڪري هوندي هئي. ٽڪريءَ ۾ فطرت جي سڌ جا پڙاڏا، درياءَ بادشاهہ جا لشڪارا، پوپٽن ۽ گلن جي گفتگوءَ جا پُرامن آواز، موسم ۽ ماحول، صفا اڪين سان ٻُڌڻ جهڙي موسيقي لڳو پيو هو!

هو ننڍڙو هو تہ قميص ڪلهي تي رکي، پاڙي وارن شرارتي ٻارن سان سمنڊ تي وهنجڻ ويندو هو. اڄا هو ٻالڪپڻ جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو هو، زندگيءَ جي پنڌ جي ڊگهي مسافري باقي هئي تہ اٽن سالن جي عمر ۾ سندس پيار وچان لولي ۽ لولو ڏيندڙ امڙ گُذاري وئي. هر ٻار جيان هن جي دل مٿان بہ درد جي دونهين جا بادل ڊوڙڻ لڳا. هن جي ماڪ جي ڦُڙن جهڙي شفاف دل اڄا امڙ جي وڇوڙي جو عذاب مس سهي رهي هئي تہ ساڳئي سال ڪيس اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. اها بهار جي موسم هئي، پر هن جي دل سرءَ جي گهاٽي گهيري ۾ هئي. هي فقط هڪڙو سال اسڪول ويو. هن

کي جيو ويو ته هي سنڊس پيٽ ڪيٽرپين کان پڙهائيءَ ۾ جڏو آهي. امڙ جي وڇوڙ جي ڏنگ جهڙي وڇوڙي کان اڳ ۾ اسڪول ۾ داخلا کان پهريان ئي هن جي دل ۾ فطرت جا فانوس هڙڪ شروع ٿي ويا هئا. پار مٽيءَ جا راندڪا ٺاهيندا آهن، واريءَ ۾ پيوت ٿي ريل ۾ ڊوڙون پائيندا آهن يا ماءُ سان ضد ڪري پاڻيءَ واري چانهه جا ۽ پيالا ڏوڪي ويندا آهن، پر هو بلڪل به نئون ۽ نرالو هو.

طبعي تاريخ جو شوق ۽ خاص ڪري ان مان نتيجا اخذ ڪرڻ جو جذبو هن جي سمورن بقايا شوقن کان گوءِ ڪٽي ويو هو. ڪُتا، بلا ۽ ڪوئا هن جا گهاٽا دوست هوندا هئا. هو پوٽن جا نالا چاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ گُل ڏسي، ان جي پوٽي کي سڃاڻڻ جي اُڃ هن جي دماغ جو گلو خشڪ ڪري ڇڏيندي هئي. هن مختلف سِگ، مچري، سگن ۽ ٻيون مختلف معدني شيون جمع ڪرڻ شروع ڪيون هيون. شين کي جمع ڪرڻ جي جنون هن کي بااصول، حقيقت پسند ۽ فنونِ لطيفه ۾ باڪمال بڻائي ڇڏيو هو!

هن جي حياتيءَ جي وراندي ۾ بالڪپڻ لفافي جيان اُڏامي رهيو هو، شرارت ۽ شوق سان ڀرپور بالڪپڻ... هو ماڻهن جو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ دلچسپ قسم جا ڪوڙ پڻ هڻندو هو. هڪ ڏينهن درست وقت جي ته خبر ناهي، پر سج صفا گهر مٿان اچي ٻيهي رهيو هو. هي ان وقت لکندو لکندو ويو ۽ گهر جي بلڪل ٿورو پريان آباد باغ مان ميوا پٽي آيو ۽ گهر جي پٽ وٽ پوري ڇڏيائين ۽ پوءِ وڏي آواز ۾ چيائين: اچو اچو، هي ڏسو مون زمين ۾ پوريل صفا تازا تازا ميوا ڏٺا آهن. اهڙا ڇرڪائيندڙ ڪوڙ هڻڻ تي وقتي طور هي گهٽن جي نظرن جو مرڪز بڻجي ويندو هو.

فطرت جي جهول ۾ پيل نرالين شيون پرکڻ جو عشق هن جي سر تي سوار هوندو هو. هن کي بيضا جمع ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو ۽ ڪنديءَ سان مچي مارڻ جو پڻ! هو اڪثر مهاڻن سان گڏجي درياهه تي ويندو هو ۽ ڪُنديءَ ۾ لِٽ ڦاسائي، درياهه ۾ ڇڏي، سڃو ڏينهن درياهه جي ڪناري تي گذاري ڇڏيندو هو. مهاڻا پيٽ ۾ لڳل بُک جو ڪنڌو ڪيڻ لاءِ ڪُنديءَ ڦاسائيندا هئا ۽ هي فطرت جي منجهيل سُٽ

سلجهائڻ لاءِ ڪنڊي ڪاسائيندو هو. مهاڻا ۽ مڇيون مري ويون، پر سائنس جي ليلي جو مجنون زنده آهي!

هي هو ته ڪُتن جو دوست، پر هي جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ هوڙ اسڪول ويندي هڪ ڪُتي کي هن ڪن ۾ زور سان ڇڪ هنيو هيو. ڪُتي اهڙا ته اُپ ڏارينڊڙ ڪوڪ ڪيا هئا، جو هن جي دل پيڇتاءِ جي احساس ۾ ائين ڪاسي پئي هئي، جيئن معصوم پار جي آگر در ۾ اچي چيپاٽجي ويندي آهي. پوءِ سڄي زندگي جڏهن هي اُتان گذرندو هوڙ هن جي ڪنن ۾ ان ڪتي جي ڪوڪٽن جا پڙاڏا پيا گونجندا هئا.

جڏهن خزان ڏرتيءَ تي لهندي آهي ته وٽن مان پن ڪِرندا آهن ۽ جڏهن خزان دل تي لهندي آهي ته اکين مان ڳوڙها ڪِرندا آهن. هي پن-ڇڙ جي موسم هئي، وٽن جا والا ڇٽي رهيا هئا ۽ هوڏي هوا، ڇٽيل پن اُڏاري رهي هئي. قميص ڪُلهي تي رکي سمنڊ تي وهنجڙ لاءِ ويڙ واري پارڙي ڪتي کي ڪن ۾ چڪ پائيندڙ شرارتي، جيت گڏ ڪرڙ جي جنوني ۽ مڇي ماريندڙ دریاءَ واري ڇوڪري جو ٻالڪپڻ هاڻ جوانيءَ طرف وکون وڌائي رهيو هو. پرائمري اسڪول ۾ هن کي ڪمزور شاگرد قرار ڏنو ويو هو، تنهن ڪري سندس پيءُ پنهنجي دوست ڈاڪٽر بٽلر جي اسڪول ۾ داخل ڪرايس، جيڪا ان وقت جي گهڻي مشهور درسگاهه هُئي. هي اتي ست سال پڙهيو. ان دوران هن جي مٽين ڇپ جي مٽان جوانيءَ جي ساوڪ ڦُٽي چڪي هئي. هُو سورهن سالن جو ٿي ويو هو!

بٽلر جو اسڪول هن جي درست پرورش نه ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ جو اُتي پراڻي يوناني طرز جي پڙهائي هوندي هئي ۽ بورنگ ڪلاس هلندا هئا. هو ڪنهن به ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪري نه سگهيو هو. ڪتن، ٻلن، ڪوئن، پوپٽن، ڏيڏرن ۽ مڇين کي گڏ ڪرڻ سان گڏ هن جو ٻيو شوق شاعري هوندو هو، جيڪو سندس دل جي آسمان تي لغڙ جيان پيو اُڏامندو هو. هي ۽ هُن جهڙا ٻيا دوست سڄو ڏينهن شاعريءَ جي مصرعن ۾ مُنڊا ٻيا هوندا هئا. اسڪول ۾ هن کي ورجل ۽ هومر جون پنجاهه سٽون رٽائيندا هئا، پر ان مشق کي فضول سمجهندي، هي هوريس جا ريل گاڏي جيڏا ڊگها نظم پيو پڙهندو هو، جيڪ نظم هن



جو دماغ ۾ خوشبوءِ جيان پکڙجي ويندا هٿا ۽ هو انهن مان لطف اندوز ٿيندو هو.

هن جڏهن اسڪول ڇڏيو تہ هن جي عمر نہ وڏي هئي ۽ نہ ننڍي. مطلب تہ سندس عمر جوانيءَ جي مها منڇ تي مهمان خاص بڻيل هئي! هن کي يقين هو تہ سندس مائٽ ۽ اُستاد کيس عام شاگرد جي معيار کان بہ گهٽ سمجهن ٿا. هڪ ڏينهن تہ هن جي پيءَ غور سان جائزو ورتندي چئي ڇڏيو تہ توکي ڪنهن ڳالهہ جي پرواهہ ناهي، سواءِ ڪتن ۽ ڪوئن جي پويان پڇڙ جي. انهن افعالن سان تون منهنجي ۽ پوري خاندان جي عزت متيءَ ۾ ملائيندين.

هن جي جوان ٽيڙ تائين جيڪي بہ سرگرميون هن طرفان ڪيون ويون هيون، ان حساب سان هي مائٽن جو ڪپوت پُٽ ۽ اُستادن جو نافرمان شاگرد سمجهيو ويو هو. هن جي هڪڙي ڳالهہ ڏيئي جي لاٽ جهڙي هئي، جيڪا بعد ۾ مشعل بڻي. اها هئي هُن جو عجيب شين کي پرکڻ جو ولولو ۽ ڏُکيائين کي سمجهڻ جي اٽڪٽ خواهش. هو مختلف ڪتاب پڙهڻ جو شوقين هو ۽ عام طور تي ٽلهين ٽلهين پتين ۾ ٿهيل ڊمپل جهڙين درين ۾ ويهي پيو ڪتاب پڙهندو هو. اسڪول جي ڏينهن ۾ هن کي هڪ ڪتاب عجائباتِ عالم هٿ اچي ويو. ان کي پڙهيائين. اتان هن ۾ پري پري جا مُلڪ ڏسڻ جي خواهش پيدا ٿي، جيڪا پوءِ سامونڊي سفر جو مُحرڪ بڻي.

هن ۾ شڪار ڪرڻ جو شوق ڪنهن ديوَ جيان جاڳيو هو، پر اهو نطرت دوستيءَ جي پهاڙ ۾ پُورجي ويو. هڪ دفعي هو هڪ ساحلي علائقي ڏانهن ويو، اتي ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ جي هڪ ڪينئين هن کي حيران ڪري ڇڏيو. هو جيڪا بہ نئين شيءِ ڏسندو هو، اها هن لاءِ حيراني ۽ اُڻ تُڻ جو سبب بڻجندي هئي. هن هيڪر سوچيو تہ انهن کي ماري گهر کڻي اچي، پر يڪدم خيال آيس تہ جيتن کي مارڻ کو ڇگو ڪر ڪونهي.

اسڪول جي ختم ٽيڙ تائين هن جي وڏي ڀاءُ ڪيميا ۾ ڪافي ڪر ڪيو هو، جيڪو هن کان اڳ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هو.

هُن گهر ۾ هڪ تجربي گاهه ٺاهي هئي، جيڪا گهر جي اندر باغ ۾ هئي. هن کي به اجازت هئي ته هو تجربي گاهه ۾ وڃي پاڻ کي گهر ۾ هٽ وندائي. هن اتي هينري پارڪس جي (Calalism Chemical) تي ڪم ڪيو. اهو ڪم هن لاءِ تمام گهڻو اهم ثابت ٿيو. ايستائين جو هو رات جو دير تائين ان تي ڪم ڪندو هو. اسڪول دوران هي عرصو هن لاءِ تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيو، ان لاءِ ته ان عرصي دوران هن تي سائنسي تجربن جو علمي مفهوم واضح ٿيو هو.

هن ڪيمسٽريءَ تي ايترو ڪم ڪيو جو اسڪول جا ٻيا سڀ شاگرد هن کي 'گئس' چوندا هئا. هي گئس جي نالي سان سڃي اسڪول ۾ مشهور ٿي ويو. ڪيڏانهن ويندو هو ته طنزيه انداز ۾ چوندا هئا، گئس ٿو وڃي! ايندو هو ته چوندا هئا، گئس پيو اچي! مطلب، گئس هن تي نالو پئجي ويو. هو سائنس جو عاشق هو ۽ معشوقه هن جي سائنس هئي.

هڪ ڏينهن ته ماڳهين اُستاد متس ڏمرجي ڳاڙهو لال ٿي ويو، اهڙو جهڙو ٿاندو! چيائين، 'تون رڳو اجاين ڪمن ۾ پنهنجو وقت ٿو ضايع ڪرين، ڪم جو ناهين. خام آهين، ڪجهه به نه ڪري سگهندين ڪجهه به...'

پرائمري اسڪول ۾ هڪ سال پڙهيو. اتان نڪمو ڇڻي ڪڍيائونس. پٽس بٽلر جي اسڪول ۾ داخل ڪرايس. اتي چيائون، 'ڪمزور آهي.' وري بابا ڪيمبرج يونيورسٽي موڪليس. اتي تعليمي نصاب ۾ عدم دلچسپي پيدا ٿيس. تعليمي ادارن ۾ هن کي جٽان ڪٽان ڏڪاريو ويو يا وري هن جي دل ٻَرجي ٿي ويئي. ڇاڪاڻ جو هن جي دماغ ۾ تحقيق جو تارو چمڪي رهيو هو ۽ دل ۾ شوق جا قوتا ٺهي ۽ ڏهي رهيا هئا. اسڪول ۾ هن جي ڪارڪردگي ڇڳي ڪانه هئي، تنهن ڪري پيءُ هن کي اسڪول ڇڏائي، سندس پاءُ سان گڏ ايڊن برگ يونيورسٽيءَ موڪليو، جتي هو 2 سال پڙهيو، پر اتي پڻ سندس دل ڪٽي ٿي ويئي ۽ اتي به هي پنهنجا تحقيقي تجربا ڪندو رهيو.

ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ ٻه سال مڪمل ڪرڻ پچاڻان، جڏهن هن جي مائٽن کي اوچتو خبر پئي ته هي ڊاڪٽر ٿيڻ نٿو چاهي ته مائٽن خط ۾ جواب لکي موڪليس ته پوءِ ڪيس پادري ٿيڻ گهرجي. هن ڪجهه



وڃڻ لاءِ وڃي پاڻري ٿيڻ لاءِ گهربل علم به پڙهيو. انهن ئي ڏينهن ۾ هن جي زندگي تبديل ڪندڙ تاريخ جو وڏو ماڻهو بنائڻ لاءِ هڪ خبر هڪ خط جي صورت ۾ وٽس پهتي. اهو خط هن جي دوست هينسلو ٻيال ذريعي هن کي موڪليو هو. جنهن ۾ لکيل هو ته برطانيا سرڪار مختلف لاپائتا علائقا ڏسي وائسي فتح ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ ايڇ. ايس. ايم بيگل 2 نالي ساموندي جهاز ذريعي سفر شروع ٿيندو. سرڪار کي هڪ اهڙي فطرت دان جي ضرورت آهي، جيڪو انهن سان گڏ هجي.

هن جي جڙ ياڳ پڙي ڪلي وئي! ڪيس مائٽن موڪل نٿي ڏني. مامي کي چورائي. زوريءَ موڪل وٺي، پنهنجا ٻيڙ ڪٽي جهاز ۾ وڃي ويٺو. جڳهه هٿي ڪونه. صفا سوڙهه ۾ ڪڙ ٿيو ويٺو رهيو. بحري جهاز ۾ سالن جي سير لاءِ نڪتو هو. سمنڊ ۾ جبل جيڏيون ڇوليون جهاز سان ٽڪرائجنديون هيون. جتي جتي جهاز ڪنهن ٻيٽ تي ٻيٺو ٿي، ٻيا پنهنجو ڪم ڪندا هئا. پر هي جيت ۽ پنڊپهڻ گڏ ڪندو پيو وتي! جهاز ۾ مختلف ٻيٽن ۽ علائقن ۾ هن حيرت انگيز جيت پنڊپهڻ ٽيل ڏٺا. جن کي ڏسي، هن تي فطرت حيرت جا نوان تاڪيا کوليندي وئي. هو سمورا جيت، جانور ۽ هڏا جهاز ۾ گڏ ڪندو ويو. ائين هو دنيا جا وڏا وڏا ٻيٽ ۽ علائقا گهميو ۽ مختلف شيون سکندو رهيو ۽ ان سموري سفر جي روئداد هو پنهنجي ڊائري ۾ لکندو رهيو. ٻن سالن لاءِ نڪتل جهاز کي پنج سال لڳي ويا. پنجن سالن کان پوءِ جڏهن هو واپس وطن وريو تہ هن مٿان ارتقا جو راز کلي چڪو هو.

هن ايندي ئي لکڻ پڙهڻ جو ڪم تيز ڪري ڇڏيو ۽ سندس جواني پڻ هاڻ آهستي آهستي پوڙهپ ڏانهن وکون کڻڻ لڳي هئي. شاديءَ جو سوال به هن اڳيان اڇي ڳُر ڪٽي بيهي رهيو. سندس خيال هو تہ شادي منهنجي ڪم ۾ رڪاوٽ بڻجندي، ان ڪري نہ ڪندس. نيٺ هن ايما نالي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن جا شفتالوءَ جهڙا ڳل ۽ گهنڊيدار وار هئا ۽ ڳلن ۾ ڇُڳهه هئس. هن جي شادي ۽ هن جو پهريون ڪتاب هڪ ئي سال رونما ٿيا، پر هي شهرت جي بلندين تائين تڏهن پهتو، جڏهن هن نسلن جو بڻ بنياد (The Origin of Species) لکيو.

هن کي چالاڪيءَ ۾ سادگيءَ ۾ چالاڪي رکندڙ سمجهي ايما مان چوڏهن هار ٿيا. ايما ننڊڙي هئي ته انبڙيءَ مهانڊي هوندي هئي وڏي ٿي ته سندس چهرو چيريل ڏاڙهونءَ جهڙو ٿي ويو. جڏهن ايما سان هن لانئون لڏيون ته سندس شاديءَ ۾ خاندان جا ڪل اٺ ياتي شريڪ ٿيا هئا ۽ ٻيا مهمان دوست هئا. ايما هن جي سؤٽ هئي. هن وٽ هاڻ فقط هڪڙيون پتيون هيون ۽ ٻيو وقت هو. وقت گهوڙو ته ڪونہ هو جو سندس واڳ هٿن ۾ وٺي ڪيس روڪي سگهي، تنهن ڪري هي بس لکندو رهيو. هن ڪل چوڏهن ڪتاب لکيا، جن مان نسلن جو بُڌ بڻياد (The Origin of Species) ۽ (The Descent of Man) گهڻو مشهور ٿيا. وهي جي هن واٽ تي بيماريءَ جهڙي بلا اچي منهن ڪڍيو. هي پوڙهو ٿي رهيو هو. بيماريءَ جي خاموش بارود کان بچڻ لاءِ هن گڏجاڻيون ۽ ملاقاتون محدود ڪري ڇڏيون ۽ رڳو گهر جا يار ۽ ٻوٽا سنياليندو هو ۽ ٿي چار ڪلاڪ پوءِ ٻه ڪتابن جي صفحن تي ليٽيل لفظن کي نظر جو گلاب هٽندو هو.

هو هاڻ وڏي ۽ اڇي ڏاڙهيءَ وارو ٿي ويو هو، جهوني وڻ جهڙو ڏاڙهيءَ وارو ماڻهو. هو پنهنجي چهري جي خزاني ۾ مرڪن جو سرمايو ڪري ويندا هئا. هن جي حياتيءَ جي وڻ مان ڏينهن پن پن ٿي ڇڻي رهيا هئا. هن ته چاهيو ٿي ته هو موت کي ڏانوڻ وجهي، سائنس جي رستي تي زندگيءَ کان وڌيڪ سراڻا ڪرائي، پر ائين نہ ٿي سگهيو. نيٺ دنيا ۽ ڏرتيءَ کي ڏوڏيندڙ هي ڏاهو شخص ٽيهتر سالن جي عمر ۾ 19 اپريل، 1882ع ۾ گذاري ويو. هن جو مرده جسم لنڊن جي هڪ قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي ۽ هن جو نظريو ۽ زندگي اڄ ڪروڙين انسانن جي دلين ۽ دماغن ۾ زنده آهي. دنيا ان ڏاڙهيءَ واري شخص کي چارلس ڊارون جي نالي سان سڃاڻي ٿي. اڄ هو هڪڙن جي اک جو ڪنڌو بڻيل آهي، ته ٻين لاءِ ارتقا جي علم جو جهنڊو بلند ڪيو بيٺو آهي.

2

هڪ اهڙو سفر جنهن ارتقا جا اصول پڌرا ٿيا

بيگل هڪ تمام وڏو بحري جهاز هو، جنهن جو اڳواڻ ڪپتان رابرٽ فٽزراءِ هو. هو موسميات جو ماهر به هو، جيڪو روزانو تارا ۽ آسمان ڏسي اندازو لڳائي وٺندو هو ته موسم اڄ ڪيئن هوندي ۽ اڪثر هن جي اڳڪٿي درست ثابت ٿيندي هئي. فٽزراءِ کي بيگل- 2 جو ڪپتان ان لاءِ چونڊيو ويو هو، جو ان ئي جهاز جي اڳوڻي ڪپتان پرنگل اسٽاڪس سفر دوران ئي سخت ڊپريشن جو شڪار ٿي، پاڻ کي مٿي ۾ گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. ڪيپٽن فٽزراءِ به بيگل- 2 جي پنجن سالن جي سفر کان پوءِ ڪئي خودڪشي ئي هئي، پر ان جا سبب ٻيا هئا.

بيگل- 2 جي نئين ڪپتان فٽزراءِ اشتهار ڏنو ته هو سفر ۾ ڪنهن نوجوان طب جي ماهر يا ارضيات جي ماهر کي پنهنجي ڪيبن ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هن اهو ان لاءِ ڪيو، جو ته هُن کي ان ڏکوئيندڙ ترين ساموندري سفر ۾ ذهني ڊپاءَ کان بچڻ لاءِ هڪ پڙهيل ڳڙهيل انسان جو ساٿ گهربل هو. چارلس ڊارون ان وقت هڪ نوجوان گريجوئيٽ هو ۽ ڪيمبريج يونيورسٽيءَ مان تازو B. A ڪري آيو هو. هن کي ٻوٽن ۽ جانورن سان محبت پنهنجي ڏاڏي ارسمس ڊارون کان ورثي ۾ ملي هئي. جتي ڪيپٽن فٽزراءِ ڊپريشن جو شڪار هو، اتي چارلس ان جي ابتڙ خوش رهڻ وارو ماڻهو هو. هنن جو گڏجڻ سٺو سنوڻ ٿي پئي سگهيو. پر جڏهن بيگل- 2 لنڊن جي ساحل تان 1831ع ۾ سفر جي

شروعات ڪئي ته هنن جي ٽوري گهٽي جهڪ جهڪ شروع ٿي وئي
هن ائٽڪٽ سفر ۾ ڪپتان ۽ چارلس ڪيبن اندر گرما گرم بحث ڪندا
هئا. حقيقت ۾ ڪيپٽن فٽزراءِ عيسائيت جو پوئلڳ هو ۽ بائيبل جو
وقت پاڻ سان گڏ رکندو هو ۽ پڙهندو به هو. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ ئي
سڄي دنيا ۾ غلامي ختم ڪرڻ يا جاري رکڻ بابت بحث مباحثا ٿيا
هلندا هئا. ان ڪيبن ۾ چارلس غلاميءَ جي خلاف ڳالهائيندو هو ته
غلامي نه هئڻ گهرجي. جڏهن ته فٽزراءِ غلامي جي حمايت ڪندو هو ۽
بائيبل مان ان جا دليل ڏيندو هو ته جڏهن چرچ غلاميءَ کي ختم نٿو
ڪري ته اسين ڇو ڪريون؟

اهڙيءَ طرح ڪيپٽن جي ڪيبن ۾ جيڪو ٻيو بحث زور ۽ شور سان ٿيندو هو، اهو ان دؤر جو وڏو تڪرار هو ۽ اهو تڪرار هو مستحڪم يا غير مستحڪم جنسن (Fixed or non-fixed species) متعلق. ڪپتان فٽزراءِ جو مڃڻ هو ته سڀ اسپيشيز فڪسڈ آهن ۽ اهي بس ڇهه ست هزار سال اڳ هڪ ئي مهل دنيا ۾ رکيون ويون هيون. جڏهن ته چارلس ان خيال تي سوال اٿاريندو هو ۽ پڇندو هو ته جيڪڏهن جنسون مقرر ٿيل آهن ته هڪجهڙن جانورن جون ايتريون مختلف جنسون ڇو آهن؟

جيڪڏهن سڀ جانور هڪ ئي پيري ۾ ٺاهيا ويا هئا ته انهن پندپهڻ ٿيل لکن، ڪروڙن جانورن جون جنسون ڇو ختم ٿي ويون؟ تنهنڪري انهن ٻنهي ۾ ڪيبن اندر گرما گرم بحث هلندو رهندو هو.

ايڇ. ايم. ايس. بيگل، جيڪو حقيقت ۾ ٻن سالن جي سفارت لاءِ روانو ٿيو هو، ان جو پراجيڪٽ پنجن سالن تائين وڌي ويو.

1831ع کان 1836ع تائين جي هن ڊگهي سفر ۾، چارلس ڊارون، ٻوٽن، پکين، جانورن، سِپين، پٿرن ۽ مٽيءَ جا ايترا ته نمونا گڏ ڪيا، جو اهي هڪ جهاز تي پورا پئجي نٿي سگهيا. تنهن ڪري چارلس ڇا ڪندو هو، جو جنهن به بندرگاهه تي ڪو انگلينڊ ڏانهن ايندڙ جهاز ڏسندو هو ته پنهنجا گڏ ڪيل پندپهڻ ۽ نمونا ان ذريعي پنهنجي گهر جي پَتي تي موڪلي ڇڏيندو هو. ڊارون هڪ پئسي وارو ماڻهو هو، سو

اهو خرچ هُن لاءِ کو مسئلو نہ هوءِ اهڙي، طرح شيون ان جي گهر تائين رسي ويندیون هيون.

تڏهن اڄا دارون کو طبعيات جو ايڈو ماهر به نہ هو. ايتري قدر جو ان کي پاڻ کي به خبر نہ هئي تہ هي جيکو ايڈو جهان هو گڏ ڪري پيو. ان جو هو ڪندو ڇا؟ ان کي بس جيکو جانور يا پکي متاثر ڪندو هو. هو ان جا ڪجهہ نمونا ڪائي چڏيندو هوءِ هڪ جوڙو طريقي سان محفوظ ڪري جهاز ۾ رکي چڏيندو هو. فتزراءِ کيترائي پيرا هن تي ڪاوڙيو هو تہ تون منهنجي جهاز کي هنن هڏين سان پري ٻوڙڻ تو گهرين، پر چارلس نہ مڙندو هو. هلندي هلندي جهاز پهتو ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ ارجنٽينا جي بندرگاهہ تي. هيءَ تقريباً اها ئي جاءِ هئي، جتي بيگل جي پهرين ڪپتان خودڪشي ڪئي هئي. چارلس جي هڪ عجيب عادت هئي تہ هو جيکو بہ جانور هٿ ڪندو هو، ان کي ڪائي چڏيندو هو. ننڊيپڻ ۾ جڏهن هو مختلف چرندڙ ۽ اڏامندڙ ڪينئن ۽ جيتن جا نمونا هٿ ڪندو هو تہ انهن کي بہ اڪثر وات ۾ وجهي چڏيندو هو. هڪ دفعي تہ هڪ پونئر سندس وات ۾ زهر هاري چڏيو هو، جنهن سبب هو ڪافي وقت تائين بيمار رهيو ۽ ڪيس گهٽي تڪليف رسي. ان جي باوجود هو پنهنجي دريافت ڪيل جانورن کي ڪائڻ کان ڪڏهن بہ باز نہ آيو. چارلس جا دوست چوندا هئا تہ دنيا مان تمام گهٽا جانور هاڻي فقط ان ڪري ختم ٿي ويندا جو چارلس انهن کي ڪائي چڏيندو. پنهنجي ان عادت سبب ارجنٽينا ۾ دارون هڪ ڪوپن واري مئمل جانور پاکري (Armadillo) جو گوشت کاڌو. ان جاءِ تان ئي ان کي پاکري جهڙي هڪ ٻئي جانور جي پنڊپهڻ جو هڪ ٽڪرو هٿ آيو. اهو ٽڪرو پاکري جهڙي ئي هڪ وڏي جانور جو هو. مطلب، پنڊپهڻ هو تہ پاکري جو ئي، پر جيکو پاکرو هن کاڌو هو، هي ان کان وڏو جانور هو ۽ جيکو ٽڪرو هن کي مليو، اُهو ان جانور جي ڪوپي جو وڏو ٽڪرو هو. ان کان پوءِ چارلس کي ان تمام وڏي Armadillo جا ڪجهہ وڌيڪ پنڊپهڻ بہ مليا. ان مان ثابت ٿيو پئي تہ ڪڏهن هن ننڊڙي پاکري جهڙو وڏو جانور هن ڌرتيءَ تي حقيقت ۾ موجود هو، جيکو هاڻي اڻ لڀ ٿي

چڪو آهي. ان سان ڊارون جي ذهن ۾ سوال پيدا ٿيو ته ايئن ڪيئن آهي ته هڪ ئي جاءِ تي هڪجهڙن جانورن منجهان هڪ موجود آهي ۽ هڪ ختم ٿي چڪو آهي؟ ڪٿي هنن ٻنهي جنسن ۾ ڪو تعلق ته ناهي؟ متان هن ننڍي پاڪري جو نسل ان وڏي پاڪري مان ئي هجي يا ڪا ارتقا ٿي هجي. ڊارون ٻين شين جيان هن جا به نوٽس ورتا ۽ پنڊ ڇڏي ڪٽي هو جهاز سان گڏ اڳتي روانو ٿي ويو.

جڏهن هو ڇويهن سالن جو ٿي ويو ۽ بيگل کي سفر ڪندي چار سال گذري ويا ته جهاز انهن مشهور ٻيٽن جي ويجهو لنگر انداز ٿيو، جيڪي پوءِ تاريخ ۾ محفوظ ٿي چڪا آهن. هي هسپانوي ڪالونين جا ننڍا وڏا تقريباً سترهن ٻيٽ هئا، جن کي گلاپاگوز ٻيٽ (Galapagos Islands) چيو ويندو هو.

هنن ٻيٽن تي تمام وڏي سائيز جون ڪوڙ ڪميون موجود هيون. جيئن ته اسپيني ٻوليءَ ۾ ڪمين کي ئي گلاپاگوز چوندا آهن، تنهن ڪري هنن ٻيٽن تي نالو به گلاپاگوز آئلينڊ پئجي ويو. هتي پهچڻ سان جڏهن بيمار ڊارون ايڏيون وڏيون ڪميون ڏٺيون ته بنا دير هڪ ڪُمَ کي گهوڙو بڻائي، ان مٿان ويهي رهيو. پوءِ هو اڪثر وقت گذارڻ لاءِ ايئن ڪندو هو. پنهنجو ڳاڙهي رنگ وارو نوٽ بڪ ڪڍي، هڪ ڪچوءَ تي ويهندو هو ۽ نوٽس وٺندو رهندو هو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي ڪميون ڪيڏيون وڏيون هيون ۽ چارلس صاحب ڪيڏو زنده دل انسان هو. ان جي ريس تي خير سان جهاز جو باقي عملو به ساڳيو عمل ڪندو رهندو هو.

ڊارون جڏهن اهي وڏي قدبت جا ڪچوَن ڏٺا ته هن کي هنن جي سائيز کان وڌيڪ حيرت هن ڳالهه تي ٿي ته گلاپاگوز جا جيترا به ٻيٽ هئا، انهن جي هر ٻيٽ تي الڳ الڳ ماپ جا ڪچوَن هئا. تقريباً پندرهن ته جنهن ٻيٽ تي گاهه، ٻوٽا ۽ پاڻي وڌيڪ آهي يا سولائيءَ سان ملي ٿو ويچي، ان ٻيٽ جا ڪچوَن ننڍي ڪنڊ وارا ۽ وڏي گول ڪوپي وارا هئا، ته جيئن جيڪڏهن هو هيٺ منهن ڪري کا شيءِ کائي رهيا هجن ته

مٿان کان انهن تي کو حملو نه ڪري. جڏهن ته جتي پاڻي گهٽ هو، زمين خشڪ هئي، اتان جي ڪچوئن جون ڪچيون ڊگهيون ۽ ڪوپا چپڙا هئا. چاکاڻ ته انهن کي ڪنڌ جهڪائي نه، پر ڪنڌ کي اڳتي ڪري يا مٿي ڪٽي پنهنجي خوراڪ تلاش ڪرڻي پوندي هئي. ڪجهون ايڏا ته ظاهر ظهور الڳ الڳ هئا جو اتي رهڻ وارا ماڻهو کي به ڪجهون ڏسي ٻڌائي ڇڏيندا هئا ته اهو ڪهڙي ٻيٽ تان آيو آهي، يا اهو ڪهڙي ٻيٽ جو ڪجهون آهي. ساڳيو ئي حال انهن ٻيٽن جي وڏين وڏين ڪرڙين ۽ هُڙين (finches) جو به هو. هر ٻيٽ تي هڙين جو هڪ الڳ نسل آباد هو. مثال طور، جنهن ٻيٽ تي خشڪ آبهوا هئي ۽ سخت ٻج هئا، اتان جي هڙين جي چنهب به سخت هئي. ايتري سخت جو هو آساڻيءَ سان ميوي جو سخت ترين ڪوپو پيڇي اندريون مغز کائي سگهن. جڏهن ته جن ٻيٽن تي جيت جڙا جام هئا، اتان جي هُڙين جي چهنب ننڍي ۽ سنهڙي هئي ۽ جن ٻيٽن تي وڻن جي سوراخن مان کائڻ جون شيون ڪيڏيون پونديون هيون، اتان جون فنچز ڊگهين چهنبن واريون هيون.

اهي سڀ حقيقتون ڏسندي، هو ان نتيجي تي پهتو ته ڪنهن زماني ۾ ڪنهن طوفان، ٻوڏ يا ڪنهن به طريقي سان ڪچوئن ۽ هڙين جو ڪو خاص نسل هتي پهچي ويو هو. هنن جانورن جي ان پهرين نسل کي اسين فادر اسپيشيز چئي سگهون ٿا.

پر جيئن جيئن هنن ٻيٽن جو رابطو هڪٻئي سان ايئن ختم ٿيو، جو هڪ پاسي جا هڙيا يا ڪجهون ٻئي پاسي نه پئي وڃي سگهيا ته پوءِ جنهن جانور يا پکيءَ جو جيڪو نسل جنهن ٻيٽ تي موجود رهيو، اهو ان مطابق ارتقا ڪندو رهيو.

ڊارون لاءِ اهو ثبوت به انتهائي اهم هو ته ڪنهن خاص جاءِ تي جنهن نموني جي جانور جا پنڌ پهڻ ملن ٿا، ان سان ملندڙ جلندڙ جانور اتي جيئرو جاڳندو ملي وڃي ٿو. هي ڳالهه هو پهرين به ڏسي چڪو هو ۽ گليپاگوز آئلينڊ ۾ به هن اها ڳالهه نوٽ ڪئي. جيتوڻيڪ هي اهو پنڌپهڻ وارو جانور بلڪل به نه هوندو هو، پر ان فوسلز واري جانور جو ڪو اڳيون نسل ضرور لڳندو هو. اهي واقعا هن جي اندازن کي درست

ثابت ڪري رهيا هئا، تہ هجي نہ هجي، نسل بدلجندا رهن ٿا ۽ اهي مقرر ناهن. جيڪي نسل ماحول سان سٽي هڪجهڙائي رکن ٿا، اهي ئي جيئرا رهي سگهن ٿا ۽ ٻيا ختم ٿي وڃن ٿا. هن دريافت سان گڏ هو تقريباً پنجن سالن کان پوء دنيا جو چڪر لڳائي، 7 آڪٽوبر، 1836ع تي انگلينڊ واپس اچي ويو. چارلس وٽ هاڻي جانورن ۽ پوٽن جا هزارين پنڊپهڙ ۽ نمونا موجود هئا، انهن تي هن تقريباً ايندڙ ويهن سالن يا ان کان مٿي عرصي تائين تحقيق ڪئي. هن اهو پليءَ پٽ جاڻي ورتو تہ نسل ارتقا ڪن ٿا.

پر ڇو؟ ڪيئن؟ ۽ ڪهڙي قانون هيٺ نسل ارتقا ڪن ٿا؟ اهو قانون ڪهڙو آهي؟ انهن جوابن جي هن کي ڳولا هئي. هو اڪثر چوندو هو تہ جيڪڏهن هي سڄ، ڪشش ثقل، موسمن جو بدلجڻ، اهو سڀ ڪنهن قانون هيٺ ٿئي پيو، تہ هي بہ ڪو قدرت جو قانون هوندو تہ، هڪ نسل ٻئي نسل ۾ ڪيئن ارتقا ڪري پيو، ڪو تہ قانون ضرور هوندو ۽ ان قانون جي هن کي تلاش هئي. جڏهن هي انهي سوچ ۾ ڦاٽل هيو، تڏهن ئي ڊارون هڪ برطانوي رياضيدان رابرٽ ميلٿس جو شماريات ڊيموگرافڪ (Demographic) تي هڪ مضمون پڙهيو. هن مضمون ۾ ميلٿس ٻڌايو هو تہ ڪيئن يورپ جي آبادي هڪ حد کان وڌيڪ نٿي وڌي سگهي. هن نظريو ڏنو هو تہ "جيڪڏهن انسانن جي آبادي مسلسل وڌندي رهندي، تہ هڪ وقت اهڙو ايندو جو خوراڪ گهٽ ٿي ويندي ۽ ڪائڻ وارا انسان وڌيڪ هوندا." ميلٿس موجب، "اهڙي وقت ۾ آبادي ءَ کي هڪ حد ۾ رکڻ لاءِ، فطرت، قدرت (Nature) پاڻ ئي هڪ آڙ لڳائيندي آهي. ان آڙ کي هن مثبت آڙ جو نالو ڏنو. هن موجب، جڏهن کاڌو گهٽ ۽ ماڻهو وڌ هوندا تہ اهي ماڻهو ان ٿوري جتي خوراڪ نہ پهچندي، اتي ڏڪار ۽ بيمارين ۾ ڦاسي ويندا. ورهي اهڙو وقت ايندو جو ان علائقي ۾، جيئن هو يورپ جي ڳالهہ ڪري رهيو هو، ايترا ئي ماڻهو بچندا، جيترن لاءِ خوراڪ ۽ وسيلا آسانيءَ سان ميسر هوندا. يعني قدرت پاڻ انسانن ۽ وسيلن ۾ هڪ توازن قائم رکي ٿي."

هن نظريي ڊارون کي بيحد متاثر ڪيو. هن سوچيو ته جيڪڏهن انسانن ۾ اها بقا جي جنگ، وسيلن جي گهٽتائيَ جي ڪري آهي ته پوءِ اها جنگ فطرت ۾ هر جاءِ تي هجڻ گهرجي. هر جانور ۽ ٻوٽي جي سامهون اها جنگ هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هر جاءِ تي وسيلا ته محدود ٿيل لڳو هو. هن لکيو ته هنن محدود وسيلن جي ڪري فطرت ۾ سڀني جائين تي اها بقا جي، پنهنجو پاڻ کي جيوت رکڻ جي جنگ جاري آهي. جيڪو جانور يا ٻوٽو يا جيوت جو ڪوبه قسم هنن محدود وسيلن کي حاصل ڪرڻ جي جيتري گهٽي فطري صلاحيت رکي ٿو، اوتروئي ممڪن آهي ته هو زندهه رهي سگهندوءِ انهن جيئرن بچي ويڙ وارن ۾، جيڪو جيتري قدر نئين سر پيدائش (Reproduce) ڪري سگهندو، اوتري قدر ان جي نسل وڌڻ جا امڪان وڌيڪ هوندا. مثال طور، ڏگهي گهگهي نما گلن واري باغ ۾، ننڍي ڇهنب وارو پکي نٿو رهي سگهي. ساڳي طرح ٿوري گاهه وارن ميدانن ۾، ڏگهي ڳچيءَ وارو ڪيچون به نٿو رهي سگهي، جيڪڏهن رهي ٿو، تڏهن به ختم ٿي ويندو. مطلب ته، هڪ طرح سان فطرت پاڻمرادو چونڊ ڪندي آهي ته ڪهڙو نسل ۽ ان جو ڪهڙو شجرو (Breed) جيوت رهي سگهي ٿو ۽ ڪهڙو نه. هر جنس ۾ جيڪو به نسل يا شجرو بدليل حالتن موجب ٿورو به بدلجڻ يا گڏجڻ جي صلاحيت يا قدرتي لچڪ رکي ٿو، اهو ئي ٻچا ڇٽي پنهنجو نسل اڳتي وڌائي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته فطرت ان کي ئي اهي موقعا ڏيندي، مثلاً: هڪ چراگاهه ۾ گهٽيون لومڙيون اچي ويڙن ته اتي اهي ئي سها بچندا، جن جون ڇنگهون ڏگهيون هونديون ۽ هو تکو ڊوڙي ٻرن ۾ لڪي سگهندا. تنهنڪري ان وقت اتي موجود سهن ۾ نسبتن جنهن جون ڇنگهون ڏگهيون ۽ مضبوط هونديون، اهو ئي بچندو، ۽ پنهنجو نسل اڳتي وڌائڻ لاءِ جيئرو رهندوءِ نيٺ هڪ ڏينهن ايندو جو ان پوري چراگاهه يا جهنگ ۾ فقط ڏگهين ڇنگهن وارا ۽ اونها ٻر کوٽڻ وارا سها ئي بچي ويندا، جڏهن ته ڪنهن ٻي چراگاهه يا جهنگ ۾ جتي لومڙيون نه هونديون، نسبتاً اتان وارا سها ننڍين ڇنگهن وارا ئي هوندا، يعني ٻئي

جنسون ساڳئي نسل جون هڪ جي باوجود ٻن الڳ جنسن ۾ ورهائجي
چڪيون هونديون. حاصل مطلب ته فطرت ۾ ان جي ماحولياتي نظام
مطابق جنسون ارتقا ڪنديون آهن ۽ هن ارتقا يا تبديليءَ کي فطرت
پاڻ چونڊيندي آهي. اهڙيءَ طرح چارلس ڊارون. ارتقا ڪيئن ٿيندي
آهي جو جواب ڳولي ورتو هو ته ارتقا فطرت جي ئي چونڊ آهي. ڊارون
موجب اهو عمل ايترو ته سست رفتاريءَ سان ٿئي ٿو جو ان ۾ لکين سال
لڳي وڃن ٿا. هن قدرتي چونڊ ۾ جيڪو جاندار ڪنهن به طرح ٻئي
جاندار کان پنهنجي ماحول سان مطابقت جي مد ۾ ڪا فوقيت يا
برتري رکندو آهي ته اهو ئي بچي، نئين نسل ۾ بدلبو آهي. پر جيڪي
جاندار بدلجندڙ ماحول جي حساب سان ڪا برتري ناهن رکندا ۽ نه بدلبا
آهن، سي ختم ٿي ويندا آهن ۽ هي اهي ئي آهن. جن جا پنڊپهڻ پٿرن
۾ ٻين هنڌن تان ملن ٿا. ڊارون پنهنجي دؤر جي سڀ کان وڏي سائنسي
سوال جو جواب ڏيئي چڏيو هو. هڪ سائنسي نظريي لاءِ اڳڪٿي
انتهائي ضروري هوندي آهي. جيڪڏهن سائنسدان اها نه ٻڌائي ته
ان جو نظريو اهو ٻڌائيندو آهي ته جيڪڏهن هي نظريو سچ آهي ته پوءِ
فلاڻيون فلاڻيون شيون ٻه هجڻ گهرجن.

هاڻي جيڪڏهن ڊارون جو ارتقائي نظريو درست هو ته ان موجب
سڄي دنيا مان ٻيا ٻه اهڙا پنڊپهڻ ملڻ گهرجن ها. جن مان اڄ جي
جانورن ارتقا ڪئي آهي. جيڪڏهن ڊارون جو ارتقائي نظريو درست
هو ته اهو ٻه ثابت ٿيڻ گهرجي ته دنيا واقعي اربين سال اڳ ٺهي هئي،
چاڪاڻ ته بقول ڊارون، ارتقا ٿيڻ ۾ لکين ڪروڙين سال لڳي وڃن ٿا.
جڏهن ته ان جي ابتڙ، چرچ مطابق، دنيا ته فقط ڇهه هزار ۽ چند سال اڳ
قائم ٿي هئي. هڪ ٻي اڳڪٿيءَ مطابق، جينيات جو علم ٻه ثابت ڪندو
ته ارتقائي نظريو صحيح آهي يا نه؟ ياد رکڻ گهرجي ته ان وقت تائين
جينيٽڪس جو علم اُسريل نه هو. DNA جا تفصيل ڪنهن کي ٻه معلوم
نه هئا. چارلس ڊارون، انهن ڪجهه پهرين سائنسدانن مان هو، جيڪي
جينيات تي ڳالهائيندا هئا.

چارلس دارون، فطري چوندِ بابت نوٽس ٺاهي لکائي رکي ڇڏيا. ڏسجي ته سائنسي نظريي جيان هن ۾ سڀ حقيقتون موجود هيون، يعني پنڊپهڻ موجود هئا. ساڳين نسلن ۾ تمام گهٽو فرق موجود هو، وري خوراڪ ۽ وسيلن لاءِ سيني جاندارن ۾ مقابلو (چٽاپيٽي) ٿئي ٿو ۽ مختلف ٻيٽن تي هڪ ئي جانور جا مختلف پر مڪمل هم آهنگ نسل موجود هئا. انهن سيني حقيقتن کي سامهون رکي، دارون انهن جي ئي هڪ سادي، پر دانشمندانہ وضاحت تيار ڪئي، جنهن کي قدرتي چونڊ جي ارتقا جو نظريو (Theory of evolution by natural selection) چيو وڃي ٿو.

1837ع ۾، دارون پنهنجو نيرو نوٽ بُڪ ڪنيو ۽ ان جي هڪ صفحي تي لکيو، "I think" ۽ ان جي هيٺان هڪ شاندار ڊرائنگ ٺاهي. اهو ڇِتر حياتيءَ جو وڻ (Tree life of) هو. پوءِ هن ڪتاب ۾ لکيو ته زندگيءَ جون، جاندارن جون، ٻوٽن ۽ جانورن جون جيڪي مختلف شڪليون يا نسل اسين ڏسون ٿا، اهي هڪ ئي وقت ۾ يا يڪدم وجود ۾ نہ آيا آهن، بلڪ انسان سميت جيوَن جو هر روپ ڪنهن ساڳي مورثِ اعليٰ يا ڪنهن هڪ زندگيءَ جي شڪل مان شروع ٿيو هو، پوءِ هو حياتيءَ جو جيڪو روپ بدلجندڙ ماحول ۾ سمائجي ٿي ويو ۽ نسل بہ وڌائيندو رهيو، اهو ئي قائم رهيو ۽ اڳتي وڌندو رهيو. جيڪي جنسون ايئن نہ ڪري سگهيون اهي ختم ٿي ويون. دارون لکيو ته انسان سميت جيوت جا سيئي قسم پاڻ ۾ ڳنڊيل آهن ۽ ماضيءَ ۾ ڪنهن ساڳيءَ ئي جاءِ تان ارتقا ڪئي اٿن. هر جاندار جي، هر زندگيءَ جي صورت جي ٻئي جاندار سان لکين ڪروڙين سالن جي مائٽي آهي. دارون ڪڏهن بہ نہ چيو هو ته انسان پولڙي مان ارتقا ڪئي آهي. اها ڳالهہ مذهبي ماڻهو سندس نظريي تان ڏنول ڪرڙ لاءِ چوندا هئا. ارتقا جي نظريي مطابق، پولڙا نہ پر بن مانس (Chimpanzee) ۽ انسان نسل جي لحاظ کان ويجها ترين سوٽ/ ماسات آهن. بي اعليٰ مخلوق (Primate) آهن ۽ ٻنهي جو ابو ڏاڏو ساڳيو هو. ساڳيءَ طرح پولڙا ۽ لنگور بہ Primate ئي آهن، پر هو ٿورو پري جا مائٽ آهن. اوڻيهين صدي عيسويءَ ۾ اها

ڳالهه ڪرڻ يا اهو خيال پيش ڪرڻ انتهائي خطرناڪ هو. هن نظريي جو مطلب چرچ کي سڌو سنئون چيلينج ڪرڻ هو، چو ته چرچ انسان کي خاص اهميت ڏيندو هو ۽ اها اهميت ايڏي گهٽي هئي، جو هن ۾ فطرت وغيره جو به ڪو عمل دخل نه هو، ڪابه چوند نه هئي، چاڪاڻ ته فطرت ته انسان جي پرپاسي ڦرندي رهندي هئي، يعني چرچ موجب، سڀ ڪجهه انسان لاءِ ٺاهيو ويو هو. جڏهن ته ڊارون جو قدرتي چونڊ ذريعي ارتقا جو نظريو (Theory selection natural by evolution of) ته ان تصور کي ئي ڏوڙ ڪري رهيو هو، بلڪل ايئن، جيئن ڪوپرنيڪس ان تصور جا بخيا ادیڙي چڏيا هئا ته زمين، نظام شمسي جو مرڪز آهي. هن (Heliocentric) نظريي ذريعي اهو ثابت ڪري چڏيو هو ته زمين نه پر سج مرڪز آهي. زمين جي چوڌاري ڪجهه ناهي ڦرندو، پر زمين ته پاڻ ٻين گرهن جيان سج جي چوڌاري ڦرندڙ هڪ جسم آهي. جيئن ڪوپرنيڪس 'ڪليسا کان زمين جي خاص' مقدس ۽ ڪائنات جي مرڪز هجڻ وارو نقطءِ نظر کسي ورتو هو، تيئن ڊارون به چرچ کان انسان جي اشرف المخلوقات (معتبر يا برتر مخلوق) هجڻ ۽ قدرت جي پسنديده هجڻ وارو خطاب پڻ سائنسي طريقي سان کڻي ورتو هو. ان ڪري چارلس جو نظريو چرچ سان سڌي جنگ هو ۽ اهو ئي سبب هو، جو چارلس اهو نظريو لکي ته ورتو، پر اٽڪل ويهه سال يا ان کان به گهٽي وقت تائين ان کي لڪائي رکيائين. هو زولاجي ۽ فطرت جي ٻين مختلف منصوبن تي ڪم ڪندو رهيو، مقالا لکندو رهيو، مشهور ٿيندو رهيو، پر هن پنهنجي ارتقا واري نظريي تي ڪو ڪتاب نه ڇپايو، نه ئي ڪو مقالو لکيو. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن هن کي هڪ اهڙو خط مليو، جنهن هن کي ڊيڄاري چڏيو. اهو خط هڪ نوجوان طبعياتدان، ڊارون جي مداح رسل ويلس جو هو. رسل ويلس غريب گهراٽي جو هڪ انتهائي ذهين نوجوان هو. هو پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ بحري جهازن تي سفر ڪندو هو. جانورن، ٻوٽن، پنڊ ڀهڻن جا مختلف نمونا گڏ ڪندو هو ۽ پوءِ اهي وکٽي پنهنجو پيٽ گذر ڪندو هو. ايئن ڪندي ڪندي اهو ذهين انسان، هڪ ماهر (Naturlist) بڻجي ويو. ان اهو سڄو علائقو،

هڪ آسٽريليا کان وٺي ملائيشيا تائين پکڙيل آهي، ان جي هزارين
پيڙهين ۾ ڊارون جي چوڻ تي اٽن سالن تائين تحقيق ڪئي. هو ڪيئي
پيرا زندگي ۽ موت جي ڪيفيت مان گذريو. جاکاڻ ته ان سان گڏ
ڊارون جيان ٽيمس (Teams) نه هوندیون هيون. هو ته اڪيلو هو. رسل
اڪيلو ئي برازيل کان ويندي فار ايسٽ جي جهنگن ۾ ڦرندو رهندو هو.
ڪيترائي پيرا ته هن جي گڏ ڪيل نمونن کي پيا جانور کڻي ويندا هئا.
اڪثر هن کي زهريلن نانگن ۽ جيتن-جڻن کي منهن ڏيڻو پوندو هو.
هڪ پيرو ته هن سان ائين ٿيو، جو هن ڪيترائي نمونا، جيڪي هن
زندگيءَ کي خطري ۾ وجهي گڏ ڪيا هئا ۽ هزارن جي تعداد ۾ هئا، اهي
جنهن جهاز ۾ رکيل هئا، ان جهاز کي باهه لڳي وئي ۽ اهو جهاز پنهنجي
سموري سامان سميت سمنڊ ۾ ٻڏي ويو. رسل جا نمونا به سمنڊ جي تري
۾ هليا ويا. هي سڀ ٻڌائڻ جو مقصد اِهو آهي ته جنسن تي يا ڪنهن
بئي سوال تي تحقيق ڪو اڪ جي ماکي لاهڻ وارو ڪم نه هو، جو اڪ
جنب ۾ بس ٿي ويو، بلڪ هن ڪم لاءِ اٽڪڻت ماڻهن پنهنجيون زندگيون
خطري ۾ وڌيون هيون. رسل جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو هو، اهو هن
خوف، خطرن ۽ دردن جي درياهه مان گذري حاصل ڪيو هو.

ان ئي رسل ويلس جو خط 1858ع ۾، چارلس ڊارون کي مليو، جنهن
۾ رسل لکيو هو ته، هن جاندارن جي ارتقا ڪرڻ وارو بنياد (Mechanism)
ڳولي ورتو آهي. هن سربستائيءَ سان قدرتي چونڊ جا اهي ئي نقطا لکيا
هئا، جن تي ڊارون تقريباً ويهن سالن جي تحقيق کان پوءِ پهتو هو.
ڊارون چوندو هو ته جيڪڏهن ڪير ان جا نوٽس پڙهي وٺي ها ۽ ان
جو نقل ڪري وٺي ها، تڏهن به ان جو ۽ منهنجو نظريو ايترو ملندڙ
جلندڙ نه هجي ها جيترو رسل جي پنهنجي ڪوششن سبب ملي جلي
ويو آهي.

حقيقت ۾ رسل آسٽريليا کان انڊونيشيا تائين جيڪي هزارين
ميل پکڙيل آهن، انهن ۾ اٽن سالن جي جان جوکي ۾ وجهندڙ تحقيق
ڪرڻ گهٽو ڪجهه پنهنجين اکين سان ڏسي چڪو هو. هو ڏسي چڪو
هو ته جن وٽن جي پنن مان يڪي، پوپٽ ۽ جيت ۽ ڪينئان کائين ٿا،

اتي اهي پوئٽ ۽ ڪينٽان بچي ويندا آهن، جن جا رنگ پنن جهڙا هوندا آهن. اهڙن ڪيترن ئي مثالن ذريعي هو ثابت ڪندو هو ته فطرت پاڻ چونڊ ڪري ٿي، ته ڪهڙا جاندار اڳتي وڌندا ۽ ڪهڙا اڳتي وڌڻ جي قابل نه آهن. هُن خط ۾ رسل، ڊارون کي اهڙن ئي مشاهدن بابت تفصيل سان لکيو هو ۽ ڊارون کان سندس رايو ورتو هو، جو ته هُو وڏو (Senior) هو. ان مان اها ڳالهه سمجهڻ ڪپي ته ان وقت تائين ڊارون واقعي هڪ مشهور سائنسدان بڻجي چڪو هو. فڪسڈ اسپيشيز ۽ ايوولوشن جو بحث به ڏاڍو گرماگرم ٿي چڪو هو. ان لاءِ رسل کان گهڻو اڳ ارتقا جو قانون دريافت ڪرڻ جي باوجود، ڊارون چرچ جي خوف کان هي نظريو لڪائي رکيو هو. پر جڏهن هن کي خبر پئي ته زمين ڏوڏيندڙ ان خيال کي ٻيا ماڻهو به سمجهي رهيا آهن ته هُن ترت ئي ان نظريي کي عوام تائين رسائڻ جو فيصلو ڪيو، پر هن رسل کان ان جو ڪريڊٽ نه کسيو. پهرين جولاءِ 1858ع تي، چارلس ڊارون Linnean society of london ۾ Evolution by natural selection تي هڪ مقالو پڙهيو. اهو پنو هن فقط پنهنجي پاران نه پر پنهنجي ۽ رسل پاران گڏيل طور پڙهيو هو ۽ ٻڌايو هئائين ته هي نظريو اسان الڳ الڳ آزاداڻي نموني دريافت ڪيو آهي. يعني ارتقا جو نظريو حقيقت ۾ ڊارون ۽ رسل جو گڏيل نظريو آهي، پر جيئن ته رسل پاڻ محيندو هو ته اهو نظريو پهرين چارلس خيال ۾ آندو هو، تنهن ڪري هو پاڻ کان وڌيڪ ڪريڊٽ چارلس ڊارون کي ڏيندو هو.

چارلس جلد ئي پنهنجو ڪتاب "نسلن جو بڻ بڻياد" آڪٽوبر 1859ع ۾ شايع ڪرائي ڇڏيو. ان ڪتاب جون 1250 ڪاپيون ڇپيون ۽ سنٽت ئي کپي ويون. حقيقت ۾ تڏهن ارتقا جو بحث ايڏو عروج تي هو جو هر ڪنهن هڪ نالياري سائنسدان جو رايو ڄاڻڻ پئي گهريو. رسل ويلس به 1889ع ۾ فطري چونڊ (Natural Selection) تي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو هن ڊارون ازم رکيو. هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان ست سال اڳ ڊارون مري چڪو هو ۽ فطري سائنس جي هڪ ٻي وڏي نانءَ نيوٽن جي پاسي ۾ دفن ٿي چڪو هو. ڊارون جي حياتيءَ ۾ ئي

نسلن جا بڻ بڻياد' ڪتاب جا ست ڇاپا اڇي ڇڪا هئا. هر ايڊيشن ۾ هن انهن سيني سائنسي سوالن جا جواب ڏيئي ڇڏيا هئا. جيڪي ان وقت جي ماهرن ڪنيا هئا.

1908ع ڪان پوءِ هن نظريي کي پيش ڪرڻ جي يادگار طور، حياتيات دانن (Biologists) کي، ڊارون ويلس ايوارڊ ڏيڻ شروع ڪيو ويو. هي هڪ اهڙو ميڊل هو، جنهن جي هڪ پاسي چارلس ڊارون ۽ ٻئي پاسي رسل ويلس جي تصوير اُڪريل هوندي هئي.

3

نظريو

زندگيءِ ڪائنات بابت اسان جو نظريو ڪهڙو آهي، اِهوئي اُهو پهريون بنيادي سوال آهي، جيڪو ڪنهن معاشري جي علميءِ فڪريءِ نهج جو تعين ڪري ٿو. غلط فهمين، خوشفهمين، ڪمراهين، ناسمجهين ۽ علميءِ غير سنجيدگيءَ جو رجحان، سماج ۾ تخليقي، تنقيدي، نظرياتي ۽ فڪري پستيءَ جو سبب بڻجي ٿو ۽ سماج جي فڪري رشتن لاءِ بريڪ آپ جو باعث ۽ فڪري اُڌام اڳيان اسپيڊ بريڪر بڻجي ٿو. فڪري غربت جي ڪاري رات ڪي فقط علم جي سونهري سج سان ئي روشن ڪري سگهجي ٿو، پر اڇو ته سڀ ڪان پهرين اهو سمجهون ته علم ڇا آهي؟

هي هڪ سادو، پر بُنيادي نوعيت جو اهم سوال آهي. زندگيءِ ڪائنات جي باري ۾ اُهي حقيقتون جيڪي سائنسي تحقيق سان دريافت ٿين ٿيون، سي علم چوَرائين ٿيون. درست علم جي ڳولا جو واحد ذريعو سائنس آهي. سائنس هر دور ۾ پاڻ ميڙائيندڙ وڌو سچ آهي. سائنس جي تاريخ جي سيني ۾ ارتقا جو نظريو دل جيان آهي. سائنسي نظريا، سماجي شعور ۾ نه رڳو نڪار پيدا ڪن ٿا، پر انقلابي تبديلين وسيلي سماج جي ترقيءَ کي هرٽيءَ وارا دلڪش چال بخشين ٿا، جنهن ڪري سماج پنهنجي بقا، ترقيءِ ۽ ترويج بابت وقتائتا فيصلا ڏيندي، وڌا فاصلا تيزيءَ سان طئ ڪري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ غيرسائنسي فڪر، نظريا، ماضيءَ جو حصو بڻجي، تاريخ جي دز ۾ دفن ٿي ويڻ ٿا.

جيتوڻيڪ اسين اوڻهين صديءَ جي برطانوي سماج تي نظر وجهنداسين ته اسان کي خبر پوندي ته مزدورن، هارين، واپارين ۽ صنعتڪارن تي مشتمل معاشرتي طاقتون، جاگيردارن ۽ پادرين جي پيٺ ۾ وڏيڪ سرگرم ٿيندين ٻئي ويون. يورپ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو هو. جاگيردار، پادري ۽ رجعت پرست وچيون طبقو پراڻي معاشرتي نظام جو محافظ ۽ ٺيڪيدار هو. جڏهن ته مزدور، هاري، واپاري، صنعتڪار ۽ ترقي پسند دانشور جديد معاشرتي نظام جي جوڙجڪ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. يورپ معاشرتي ارتقا جي فيصلائتي دور ۾ داخل ٿي چڪو هو، جنهن جو مرڪز برطانيا هو. ان هوندي به جيئن ته هر دور جي جلادن جا هٿ سچ ۽ سونهن کي گهٽڻ لاءِ سرگرم ٿي ويندا آهن، ائين ئي ان وقت جو واڳ ڏڌي رجعت پرست حڪمران طبقو، طاقت جي مڃريل گهوڙي تي چڙهيل هو. دل ۾ دقيانوسيت جي بوءِ، دماغ ۾ انتهاپسنديءَ جو دونهون ۽ پاڪرن ۾ فتوائن جون پريون هيون، تنهن ڪري جيئن برونو، ڪاپرنيڪس ۽ گليليو انڌي عقيدي جي آڙاهه ڪان بچي نه سگهيا، ائين ڊارون تي به ملامتن جي خوفناڪ ڪنوڙ ڪِري، فتوائن جا تير وَسيا ۽ الزامن جو عذاب لٿو، پر هن واري پادري پورا پئجي نه سگهيا. ڪوڙ ڪُسجي ويو ۽ سچ سِراڻ چڙهيو. سائنس جهڙو حسين سچ جڻاءُ ڪري ويو. انساني تاريخ جي ڳاڙهي بتي شاهد آهي ته اونداهي رات جا رکوالا چاندوڪين کي برداشت ڪري ناهن سگهندا. چهرن کي چاندوڪي اکين ۾ ڇُپيندي آهي. ڪاسائي ڪم، ڪردار، ڪنڊ، موسم ۽ مهل کي ناهن ڏسندا، هو فقط ماس ۽ مواد ڏسندا آهن. سائنس صبح جو سوجهرو هئي ته ارتقا اُجالي جو دل آويز چنڊ- چهرا ڪٿي ٿا برداشت ڪن!

تاريخ جو حُسن سان لبريز سچ اهو پڻ آهي ته اونداهيءَ جا وارث سوجهري کي لتاڙي ناهن سگهيا. جن جو عشق سچ آهي ۽ جن لاءِ سچ عشق آهي، اهي حوصلي جي بُلندي ۽ ارادي جي پختگيءَ آڏار انصاف سان انصاف ڪري سگهندا آهن، تاريخ جي ڳل تي ڳڙي آيل ڳوڙها اُگهي سگهندا آهن ۽ نظرياتي دليل جو جواب طاقت جي قنداق سان

ڏيڀ واري ڪلچر جو مٿو پنهنجي وسيع فهم ۽ فڪر سان چيپائي
ذهنن ۾ تازي تواني سچ جا سَلا اُپاري چڏيندا آهن. هتي به ڪجهه ائين
ئي ٿيو هو! دارون عظيم سچائي دريافت ڪئي هئي. ڪروڙين ذهن تبديل
ڪندڙ پنهنجي تحقيق طلب ڪم کي نڪو عيب سمجهيائين، نڪو
عذاب، پر ڪم کي پنهنجي سمجهه، ذات جي خوشي، سماج جي اڳاوت
جو ذريعو ۽ حقيقي ڪارج جو راز سمجهي، عمل جي ترار سان مايوسي
۽ انتهاپسنديءَ جو ڪنڊ ڪپي، هن حياتياتي ارتقا جا سائنسي اصول
ڳولي لڌا ۽ ارتقا جو نظريو تشڪيل ڏنو. جڏهن دارون پنهنجو ڪتاب
'نسلن جو بُڀ بُٽياد' لکي ارتقا جو نظريو پڌرو ڪيو تہ ارتقا جي نظريي
کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي جنگ ڇڙي پئي. سڀ کان پهرين
يورپ جا پادري، مذهبي لٽ سردار، پانهون کنجي ميدان ۾ لهي پيا. انهن
ارتقا جي نظريي کي غلط ۽ دارون کي بي دين، مذهب دشمن، ملحد ۽
خدا جو منڪر قرار ڏنو. پادري اونداهيءَ جا عاشق هئا. انڈو، سج جي
سنهري ڪرڻن جو انڪاري هوندو آهي. هونئن به جاگيرداري قدرن تي
بڌل تهذيب جي اها ئي روايت رهي آهي، تہ اها نئين شعور جي شعاع،
انقلاب ۽ آزاديءَ جي خوشبو کي پسند ناهي ڪندي. يورپ جي پادرين
دارون خلاف نفرت جو محاذ ڪڙو ڪري ڇڏيو.

هتي پاڻ ڏسون تہ دارون ۾ نيٺ اها ڪهڙي ڳالهه هئي، جنهن سان
وقت جا بادشاهه، يورپ جا پادري توڙي هاڻي جون پاڪستان جهڙيون
بنياد پرست طرز جون رياستون ڌنل آهن. دارون جو وڏو گناهه اهو هو
جو هن انسان کي ڪائنات جي هڪ وڏي سچ کان آگاهه ڪيو. ارتقا
جهڙي سچ کان آگاهيءَ جي الزام ۾، هن کي تهمتن جا تير پنهنجي
سيني تي سَهڻا پيا. هُو نوڙيءَ کي نانگ ۽ نانگ کي نوڙي چوڻ جو
سخت مخالف هو، ڇاڪاڻ جو هن متان تحقيق جي نينهن، سچائين
جو مينهن وسايو هو. دارون ترقي پسندن جو ذهن تراش محبوب دانشور
هو ۽ رجعتي بُنيادپرستن جي نظر ۾ هڪ بيهوده، لادين ۽ آلوده فڪر
وارو سائنسدان هو. دارون جو عشق سائنس هئي ۽ ان جي توانائي تحقيق

هي ڊارون ڪائنات جي قبرستان ۾ پوريل سچ کي شعاعن بخشڻ جو ڪوشش هو. هن سچائيون ڳوليون ۽ هڪ ٺهيل ٺڪيل نظريي جي شڪل ۾ ماڻهن اڳيان رکي ڇڏيون.

جين پال سارتر پنهنجي ڪتاب "وجود ۽ عدمِ وجود" (Being and Nothingness) ۾ لکيو آهي ته "انسان جي عظمت انهي راز ۾ لڪل آهي. ته هو نامڪمل آهي ۽ پنهنجي نامڪمل هئڻ جو شعور به رکي ٿو. اها ڳالهه کيس مجبور ڪري ٿي، ته هو مستقل طور تي پنهنجي تڪميل جي جدوجهد ۾ پنهنجي تخليق ڪري."

جواهر لال نهرو ان معاملي کي وري هينئن بيان ڪيو آهي ته: "قديم زماني کان اڄ تائين ڪجهه ماڻهو ڪائنات بابت عجيب ۽ غريب قسم جا شوشا اُتارينداً رهيا آهن، ته جيئن موجوده انفرادي ۽ اجتماعي سماجي مسئلن کان عام ماڻهن جو ڌيان هٽايو وڃي ۽ جڏهن اهي ڪائنات جي اهڙي منجهيل سُٹ کي سُلجهائڻ ۾ ناڪام ٿين ٿا، تڏهن مايوس ٿي، بي عملي ۽ علمي سوچ تَرڪ ڪري، بي عقلي، وهم پرستي، نامناسب ۽ غيرمنصفاڻي تعصب جي اوڙاهه ۾ وڃي پناهه وٺن ٿا."

محمد ابراهيم جويي پنهنجي ترجمو ڪيل پائلو فريريءَ جي ڪتاب: "علمِ تدريس مظلومن لاءِ" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ته "هر انساني مسئلي، هر تاريخي ۽ هر ڪائناتي ڳالهه لاءِ رڳو ائين چوڻ ته اهو قدرت جو عمل آهي ۽ قدرت ئي پنهنجي مصلحت ڄاڻي ٿي. انهي کي حرفِ آخر سمجهي، خوش پسند ۽ خوش دل ٿي ويهڻ، ان کان وڌيڪ واڇوڙائي ۽ هولناڪ شيءِ انساني دنيا لاءِ ٻي ٿي ئي نٿي سگهي."

تبديلي ته هونئن به مادي جو اٽٽر اصول آهي. هن ڪائنات ۽ دنيا ۾ ٻن قسمن جون تبديليون ٿيندڙ رهنديون آهن: هڪڙيون ارتقائي ۽ ٻيون انقلابي تبديليون. ارتقا مان مراد آهستي آهستي ٿيندڙ، اڻ لکي انداز ۾ ٿيندڙ تبديليون، جنهن ۾ وڏو وقت ٿو لڳي، جڏهن ته انقلابي تبديليون اوچتو ۽ تڪڙيون ٿيندڙ آهن. هتي انقلابي مان مراد اوچتيون ۽ تڪڙيون تبديليون آهن. دراصل، اوچتو ٿيندڙ تبديليون پڻ ارتقائي

مرحلي جو نتيجو هوندیون آهن. ڪابہ اوچتي تبديلي ائين بس پاڻمرادو ناهي ٿيندي، جيئن اسان کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، پر ان پويان پوڙ ارتقائي عمل وارو سفر گهربل هوندو آهي. ارتقا جي لغوي معنيٰ آهي ڏاکي بہ ڏاکي فطرتي ترقي، واڌ يا اوسر. هن ڌرتيءَ تي موجود سمورا ٻوٽا ۽ جانور، هڪ ڊگهي ارتقائي عمل مان گذري موجوده حالت ۾ پهتا آهن، جنهن کي اسين ارتقا (Evolution) چئون ٿا. ارتقا جو عمل مادي قانون پٽاندر مسلسل جاري ۽ ساري آهي.

سماجي ارتقا معاشرتي طبقن ۽ تضادن جي بنياد تي جدلي تضادن جي تاريخ آهي. ڊارون صاف ڏٺائي ٿو تہ حياتياتي نسل زندهہ جاندارن ۽ ماحول جي فطري قوتن جي وچ ۾ دخل اندازيءَ جو نتيجو هوندو آهي. ذهن ۾ سانڊي رکڻ جهڙي ڳالهہ اها پڻ آهي تہ سائنسي ۽ معاشرتي علمن، تاريخ، قوم، قوميت، قبيلي ۽ معاشرتي طبقن جي باري ۾ سمجهڻ ۽ انهن جو تُڙ تجزيو ڪرڻ، ارتقا جي شعور بنان ممڪن ناهي. سماجي شعور جڏهن سائنسي دريافتن سان هم آهنگ ٿيندو آهي، تہ سماجي ترقيءَ ۾ وڏيڪ سگهہ ۽ تيزي ايندي آهي. ڊارون جي ارتقائي نظريي سماجي فڪر ۽ شعور ۾ زبردست انقلابي تبديلي آندي آهي. ساڳي وقت اهو چوڻ پڻ ضروري آهي، تہ فطري سائنسن جي سبقن کي سماج مٿان جيئن جو تيئن مڙهڻ (Social darwinism) پڻ سماج لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيو آهي.

بهرحال، جيئن عشق جي اک کي ويجهڙو انڌو نٿو ڪري سگهي، ائين پادرين جي انتهاپسندي، بدبودار الزام ۽ گهڻ طرفا حملا ڊارون جي سچ (ارتقا) کي ختم نہ ڪري سگهيا. هونئن بہ پلا ڪا حُڪمران ڏُر نظرين جو مضبوط نظام ختم ڪري سگهي آهي ڇا؟ تمام گهٽ ائين ٿيندو آهي، جو عوامي ۽ عضوياتي دانشور جي دانش ۾ وَرُ پئجي ويجي ۽ هو پنهنجي نظريي ۽ واٽ تان ڦري ويجي. هڪ اڻ ڏُريءَ ريسرچ موجب، جيتري تنقيد ڊارون تي ٿي آهي، شايد ئي ڪنهن سائنسدان تي ٿي هجي.

جيتوڻيڪ ڊارون جي دور جو مسئلو ارتقا جي حق ۾ دليل گڏ ڪرڻ نه هو، چاڪاڻ جو ڊارون کان اڳ پڻ ارتقا بابت ڳالهيون هلندڙ هيون، تنهن ڪري ڊارون جي دور جو مسئلو ارتقا جي تشريح ڪرڻ هوءِ ارتقا بابت هلندڙ ڳالهين جي ڳنڍ ڪولي سمجهائڻ هو ته ارتقا نسلن ۾ ڪيئن ٿي ٿئي. اوٽويهين صديءَ ۾ ارتقا بابت صورتحال ڪا ڇڱي ڪانه هئي. پادري عقيدي جي ڏُنڈ ۾ ويڙهيل هئا، خيال پرستيءَ جي خلا ۾ بولاٽيون ڪائي رهيا هئا ءِ ارتقائي فڪر ڪي وڏي ۾ وڏو گناهه سمجهندا هئا. ٻيو گروهه نيم قدامت پسندن جو هو، جيڪي تنقيد جي آڙ ۾ ارتقا جي نظريي تي حملي آور ٿيندا هئا، انهن کي تخليق پسند پڻ چيو ويڃي ٿو، جيڪي سائنسي نقطه نظر سان آئڊيلزم جي حق ۾ ڇسا دليل ڏيندا هئا ءِ ٽيون گروهه ارتقاپسندن تي ٻڌل هو، جيڪي ارتقائي عمل جي سائنسي تشريح لاءِ ارتقا جا اصول ءِ قانون دريافت ڪري رهيا هئا. چوندا آهن ته 'ڇَم پلو ناهي ڪم پلو آهي'، پر جڏهن ڪم به اهڙو تاريخي هجي، جو دنيا کي ڇرڪائي ڇڏي ءِ ان ڪم سان انساني ذهن لاءِ مونجهارن جي خزان ختم ٿي ويڃي ته پوءِ اهڙي ڪمال جي ڪم کي پلا تاريخ پنهنجي هنج ۾ ڪيئن جيان ڇو نه سانديندي. چارلس ڊارون جو ڪم انساني دماغ ۾ ٻاريل ميڙ بتي مثل آهي، جيڪا اونداهه جو سينو چيري چؤطرف سهائي پکيڙي ٿي. ڊارون نه رڳو فطرت، خاص ڪري ٻوٽن ءِ جانورن بابت ارتقا جا بُنيادي اصول متعارف ڪرايا، پر هاڻ ارتقا جهڙي حسين نظريي، تهذيبن، سماجن، قومن ءِ قبيلن جي ماضيءَ کي سمجهڻ لاءِ پڻ هڪ سائنسي فڪر بخشي ڇڏيو آهي.

ظاهر آهي ته ڊارون جو دنيا کي حيران ڪندڙ ءِ عجب ۾ وجهندڙ ارتقا جو نظريو ڪو رات جي پيٽ ۾ ڪُنيپيءَ جيان ڦُٽي نه نڪتو هوءِ نه ئي ڪنهن الهامي آڪاشواڻي ءِ ازغيبي قوت جو نتيجو هو، پر هن ته هڪ ئي وقت الهامي ءِ ازغيبي قوتن جي ڪوڙ ءِ وهم تي ٻڌل وجودن کي ٽُڏي، پنهنجي سوچ کي سائنس جي سچ سان روشناس ڪيو. هن جي نظريي جڙڻ ۾ 30 سالن جو ڊگهو وقت ءِ ذاتي مشاهدا ءِ تجربا شامل

هئا. هن مختلف ڪنڊن جي مختلف ملڪن جو دورو ڪيو، جهنگ ۽ جبل جهاڳيا، صحرا جون ويرانيون ۽ سمنڊ جون گهرايون سر ڪيون. هن بيابانن، ميدانن ۽ ريگستانن جي واري چاٽي، قسمن قسمن جا ٻوٽا، حيوان ۽ انسان پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ آندا هئا. هن حياتيات، علم حيوانيات، ائناٽامي، ارضيات، فزيالاجي، ايمبريولاجي ۽ انسانن جي رهٽي ڪهٽي /رسم رواج متعلق علم يعني ائنٽرا پالاجي پڙهيا هئا ۽ انهن تي عبور رکندو هو ۽ انهي ئي سائنس جي آڌار تي هن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي ۾ آندل جانورن جو تقابلي اپياس (comparative studies) ڪيو هو ۽ ان سڃي پنهنجي اپياس کي بنياد بڻائي، جاندارن جي وچ ۾ هڪجهڙائين ۽ فرقن کي جانچيو ۽ پرکيو، انهن جي مختلف حياتياتي عملن جي چنڊچاڙ ڪئي ۽ انهن مان حاصل ڪيل مڙني نتيجن کي سهيڙي، هڪ نظريي جي روپ ۾ دنيا آڏو پڌرو ڪيائين، جنهن کي اسين ارتقا جي نالي سان ڄاڻون ٿا.

ارتقا کي سوچي سمجهي ڏُکيو ڪري پيش ڪيو ويو آهي ۽ تڪراري بڻايو ويو آهي، ته جيئن ماڻهو ان سائنسي حقيقت کي سمجهي نه سگهن ۽ سائنس جهڙي سچ کان منهن موڙي، عقيدي پرستيءَ جي انڌيري ۾ انڌا ٿي هلندا رهن. چو ته ذهني آزادي انسان کي وڌيڪ تخليقي بڻائيندي آهي ۽ نيون واٽون، گس ۽ گهيڙ گهڙي ڏيندي آهي. چارلس ڊارون ارتقا جو نظريو، جيڪو هن پنهنجي ڪتاب "نسلن جو بڻ بڻياد" ۾ ڏنو، ان جو بُنياد چئن اصولن تي هو. هن چيو، نون قسمن جي موجود قسمن مان ارتقائي پيدائش جي طريقيڪار ۾ چار اصول ڪارفرما آهن:

1. تبديليون
2. بقا لاءِ جدوجهد
3. فطري چونڊ
4. سڀ کان وڌيڪ ٺهڪندڙ جي بقا.

ا. تبديليون (Variations)

ڊارون چيو: هڪڙي نسل ۾ سيئي جاندار هڪجهڙا ناهن هوندا. اسان ڏٺو آهي ته ٻوٽن ۽ جانورن جي ڪنهن هڪ نسل ۾ شامل سڀ رُکن هڪ ٻئي کان ڪجھ نہ ڪجھ مختلف ضرور هوندا آهن ۽ انهن ۾ اهي فرق عام طور تي رنگ، قد، وزن، آواز، هلڻ جي رفتار ۽ مهانڊي جي بيهڪ جي نوعيت جي لحاظ کان پڌرا ٿيندا آهن. ائين ورِي اسين انسانن کي ڏسون، ته اهي پڻ هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف آهن. انفرادي خاصيتون، جيڪي هڪ نسل جي ميمبرن ۾ ملن ٿيون، ڊارون طرفان انهن کي تبديلي سڏيو ويو آهي. هڪ شهر جي ماڻهن کي ڏسون ته اسان کي فردن ۾ انفرادي شخصيت نظر ايندي. ڪنهن هڪ گهر ۾ سڳا پيٽ ڀاءُ بہ هڪجهڙا ناهن هوندا. جڏهن ته پيدا ڪندڙ ماءُ-پيءَ ساڳيا ئي هوندا آهن. هي اهي تبديليون آهن، جيڪي هر نسل ۾ موجود هوندیون آهن ۽ جنسي عمل ذريعي نئين نسل ۾ منتقل ٿي وڃن ٿيون. توهان کي خبر هجڻ گهرجي ته اوڻويهين صديءَ ۾ تحقيق ۽ بحث ان ڳالهه تي ٿي رهيو هو ته نسل ۾ تبديلي ڪيئن ٿئي ٿي. يعني اهو ڪهڙو عمل آهي، جنهن مان گذري هڪ نسل ٻئي نسل ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. ڊارون اڳيان پڻ اهو ئي سوال هو، جنهن جي وضاحت هن ارتقا جي نظريي جي اصولن ۾ ڏني ۽ چار سؤ صفحن تي ٻڌل ڪتاب "نسلن جو بڻ بڻياد" لکي ارتقا جي اصولن کي پنهنجن تجربن جي روشنيءَ ۾ سمجهايائين. ڊارون چيو ارتقا جو بنياد تبديليون آهن. هن موجب، تبديلين جا سبب خارجي يعني، ٻاهرين ماحول جي جسماني حالتن ۾ پيدا ٿين ٿا، تنهنڪري تبديليءَ جو سبب بڻجندڙ قوتون خارجي ماحول ۾ موجود آهن، جنهن جي اثر هيٺ نسلن ۾ اندروني تبديليون پيدا ٿيندیون آهن. تَغَيُرات (بدلاءَ، تبديليون، ڦيرگهير) هڪ ذات جي ميمبرن جي حياتياتي صلاحيتن کي طئي ڪن ٿا. جنهن جو صاف مطلب اهو آهي، ته تغيرات حياتياتي اهميت جا معاون آهن. گرمي پد، روشني، سمنڊ جي سطح کان مٿي اوچائي، هوا جو دٻاءُ، نمي

جو مواد، زمين جي كيميائي ۽ جسماني ساخت، اهي ماحولياتي عنصر آهن، جيڪي حياتياتي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. اسين عام طور تي انهن محرڪن کي ماحولياتي اثر سڏيون ٿا. خارجي/ ٻاهريون ماحول سدائين ساڳيو نٿو رهي، ان ۾ عمومي طرح ڪوٺ واڌ، گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وڏيون تبديليون پڻ ٿي پونديون آهن، جڏهن ته جاندار جو داخلي/ اندروني ماحول ته مخصوص نوعيت جو هوندو آهي. پنهنجي حياتياتي ڪاميابيءَ لاءِ جاندار تي ذميداري ايندي آهي ته هو پنهنجي داخلي ماحول جي حفاظت ڪري، ان جو داخلي ماحول خراب ٿي ويو ته حياتياتي نظام ۾ وڏو رخنو پئجي ويندو، جنهن جو نتيجو موت جي شڪل ۾ سامهون ايندو. ياد رکڻ گهرجي ته جاندار جي داخلي ماحول ۾ مداخلت خارجي ماحول سان ايندي آهي. خارجي ۽ داخلي ماحول ۾ جيترو تضاد گهٽ هوندو، زندگي اوتري خوشحال ۽ ڪامياب گذرندي. عملي حقيقت اها آهي، ته جاندار جي داخلي ۽ خارجي ماحول ۽ حياتياتي نظام ۾ تبديليون ظاهر ٿيندڙ رهنديون آهن.

ماحولياتي محرڪن جي اثر هيٺ جاندارن جي داخلي ماحول ۽ حياتياتي نظام ۾ جيڪي تبديليون ٿين ٿيون، تن کي اسين تغيرات/ تبديليون چئون ٿا. ڏاروڻ چيو، تبديليون جاندارن جي داخلي نظام ۾ نمودار ٿيندڙ حياتياتي خاصيتون آهن ۽ اهي مستقل حيثيت رکن ٿيون ۽ ان ساڳي ڳالهه کي ساڳي اوٽويهين صديءَ ۾، ٽي ڏاهڪا پوءِ، جينياتي سائنس جي ترقيءَ وڏيڪ سائنسي طاقت بخشي ڇڏي جينياتي سائنسدان چون ٿا ته جين نامياتي مادن (Matter Organic) تي ٻڌل حياتياتي نظام آهي. اهي نامياتي مادا، زمان ۽ مڪان جي حساب سان ماحولياتي عملن کان متاثر ٿيندا رهندا آهن. جنهن جو سادو مطلب اهو آهي ته ماحولياتي تبديلين جا اثر جينوم سسٽم تي جيئن جو تيئن مرتب ٿيندا رهندا آهن. جينوم سسٽم ۽ ماحول ۾ جيئن جو تيئن عمل ۽ رد عمل جو نتيجو جينوم سسٽم ۾ تبديليءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو آهي. جينياتي سائنسدان انهن تبديلين کي ميوٽيشن چوندا آهن.

۽ بقا لاءِ جدوجهد (Struggle for existence)

داروِن جي ارتقا واري نظريي جو ٻيو اصول بقا لاءِ جدوجهد جنگ (Struggle for existence) آهي. يعني ڪنهن به نسل جي بهتر ماحول ۽ وڌيڪ ۽ ٻنهنجي نسل جي بهترين ۽ حياتياتي دوست ڪلن کي ٻنهنجي اولاد ۾ منتقل ڪرڻ. ماحولياتي تبديلين جي صورت ۾ فطرت حياتياتي نسل جي بقا لاءِ چئلينج پيدا ڪري ٿي. چيلنجز جي ردعمل ۾ نسل بقا جي جنگ جي اصول تي عمل پيرا ٿي ويندا آهن. بقا جي جنگ ۾ ڪوشش کان وڌيڪ صلاحيت جي اهميت آهي. داروِن چيو ته جيئن ته ڪائنات حرڪت پذير آهي. ماحول، جيڪو خارجيت ۾ وجود رکي ٿو، اهو تبديل ٿي ويندو آهي ته نسلن لاءِ حياتياتي بحران پيدا ٿي ويندو آهي. بحران جي ان ڪيفيت ۾ جاندارن ۾ پاڻ بچائڻ جو مسئلو پيدا ٿي ويندو آهي ۽ ائين مختلف نسل ۽ انهن نسلن ۾ شامل ميمبر بحران کان بچڻ لاءِ جدوجهد ڪندا آهن. زندگي بچائڻ جي ڪوشش ۾ گهٽا متاثر جاندار سرگرم ٿي ويندا آهن. پر بقا جي جاکوڙ ۾ صلاحيت جو اهم ڪردار هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي. جو جڏهن بحران واري صورتحال هوندي آهي ته ڪاميابي صلاحيتن جي بنياد تي ملندي آهي. زندگيءَ جو تسلسل قائم رکڻ لاءِ ڪاميابي سيني کي ناهي ملندي داروِن جو موقف آهي. ته بقا جي جنگ ۾ ڪاميابي فقط انهن نسلن جي حصي ۾ ايندي آهي. جيڪي بحران پيدا ٿيڻ کان اڳ بحران جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن ۽ بحران سان مقابلو سڀ ڪندا آهن. ڪٿيندا اهي آهن. جن ۾ اڳواٽ صلاحيت موجود هوندي آهي. يا جيڪي پاڻ ۾ گهربل صلاحيتن جي تڪڙي اڀسر ڪري ويندا آهن. جن ۾ اها صلاحيت پيدا ناهي ٿيندي. اهي مري ويندا آهن. اهڙيءَ طرح نئون نسل جنم وٺندو آهي. اهو عمل سدائين جاري رهندو آهي. باهريون ماحول سدائين تبديل ٿيندو رهندو آهي۔ ڪائنات ۾ قيام ناهي ۽ بقا جي جنگ ۾ ڪوشش جو نہ. پر صلاحيت جو امتحان هوندو آهي. داروِن پاران بقا جي جنگ جي ان اصول کي سرمائيداري دور جا ڪجهه

ڏاها وري چئاپيٽي ۽ طبقاتي نظام جي حق ۾ استعمال ڪندي نظر آهن انهن لاءِ عرض ته ڊارون جي سموري تحقيق حياتياتي اوسر جي سمجهڻ جي حوالي سان هئي، نه ڪي سماج ۾ سرمائي جي اوسر لاءِ بي ڳالهه جهنگ ۾ فطري دنيا ۾ بقا جي جنگ مان مطلب 'جيڪو ڄاڻو سو گابو' يا هڪ نسل جي ٻئي سان چئاپيٽي ڪونهي. پر معروضي ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي اهليت آهي. پرنس ڪروپاٽڪن پڻ ڪولي سمجهائي ٿو ته حيواني فطرت ۾ سهڪار ۽ هڪ ٻئي تي آڌار ڪيئن نه مختلف نسلن جي بقا جي جنگ کي آسان ۽ ڪامياب بڻايو آهي. طبقاتي رشتن ۾ جيئندڙ اڄ جو انسان، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ترقي ڪري جهڙي ريت باقي فطرت سان پنهنجي مطابقت تيزيءَ سان وڃائي رهيو آهي، اوتروئي ماحولياتي تباهيءَ جي شدت ۾ اضافو اچي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ حضرت انسان، بقا جي جنگ ۾ پاڻ کي جديد علمن ۽ اوزارن سان پلي ڪيترو به طاقتور بڻائي، پر جيڪڏهن هو باقي نامياتي يا غير نامياتي فطرت سان ٽڪراءَ ۾ ايندو ته پاڻ کي ويتر ڪمزور ڪندو ۽ امڪان پيدا ڪندو ته فطري چونڊ بقا جي جنگ ۾ حيات دشمنيءَ جي ان صورت (انسان) کي غلطي سمجهي ڊيليٽ ڪري ڇڏي.

3. فطري چونڊ (Natural selection)

ڊارون جي ارتقائي نظريي ۾، فطري چُونڊ ٽيون بُنيادي اصول آهي. ان اصول جي لحاظ کان فطرت هڪ طاقتور، سگهارو ۽ بااختيار ڪائناتي ادارو آهي. زندهه جاندارن ۽ نسلن جو حياتياتي دارومدار فطرت تي آهي، جيڪا جاندارن جي خارجي ماحول تي مشتمل آهي. اهو ضروري آهي ته فطرت ۽ جاندارن ۾ هم آهنگي، لاڳاپو ۽ لهه وچڑ قائم رهي. ان حالت ۾، حياتياتي دنيا ۽ فطرت ۾ هڪ معاهدو ٿيندو آهي، فطرت ۽ حياتياتي دنيا جي وچ ۾ هڪ ايڊجسٽمينٽ ٿي ويندي آهي. ان معاهدي کي پاڻ کو مناسب نالو ڏيئي سگهون ٿا، مثال طور، حياتياتي معاهدو.

حياتياتي معاهدي مطابق، فطرت جاندارن کي زندگي جيئڻ لاءِ
وسيلا ۽ موقعا مهيا ڪندي آهي ۽ جاندار فطرت طرفان ڏنل اهي وسيلا
۽ موقعا استعمال ڪري، حياتياتي ميدان ۾ سرگرم رهندا آهن، پر ان ۾
بقا ناهي، معاهدو ٽٽي ويندو آهي. چاڪاڻ جو فطرت تبديل ٿيندڙ
چريو ڪندڙ ۽ (حرڪت پذير) متحرڪ آهي. ان کري جاندارن جو
خارجي ماحول تبديل ٿي ويندو آهي، هڪڙو نظام جيڪو معاهدي
هيٺ پيو هلندو آهي، ٽٽي ويندو آهي. ماحول ۾ تبديلي جاندارن ۾
نسلن لاءِ بحران جو سبب بڻجندي آهي ۽ پوءِ سمورا جاندار ۾ نسل، پاڻ
بچائڻ لاءِ بقا جي جنگ وڙهندا آهن، جنهن ۾ فطرت فقط انهن جو چونڊ
ڪندي آهي، جيڪي قوت ۽ صلاحيت جي بنياد تي ڪامياب ٿيندا
آهن. ڊارون فطرت جي ان عمل کي 'فطري چونڊ' جو نالو ڏنو آهي.

4. سڀ کان وڌيڪ ٺهڪندڙ جي بقا (Survival of fittest)

مادي جي موجودگيءَ جهڙو سچ هيءَ آهي، تہ فطرت بهترين جي
چونڊ ڪندي آهي. فطرت جي قانون ۾ ڪنهن لاءِ ڪا بہ رعايت ناهي.
فطرت جي بادشاهت ۾ معيارُ ئي ڪاميابيءَ جو بُنيادي شرط آهي.
دراصل ڊارون جي ارتقا جي بنيادي ڇنڻ اصولن مان هي ڇوٽون ۽
آخري اصول آهي، جيڪو نتيجي جو اعلان ڪري ٿو. ارتقائي عمل جو
نتيجو بهترين جي بقا جي صورت ۾ پڌرو ٿيندو آهي. سادن لفظن ۾ پاڻ
هينئن سمجهي سگهون ٿا، تہ بهترين جي بقا فطري چونڊ جو اعلان
آهي. حياتياتي بقا جي جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيڻ وارا بهترين (Fittest)
چورائيندا آهن. جيڪي حياتياتي بقا جي جدوجهد ۾ ناڪام ٿيندا
آهن، اهي فطرت جي انتخابي فهرست ۾ شامل ناهن ٿي سگهندا. ياد
رکڻ جي ڳالهہ اِها آهي، تہ فطرت، بقا جي جدوجهد ۾ پاڻ بدلائڻ جي
صلاحيت کي اهميت ڏيندي آهي. برطانيا ۾ اٺويهين صديءَ جي شروعات
۾، جهنگ اندر پوپٽن جو رنگ وٽن جي پوري رنگ وانگي پورو هو،
جيئن اُهي شڪاريءَ جي نظر کان بچي سگهن. ان عمل کي انگريزيءَ
۾ ڪيموفلاج چوندا آهن، پر ساڳي صديءَ جي اڌ کان صنعتي انقلاب

۽ ڪوئلي جي گھٽي استعمال سبب، جڏھن وڻ ڪارا ٿيڻ شروع ٿيا تہ پورا پوپٽ ظاھر ٿي شڪار ٿيڻ لڳا. آھستي آھستي فطري چونڊ جي عمل سبب پوپٽن جون ھڪڙيون جنسون ڪاريون ٿيڻ لڳيون. لازمي طور انھن جي بچڻ جا امڪان گھٽا ھئا. نتيجي طور جيڪڏھن 1848ع ڌاري ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ پوپٽ ڪارو نظر ايندو ھو تہ، پنجاھ سالن جي عرصي ۾ ملڪ جا 98 سيڪڙو پوپٽ ڪارا ٿي ويا.

نيچرل سليڪشن جو اصول بھترين جي بقا جي صورت ۾ نتيجو ٻڌجي ويندو آھي. فطرت ڪوجھائپ ۽ ڪمزوريءَ کي ناھي ھمٿائيندي اُھا حيات بخش آھي ۽ حيات دوست تبديلين کي سانڊيندي وڌائيندي ويجھائيندي آھي. فطرت صلاحيت جي حق ۾ فيصلو ڏيندي آھي. ڊارون ان آخري اصول کي بھترين جي بقا جو نالو ڏنو آھي. ھيءَ ھئي ان ارتقائي نظريي جي ڪھاڻي. اميد آھي تہ ھاڻي توھين ۽ اسين جاڻي ۽ سمجھي ويا ھونداسين تہ ڊارون ۽ رسل اڄ کان 165 سال پھرين ھي نظريو ڇو پيش ڪيو ھو. ان وقت ۾ ڊارون ۽ رسل وٽ محدود وسيلا ھئا. ھو پنھنجي نظريي جي حق ۾ گھڻا دليل نہ آڻي سگھيا ھئا، جيئن جبلن، پٿرن ۾ پنڊ پھٽن جو رڪارڊ، DNA ثابتيون وغيرہ، پر اڄ ارتقائي نظريو ھڪ اھڙي حقيقت آھي، جنھن تخليقيت جي نظريي کي عالمي ۽ نصابي سطح تي شڪست ڏئي ڇڏي آھي ۽ چرچ بہ ان کي قبولڻ ۽ ڊارون کان معافي وڻڻ تي مجبور ٿيو آھي.



كارل ماركس

5 مئي، 1818ع-14 مارچ، 1883ع

1

اهو بهار جو هڪڙو روشن ڏينهن هو. وٽن مان ڪچڙا گوڙنچ ڦُٽي رهيا هئا. رستن تي هوا ڊوڙي رهي هئي ۽ آسمان جو اڳڙ جوانيءَ ڦُٽڙ واري وهيءَ جيان داغيل هو. شام اڃا نہ ٿي هئي، پر ڏينهن اڏڙوٽ عمر جو هو. رستن تي هلڪو شور هو، باقي گهٽين ۾ مات ماٽڪي بيٺي هئي. هڪڙو سخت جسم ۽ ڪارن وارن وارو ماڻهو، پنهنجي مُک تي مهڪندڙ مُرڪ وکيري، ٻانهن جي اوٽ ۾ مُکڙيءَ جهڙو نئون ڇاول ٻار کڻي، ٽرائر جي برگوماسٽر جي آفيس ڏانهن تکيون ٻرانگهون پرڻ لڳو. اُتي پهچي، ڪجهه دير هن کي انتظار ڪرايو ويو، ۽ پوءِ عهديدار آڏو پيش ڪيو ويو، جنهن ان موقعي لاءِ مناسب ۽ عام طور ڪيا ويندڙ سوال پڇيا ۽ پوءِ هن پنهنجي معمولي مس وهائيندڙ ڪنپ واري قلم سان ڪجهه هن ريت لکيو: "سن 1818ع، مئي مهيني جي ستين تاريخ تي، شام جو چئين وڳي، ڪارن وارن همراهه ٽرائر جو رهاڪو، هائنرخ مارڪس، جنهن جي عمر 37 سال آهي، منهنجي آفيس ۾ داخل ٿيو، جنهن مون کي هڪ نر ٻار ڏيکاريو آهي ۽ بيان ڏنو آهي تہ مئي مهيني جي پنجين تاريخ تي، ٻي وڳي، هن جي گهر هي نر ٻار پيدا ٿيو آهي ۽ هي ان جو نالو ڪارل رکڻ گهرن ٿا." عهديدار ڪاغذ جي ڪنڊ تي تيزيءَ سان صحيح ڪئي ۽ جم جي سَند پيءُ کي ڏني. پيءُ ڪٽي ٿي ڇاتو تہ هيءُ سَند رکو هڪ ٻار جي جم جي نہ پر تاريخ جي تبديليءَ جي عظيم سند آهي ۽ نہ ئي ماءُ ٿي ڇاتو تہ ٻُري پنيور کي اُجارڻ لاءِ هن وٽ آرياڻي ڇائو آهي، جنهن جي حياتيءَ ۾ جيني سان گڏ جلاوطنيون

بہ ايندين ۽ اهو تہ هن عهديدار بہ نڻي ڇاتو تہ هي مُٺ جيترو پارڙو، ز
فقط ٽرائر، جرمني، يورپ، پر سموري دنيا جي اهل علم ۽ اهل عمل
ماڻهن جي نظر ۾ ڇيلهہ سڏي ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو. ڪنهن بہ نڻي
ڇاتو تہ هڪ اهڙي جينئس دماغ ٽرائر جي هڪڙي گهر ۾ اک کولي
آهي، جيڪو پورهيتن جو همیشه لاءِ پگهر سُڪائڻ وارو واءُ بڻجي،
انساني تاريخ جي مُنهن ۾ نئين نظريئي جو نُور وجهندو.

اڪثر وڏن ماڻهن جي حياتيءَ جا حساب ڪتاب ۽ ليکا ڇوڪا
پڙهندي، اها ڳالهہ دل ۾ ويڇي چَڪُ هڻندي آهي تہ اهي انهن مضمونن ۾
فيل ٿيندا آهن، جيڪي اڳتي هلي انهن جي مقبوليت جو اهم سبب
بڻجندا آهن. ائين ئي هن عظيم انقلابي پورهيت مفڪر، جنهن مضمون
۾ تمام گهڻ مارڪون ڪنيون، اهو هو تاريخ جو مضمون.

هن جي گهر ۾ سندس پيءُ طرفان سماجي ناانصافيءَ خلاف نفرت
جوڳين ڳالهين جو اثر هن جي ڪچڙي دماغ تي پيو هوءِ اهو هڪ نتيجي
جي صورت ۾ پڏرو تڏهن ٿيو، جڏهن پنهنجي اسڪول جي شاگردن جي
الوداعي تقريب ۾، هن 'نوجوانن کي ڪهڙو پيشو اختيار ڪرڻ گهرجي'
مضمون ۾ ڪجهہ هن ريت لکيو:

"اسين سماج ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب پيشو اختيار نٿا ڪري
سگهون، ڇو تہ گهڻو ڪري پنهنجي پسنديده پيشي لاءِ حالتون بهتر
ناهن هوندیون، پر ان جي باوجود ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسين اهڙو
پيشو اختيار ڪريون، جنهن ذريعي انسانن جي وڏ ڪان وڏ خدمت
ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي. انساني تاريخ گواهہ آهي تہ اهو ئي
شخص خوشنصيب رهيو آهي، جنهن انساني آبادي‌ءَ جي هڪ وڏي
حصي کي خوشيون بخشيون. جيڪڏهن ڪو شخص فقط پنهنجي لاءِ
ڪم ڪري ٿو تہ اهو شخص علم تہ حاصل ڪري سگهي ٿو، پر مڪمل
۽ حقيقي طور تي عظيم شخص نٿو بڻجي سگهي."

مدي خارج خيالن خلاف نفرت جي اظهار وارا اهي گهرا ۽
غيرروايتي خيال پڙهي اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن جي ڪچڙي وهيءَ
۾ فڪري پختگي اڃي چُڪي هئي. ان ئي سال هن بون يونيورسٽيءَ

’قانون‘ پڑھڻ لاءِ داخلا ورتي. اها ملڪ جي وڏي يونيورسٽي هئي، جتي هن کي ادب، شاعري، فلسفي ۽ سائنس پڑھڻ جو موقعو مليو. پر اهو ئي هن جي حياتيءَ جو حسين وقت هو، جو هن جي زندگيءَ جي مست نديءَ ۾ هڪ نيل ڪنول جھڑو گُل تڑيو... گل!؟ ها، بيشڪ گُل. هن جي جوانيءَ جي جوت مٿان پتنگ بڻجي جيني آئي. جيني هن جي پيءُ صوفي جي ساهيڑي هئي. پهرين ملاقات ۾ اڪين جي موسيقي محبت جو گيت ڳايو ۽ هي دنيا جي خوبصورت رنگ ۾ رنگجي ويا. جينيءَ جو تعلق دراصل جاگيردار گھراڻي سان هو ۽ هي وچولي طبقي سان واڳيل ڇوڪرو هو. انهن جي ان معاشي فرق جي ڪري شاديءَ وارو معاملو ٿورو ڏکيرو بڻجي ويو، پر نيٺ گھر وارن جي رضامنديءَ سان مڱڻو ٿي ويو، پر ان شرط تي تہ اهي پاڻ ۾ تيستائين نہ ملندا ۽ نہ ئي تيستائين شادي ٿيندي، جيستائين سندن پڑھائي مڪمل نٿي ٿئي. اهو فيصلو انهن ٻنهن جي محبت ڪندڙ جوان دلين جي وچ ۾ هڪڙو جبل هو، پر وٽن ٻي وات بہ ڪهڙي هئي، تنهن ڪري فيصلو قبول ڪيائون ۽ تعليم جي مڪمل ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. جيني تمام گھڻي خوبصورت ۽ غيرمعمولي سيرت واري ڇوڪري هئي. سندس سونهن جي ساراهہ اوسي پاسي ۾ سُرهاڻ جيان پکڙيل هئي.

هڪ سال بون يونيورسٽيءَ جي رستن تي هن رولاکيون ڪيون ۽ انهن نوجوانن جي گھيري ۾ زندگي گھارڻ لڳو، جن لاءِ جواني، مستي ۽ مزي کان سواءِ ڪجھ بہ نہ هئي، پر جڏهن اهڙي قسم جي سرگرميءَ بابت سندس پيءُ کي پروڙ پئي تہ هن واپس گھرائي ورتس ۽ مارڪس والد جي چوڻ تي برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. هن اتي محنت ۽ ولولي سان پڑھائي شروع ڪئي. هو قانون جو شاگرد هو، پر اڪثر وقت جرمنيءَ جي تاريخ ۽ ادب جي مطالعي ۾ گذاريندو هو. اتي پڑھندي سندس ذهن جي ڪينواس تي خيال پيو لامارا ڏيندو هو تہ ڪهڙو پيشو اختيار ڪجي، جيڪو عظيم کان عظيم تر هجي؟

برلن ۾ پڑھندي، شاعريءَ جي ديوي هن مٿان مهربان ٿي ۽ هي پنهنجن نفيس رومانوي خيالن جو پرت نظم جي چادر ۾ پيرڻ لڳو ۽ ان شاعريءَ

جي ست ست ۾ جيڪا شڪنڊ هئي، اها اڪثر جيني، جي ئي هوندي هئي. هو جيني، سان محبت ڪندو هو ۽ جيني هن سان. شاعري ڪندي هن قانون، فلسفي ۽ تاريخ جو وسيع مطالعو ڪيو. ڪتابن جي درياهه ۾ اکين سان ٽُپي هڻي، هو پنهنجي نڪور تحريرن سان ڪنارن تائين تري پاهر نِڪرندو هو. هڪ روسي مصنف والڪوف موجب، "هڪ سال جي عرصي ۾ هو ايترو پڙهيو جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. هو فقط پڙهندو نه هو، پر ڪڙهندو به هو. سموري چمار سندس اها عادت رهي ته جيڪو ڪجهه پڙهندو هو، ان جو تفصيلي تت لکندو هو ۽ گڏوگڏ پنهنجا خيال به لکندو هو. انهي عادت هن جي تحرير، سوچ ۽ يادداشت کي پختو ڪيو. اوٽويهه سال قانون جو وسيع مطالعو ڪندي، هن قانون جي موضوع تي 300 صفحن جو ڪتاب لکي ڇڏيو. اِن ئي عرصي ۾ آرٽ ۽ فلسفي جي تاريخ پڙهندي، مارڪس فلسفي جو آغاز ۽ تسلسل جي عنوان سان هڪ تحقيقي مضمون پڻ لکيو هو. افسوس! اهو تاريخ ساز فڪري مضمون اڄ پڙهندڙن لاءِ موجود ناهي. اهو ڏهين دنيا ۽ مٽي تي چت جي تلاش ۾ مارڪس کان ڪٽي گم ٿي چڪو هو.

هن جڏهن برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي، ته ورسٽي جي ڪوريڊورز ۾، گلن جي خوشبو گهٽ، پر هيگل تي بحثن جي هيڪار وڌيڪ هئي. هيگل جي فلسفي جو باقاعدي هر طرف چؤپول هو. هيگل جي خيال پسند ۽ جدلياتي فلسفي جا چاهيندڙ ساڃي ۽ ڪابي ڏُر جا هيگلين سڏبا هُئا. هي ان علمي ماحول کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ پنهنجي غيرمعمولي تنقيدي شعور سبب ليفٽ هيگلين سڏائجڻ لڳو.

بهرحال، مارڪس، هيگل جي سرشتي وار پيش ڪيل فلسفي کان ايترو متاثر ٿيو جو اڳتي هلي اُهو اثر مارڪس جي سڃي فڪري ڪم ۽ ڪردار جو بنيادي محرڪ بڻيو. هيگل جي طريقي ڪار کي ڪٽندي ۽ سندس نتيجن تي تنقيدي ٿيندي ئي مارڪس تاريخ جي مادي ۽ جدلي سمجهاڻي ڏيڻ جي لائق بڻيو.

مارڪس هيگل جي فلسفي تي تنقيدي اپياس ڪان پوءِ، هيگل جي ٻئي نقاد ۽ مادیت پسند فيلسوف (فيورباخ) جي ڪم ڪان پڻ متاثر

جيڪڏهن مارڪس جلد ئي فيورباخ جي مادیت جي غير جدلي ۽ غير تاريخي
جڏن کي سمجهي، ان کان اڳتي نڪري ويو. مارڪس لکيو ته، علم
فلسفي ۽ ان جي ماهرن، اڄ سوڏو فقط دنيا جي تشريح ڪئي آهي،
جڏهن ته سندن اصل ڪم رڳو دنيا جي تشريح ڪرڻ نه، پر دنيا کي
تبديل ڪرڻ آهي. هن جي اها ڳالهه فلسفي ۽ فلسفين تي رڳو تنقيد
نه پر بنهه ڇرڪائيندڙ ۽ نئين ڳالهه هئي. برلن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي
هن جي ترجيح تبديل ٿي. هن قانون ۾ مهارت حاصل ڪرڻ بدران
تاريخ ۽ فلسفي ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي، جنهن تي سندس پيءُ
ناراض ٿيو، پر چون ٿا ته پوءِ هن پيءُ کي راضي ڪري ورتو. هي برلن
يونيورسٽي جا ئي اهي ڏاڙا هئا، جو هن جي سيني ۾ فلسفو، تاريخ ۽
جيني گڏ ڏڙڪي رهيا هئا. هن برلن يونيورسٽي مان پنهنجو پي. ايڇ.
ڊي جو مقالو پورو ڪيو ۽ اهو ئي سال هو، جڏهن سندس پيءُ گذاري
ويو. مارڪس کي پنهنجي پيءُ سان ايتري اُنسيت هئي جو سندس
تصوير هميشه پاڻ سان گڏ رکيائين. ايتري تائين جو جڏهن مارڪس
وفات ڪئي ته اها تصوير ساڻس گڏ دفن ڪئي وئي.

مارڪس پنهنجي دوست برونو بائر سان گڏجي رسالو ڪڍيو ۽
ان ۾ حڪومت ۽ رياست سان لاڳاپيل معاملن سميت اڪيچار فڪري
۽ سماجي مسئلن تي زوردار انداز ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن جو تنقيدي
انداز نهايت چيندڙ ۽ غضب جو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو ترت ئي
حڪومتي عملدار متس ڏمرجي پيا ۽ مورڳو رسالي جي ڇپائيءَ تي ئي
پابندي هڻي ڇڏيائون.

هن ان اخبار کي ڇڏي هي اخبار ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ وري ان کي
ڇڏي ٽين اخبار جو ايڈيٽر بڻيو. اتي هن کي ستو پگهار ملڻ لڳو ۽ هن
جينيءَ سان شادي ڪئي.

اِها بظاهر ته هڪڙي شادي هئي، پر اها انساني تاريخ جو هڪڙو
نهايت خوبصورت ميلاپ هو. ۽ اها خوبصورتي جينيءَ جي ان ست مان
پڌري آهي، جو هن چيو ته "مون مارڪس سان نه، پر مارڪس جي خيالن
سان شادي ڪئي آهي."

شادي، کان پوءِ هو ڪجھ وقت ساھرن وٽ رھيو ۽ بعد ۾ جيئن تہ اخبار جي آفيس، جرمنيءَ جي سنسرشپ واربن غيرمناسب پاليسين سبب پيرس منتقل ڪئي وئي ھئي، ان ڪري ھن بہ پنھنجي ننڍين ڪنوار سميت پيرس وڃي رھائش اختيار ڪئي، پر بدقسمتيءَ سان ٽيو ائين جو ان اخبار جو پھريون پرچو ئي آخري پرچو ثابت ٿيو. اخبار جي بند ٿيڻ جو سبب مارڪس جا تنقيدي مضمون ھئا. جنھن کان پوءِ ھو جينيءَ سان گڏ ڪافي عرصو فرانس ۾ ئي رھيو ۽ اتي ھن فرينچ يوٽوپيائي ڪميونسٽ دانشورن ۽ مفڪرن جي لکڻين جو نھايت غور سان مطالعو ڪيو. ھن فرانس ۾ جتي فوريئر، سينٽ سائمن، رابرٽ اوون جھڙن اشتراڪي مفڪرن ۽ عالمن جي خيالن مان گھربل فائدو حاصل ڪيو، اتي روسو ۽ مونٽيسڪيو سميت بين اڪيچار فرينچ ڊيموڪريٽ مفڪرن جي ويچارن کي بہ ڇلھوريو. فرانس ۾ ئي ھن جي اينگلس سان ملاقات ٿي، جيڪو باقي زندگي ھن جو سچو ساٿي بڻيو. ھن اينگلس جي مدد سان برطانوي معيشت دانن، ايڈم سمٿ ۽ ڊيوڊ رڪارڊو جي ڪم کي پڙھي ورتو. فرانس ۾ ئي مارڪس ۽ اينگلس ڪلاسيڪي جرمن فلاسافيءَ تي تنقيد ۽ انساني تاريخ جو سڀ کان اھم سياسي پمفليٽ "ڪميونسٽ پڌرنامو" لکيو. فرانس واري تجربي ۽ اتي جي يوٽوپيائي مفڪرن جي فڪر کي ڇلھوڙڻ کان پوءِ ئي دراصل مارڪس، پنھنجي سوشلزم بابت نظريي جا ٺوس سائنسي بنياد وجھڻ واري سوچ ڏانھن راغب ٿيو. جنھن بعد ھن پرپور تياري ڪندي پنھنجي اٿاھ علمي ۽ فڪري ڪم جي بہ شروعات ڪري ڏني ھئي.

ھن پنھنجا علمي ۽ نظرياتي لکپڑھ جا ڪم گھٽو ڪري فرانس ۾ ئي ڪيا. فرانس ۾ اينگلس جھڙو دوست ملڻ، ھن جي وڏي خوشنصيبي ھئي. ھنن ڪافي ڪتاب گڏجي لکيا. ڪميونسٽ پڌرنامو لکجڻ وقت سمورو يورپ انقلابي اُٿل پُٿل مان گذري رھيو ھو. پيرس ۾ سوين پورھيت، سرمائيدارن خلاف اُٿي پيا ۽ سندن خلاف وڏي بغاوت شروع ڪري ڏنائون ۽ ائين چوڌطرف حڪومت خلاف ھنگاما شروع ٿي ويا. مارڪس انھن ھنگامن جي حوالي سان لکيو تہ "اھي ھنگاما گھٽن حوالن

ٻن ڏهن ويڙهه وانگر آهن. اها ويڙهه دراصل سرمائي خلاف پورهئي
جو جنگ آهي."

مارڪس مزدورن جي بغاوت کان متاثر ٿيندي، برسلز ۾ ڪاهي ڏر جي
تنظيمن جي رابطي ڪاريءَ کي وڌائڻ ۽ فرينچ پورهيتن جي طرز تي
گروپن گروه جون هدايتون ڏئي ٿي چڏيون. ان ڪري انهن تنظيمن
جي ڪارڪنن سرگرمين تيز ڪري چڏيون. نتيجي ۾ برسلز جي حڪومت
مارڪس جي سرگرمين تي پابندي وجهي
انهن کي جيل پڻ موڪليو ويو. جيل ۾ مارڪس سان سندس زال
به ملڻ وئي ته ان کي به مارڪس سان گڏ جيل ۾ واڙي چڏيائون.
مارڪس جي اهڙي زيادتيءَ خلاف برسلز ۾ احتجاج ٿيا، ته پوءِ حڪومت
مارڪس ۽ جينيءَ کي چڏي ڏنو. ان کان پوءِ مارڪس لاءِ برسلز ۾ رهڻ
ڏکيو ٿي ويو ۽ مٿان برسلز حڪومت به باضابطه طور سندس ملڪ
نڪالي ڏيڻ جو سرڪاري حڪم نامو جاري ڪري چڏيو، جنهن کان پوءِ
مارڪس ۽ اينجلس مارڪس کي برسلز چڏي، هڪ پيرو ٻيهر پيرس اچڻو پيو.

میرے دل میرے مسافر
ہوا پھر سے حکم صادر
کہ وطن بدر ہوں ہم تم
دیں گی گلی صدائیں
کریں رخ نگر نگر کا۔۔۔ (فیض)

مارڪس پيرس ۾ حالتون ٺيڪ نه هجڻ سبب جرمني آيو ۽ اُتي
اخبار ريڊي ٻيهر حڪومت جي ٻيائي، پورهيت دشمني ۽ غير جمهوري
ڪارتي زير دست مضمون لکيا، جنهن سبب اخبار تي پابندي هٽڻ
سان گڏ ڪيس جرمنيءَ مان جلاوطن ڪيو ويو.
اڻين مارڪس اخبار بند ڪري چڏي ۽ پرنٽنگ مشين وڪڻي
ڏاڙين جا رهيل پيسا چڪتا ڪيائين. جيني جا چانديءَ جا ٽانوَ،
ڀيڪي ڪيپرواڳ به گروي رکيا ويا هئا، ٻيهر گروي رکي، مارڪس
ڏاڙهن ڀاڙڻن کي ساڻ ڪري پيرس ڏانهن هليو

پيرس ۾ سياسي اُٿل پٿل سبب حالتون خراب ٿي چڪيون هيون. انقلاب جي ڳالهه ڪندڙ ماڻهو ۽ گروهه حُڪمرانن جي هنيانءَ ۾ خنجر جي وار جيان هئا ۽ مارڪس ته هو به هڪ نج پج انقلابي اڳواڻ، سو ڪٿي ٿو ڪائنڪ برداشت ٿئي. نيٺ هن کي پوليس طرفان ويهن ڪلاڪن اندر ملڪ مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو. هن وٽ ايترا پيسا نه هئا جو جيني ۽ ٻارن کي گڏ وٺي وڃي، تنهن ڪري هي اڪيلو پيرس مان نڪري لنڊن آيو. پويان جيني ۽ ٻار اڪيلا هئا ۽ جيني انهن ڏينهن ۾ پيٽ سان هئي. هنن پوءِ لنڊن ۾ رهائش اختيار ڪئي. لاڳيتو دربدري، بيروزگاري ۽ معاشي تنگ دستيءَ ڪيس غربت ۾ گهيري ورتو. سندس معاشي حالتن ۾ ڪا به تبديلي نه آئي. هن کي لنڊن ۾ چوٽون پٽ به ڇائو، جيڪو ڇهڙ سان سخت بيمار هو. پيسا نه هجڻ سبب علاج نه ٿي سگهيو ۽ سندس اهو پٽ نيٺ گذاري ويو. غربت صفا وڪوڙي ويس. وٽس ايترا پئسا نه هئا، جو جاءِ جي مسواڙ ادا ڪري سگهي. هڪ ڏينهن مالڪ پوليس گهرائي، زوريءَ کين گهر مان ڪڍي، گهر خالي ڪرائي ڇڏيو. هن واقعي کي جيني هڪڙي خط ۾ لکيو: "هڪ ڏينهن سرڪاري عملدار اسان جي گهر ۾ زوريءَ گهڙي پيا ۽ اسان جو سامان چادرن، ٽانوَن، ڪپڙن سميت منهنجي ڪير پيئندڙ ٻارڙي جي گڏين کي به تحويل ۾ وٺي ڇڏيائون ۽ مان ڪنڊ وٽيو ڳوڙها ڳاڙيندي رهيس."

جيني پنهنجن دوستن کي مدد لاءِ خط لکيا ۽ ڪائنڪ گُهر ڪئي ته "مارڪس ٻين لاءِ سوچي ٿو، سندس حق آهي ته ان جي معاشي مدد ڪئي وڃي. آئون ان کي ان ڏکي حالت ۾ نٿي ڏسي سگهان."

هنن ٻيو گهر ورتو، پر معاشي بدحالي ۽ تنگدستي جا ڏينهن هئا، جو هڪ طرف مارڪس جي گهر ۾ سندس ٻار خوراڪ جي ڪوٽ سبب ناچاقيءَ جو شڪار ٿيندا مرندا ٿي ويا ته وري ٻئي طرف جيني پاڻ به بيمار ٿي پئي، جنهن سبب مارڪس به بنهه اُباڻڪو ٿي ٻيو.

دنيا ۾ جيڪي به سچ پچ وڏا ماڻهو هوندا آهن، اهي سچائي ۽ حقيقت جي ڳولا ۾ ايترا ته مشغول هوندا آهن، جو کين ڪو ذاتي نقصان توڙي صدمو ڪمزور ڪري نه سگهندو آهي. مارڪس جي ڏيءُ گذاري

ربي. ڪفن لاءِ ڏوڪڙ نہ هيس. جڏهن پٽ گذاري ويس تہ هي "سرمايو" ڪتاب لکي رهيو هو، جنهن لاءِ چيائين تہ هي پُٽ ناهي مرٽو. مارڪس نوڪريءَ جي ڳولا ڪئي، پر مستقل طور ڪٽي بہ مزاج ۾ انصاف پسنديءَ خراب حُڪمرانيءَ سبب ٽڪي نہ سگهيو.

اينگلس کان پوءِ مارڪس جي جنهن معاشي مدد دل سان ءِ هڙان ورڻ ڪئي، اها هيلن ڊيموٽ هئي، جيڪا بالڪپڻ کان مارڪس جي گهر جي نوڪرياڻي هئي. جڏهن جينيءَ کي ڇهون پار جائو تہ اهو غذا جي ڪوٽ سبب مئل جائو. ان صدمي جيني کي تمام گهٽو مايوس ڪيو. اهڙين ڏکين حالتن ۾ بہ مارڪس وڏيڪ سنجيدگي ءِ محنت سان، پنهنجي فڪر ءِ سوچ کي هڪ مڪمل سائنسي نظريي جي شڪل ڏيڻ واري ڪم ۾ جنبيل رهيو. ائين مارڪس پنهنجي ڪتاب "سرمايي" جي پهرين جلد تي ڪم مڪمل ڪري ورتو.

ڏُکن ۾ريل ڏينهن ءِ مارڪس جي مستقل مزاجيءَ واري محنت ءِ دليريءَ جو مقابلو سخت هو، هن جي رڳن ۾ انقلابي رت ڊوڙندڙ هو. مارڪس وڏو حسين آدرشي وجود هو، جيڪو پورهيتن جي اُداس دل مٿان اُتساهہ جو آسمان بڻجي بيٺل هو. وقت جي بي واجبين جي واڇوڙي ۾ ويڙهجي وڃڻ کان پوءِ، سندس اکين جي ڪور مان ڪڏهن ڪڏهن ڳوڙها شرارت ڪري ظاهر ٿيندا هئا. پر سندس حوصلي جي حرارت انهن کي ڪو ورلي وهڻ ڏنو. هڪ دفعي سندس ڏيءُ سوال پڇيو تہ، "بابا! توهان تباهي ڇا کي چئو ٿا؟" مارڪس جواب ۾ چيو، "امان، ڪنڊ جهڪائڻ کي."

مارڪس جي دل مٿان دردن جا ڪارا ڪڪر تڏهن لٿا، جڏهن سندس سچي جيون ساٿياڻي هن کان هميشه لاءِ پري هلي ويئي. هوءَ ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا هئي. ان مرض سان جهيڙيندي نيٺ هڪ ڏينهن هوءَ گذاري ويئي تہ مارڪس جڙ ڇورو ڇنو ٿي ويو. جيني اتم خيالن جي مالڪ ءِ غيرمعمولي تخليقي ذهن رکندڙ عورت هئي. هوءَ گذاري وئي تہ هن جون اکيون پهرين کان وڌيڪ خوبصورت ءِ چمڪندڙ ٿي لڳيون. مرڻ کان اڳ هن وصيت ڪئي هئي تہ هن جي جنازي ۾ ڪا بہ رسمي ڳالهہ بولهہ نہ ڪئي وڃي. اسان کي ڏيڪاءَ واريون ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن.

جينيءَ جو وڇوڙو وڇون، جيان مارڪس جي روح کي ڏنگيندڙ رهيو. هو تمام گهڻو وڇاتو ۽ وياڪل ٻڌجي چڪو هو. هو پورهيتن جي نجات واري عظيم مقصد کي ذهن ۾ رکندي جي رهيو هو ۽ ڪم ڪري رهيو هو، پر جگر جي بيماري هن جو جيءُ جنجهوڙڻ لڳي هئي. هي پل موت جي ويجهو هو ته سندس وڏي ڌيءَ جي جُدائيءَ جي خبر سندس جيءُ جهوري وڏو ۽ ائين هي سرمائيدارن جي اک ۾ ڪنڊو ۽ پورهيتن جي هٿ ۾ نجات جو جهنڊو ٻٽيل مارڪس پنهنجي ميز تي لکندي موت جي ننڊ سمهي پيو. ائين هڪ سائنسي دماغ سوچڻ ڇڏي ڏنو. مارڪس کي سندس انقلابي ساٿياڻي جينيءَ جي پر ۾ دفن ڪيو ويو. هن جي موت تي زبردست لفظن سان خراج تحسين پيش ڪندي، سندس سچي ساٿي اينگلس چيو: "جيئن ڊارون نامياتي فطرت ۾ ارتقا جو قانون ڳولي لڌو هو، بلڪل ائين مارڪس انساني تاريخ ۾ ارتقا جي قانون کي ڳولي لڌو."

ڪارل مارڪس اهو ماڻهو هو، جنهن چيو ته بک ۽ غربت جو سبب دولت جي ورڇ ۾ ناانصافي آهي. هي اهو ماڻهو هو، جنهن جا ٿي ٻار غربت سبب مري ويا. هي اهو روءِ زمين جو پهريون يگانو انسان هو، جنهن فلسفي کي مونجهارن ۽ رنگينين مان ڪڍي، پيرين اگهاڙن ماڻهن جي زندگين جي مادي حقيقتن سان لاڳو ڪري، پورهيت مزاحمت جا نوان دڳ ڏيکاريا ۽ نجات جو فلسفو جنميو.

وقت وڏو ڪهاڙيڪار آهي. اهڙيون بہ ڪهاڻيون لکي ٿو، جيڪي پڙهي ننڊ اچي ويجي ۽ اهڙيون بہ ڪهاڻيون لکي ٿو، جيڪي پڙهي آرام ڦٽيو ويجي. ڪي ماڻهو خبرون لکندي، هڪ ڏينهن پاڻ هڪ ڏکوئيندڙ خبر بڻجي ويندا آهن. ڪي ماڻهو ڪهاڻيون لکندي، پاڻ هڪڙي ڪهاڻي بڻجي ويندا آهن. جيئن رومي چيو هو ته، 'مون سموري ڄمار عاشقن جا قصا ٻُڌا، پر تنهنجي عشق ۾ آئون پاڻ قصو ٿي ويس.' مارڪس جي ڪهاڻي سمورن فلسفن جي علميتن جو نچوڙ ۽ انقلاب جي ڪهاڻي آهي. هن پنهنجي نظريي ۾ زماني کان وسري ويل ماڻهن جي ڳالهه ڪئي ۽ هيٽن ڪي تاريخ جو هيرو ڪري پيش ڪيو. هو سرمائيدارن لاءِ خوف ۽ پورهيتن لاءِ ڏيڏ هو. هن جي پورهيت دوست انقلابي نظريي

جي نڪري اُڏام کي پڙهي لڳي ٿو تہ هن انهن سمورن لڙڪن کي گولي لڏو، جيڪي ٻيوسيءَ ۾ گلن جي لام نہ لتاڙي سگهيا ۽ اکين جي ڪنڊيءَ تي اچڻ کان اڳ جذب ٿي ويا. هن پورهيتن جي ڏُک جي آتم کهاڻيءَ جو ايياس ڪري، اهو نتيجو ڪڍيو، تہ هن ڌرتيءَ کي ڏِڳي جا سگ نہ، پر پورهيتن جا هٿ ڪنيو ٻيٽا آهن. جڏهن هو ڪميونسٽ پڌرنامي ۾ دنيا جا پورهيتو! هڪ ٿي وڃو' جو نعرو ٿو هڻي تہ دراصل هو سرمائيدارن ۽ ٺورن جي ڏاڍ خلاف هڪ تاريخي اهڙي للڪار ڪري ٿو، جنهن جي پڙاڏي ۾ پورهيتن جو پگهر ۽ سرمائيدارن جو رت سُڪندي محسوس ٿئي ٿو. هيءُ اهو ماڻهو هو، جيڪو سموري زندگي شهر بدر ۽ ملڪ بدر ٽينڊورهيو ۽ جنهن جو ڪو ذاتي گهر نہ هو، پر هن مسواڙ جي گهرن ۾ ويهي جيڪي ڪُجهہ لکيو، سو سموري دنيا جي پورهيتن مٿان ڇپر ڇانوَ ٿي ٻيٺو. هُن "سرمايو" جا جُلد لکيا، پر پيسن جي اٽهوند سبب سندس ٻچا لنگهڙ ۾ مُئا. هي اهو ماڻهو هو، جنهن بکيي پيٽ ۽ اوجاڳيل اکين هوندي بہ حالتن جي ڪنڊ تي لت ڏيئي، مظلومن ۽ محڪومن جي هٿن ۾ سندن نجات جو منشور ڏنو ۽ اڻ پڙهيلن کي فطرت، سماج، شعور ۽ عالمي تاريخ جي اڻسر جو منطق سمجهايو. مارڪس ئي انساني تاريخ جي اسٽيج تي بدمست بادشاهن، فاتحن، پروهتن، وياج خورن، سرمائيدارن ۽ جاگيردارن کي ڪن ڪان جهلي هيٺ لاٿو ۽ عام پورهيتن کي ان مسند تي ويهاريو. ان ئي اسٽيج تان مارڪس هڪ اهڙو نئون گيت ڳايو، جنهن جي ڌُن هن پاڻ دريافت ڪئي ۽ اهو آهي سرمايي(مئل) ۽ محنت (زندهہ) جو تضاد، جنهن جي ڪُڪِ مان ڦُٽي ٿي ٻُڪَ ۽ ان ڌُن ۾ ئي پورهيت جي آزادي، برابري، سرور، سڪون ۽ صدين جي مسرت لڪل آهي. مارڪس تاريخ جي درياءَ ۾ نئين فڪر جي ٽُهي هڻي، پورهيتن کي ترڻ جو گُر سيکاري ۽ نڪرڻ جو هنر سِيکاري هليو ويو، پر هن جو گيت اڄ هر ملڪ ۽ مظلوم طبقي جي دل ۽ دماغ ۾ گونجي رهيو آهي ۽ تيستائين گونجندو رهندو، جيستائين هيٺي مٿان ڏاڍي جي جبر، استحصالي نظام ۽ سمورين سماجي برائين جي پاڻ، يعني ذاتي ملڪيت جو خاتمو نٿو ٿئي.

2

نظريو

اسين سڀ جيڪي مظلوم، محڪوم، پيرين اُگهاڙا، پيٽ ٻُکيا، ڏُتڙيل، ڦُريل ۽ لُٽيل آهيون. اسين سڀ جيڪي ٻُک جي ڪُک مان پيدا ٿيندڙ ڏُک جا ڏنگيل ڏرتي ڌڻيءَ آهيون ۽ جن جو رت پي سرمائي جي ڏائڻ روز تازي توانائي ٿئي ٿي ۽ اسان جي اڌ مُئل جسمن کي ويتر نپوڙي ٿي، تن سين جي جسم جي سگهه ۽ ذهن جي جوت جو نالو مارڪسزم آهي. انصاف، برابري، علم ۽ آزاديءَ سان اسان جي پيار کي مارڪسزم نئون معراج ۽ عوام دوست انقلابي سياست ذريعي ممڪنات جا نوان در آڇي ٿو.

سماجي تبديليءَ جو رستو گهڻ رُخو، وسيع، ڊگهو ۽ پيچيده ٿئي ٿو ۽ ان ۾ پيڙهه جو پٿر رکڻ وارو نهايت اهم ۽ بنيادي ڪم انقلابي سياست جو هوندو آهي. انقلابي سياست جو ڪارج محڪوم ماڻهن جي قومي، طبقاتي ۽ سياسي شعور کي اڀرڻ وڌائڻ آهي ۽ عوام کي نظريي ۽ درست واٽ کان صحيح نموني روشناس ڪرائڻ آهي. سياسي شعور بنا نه هن سماج ۽ رياست کي سمجهي سگهجي ٿو ۽ نه ئي وري ان کي تبديل ڪري سگهجي ٿو. انقلابي سياست صحتمند سماج جو ساهه پساهه ۽ درست دڳ آهي. انقلابي سياست هڪ اهڙو نظرياتي سياسي تنقيدي چنجور آهي، جيڪو هن خراب نظام جون پاڙون کوٽي ڪڍي ٻاهر اڇلائي ٿو. سماجي تبديلي ۾ نقطن تي بيٺل هوندي آهي: هڪڙو حالتن جو بدترين جبر، ٻيو انهن ئي حالتن جو گهرو شعور، انهن جي پرک ۽ پروڙ، جيڪا غلاميءَ کان نفرت ڏياريندي آهي ۽ حق سچ جو ساٿ ڏيڻ لاءِ هُل ڪندي. نيون نيون حڪمت عمليون ۽ ويڙهه جا نوان گس ڳولي مزاحمت جو ميدان ملهائيندي آهي.

ائين تہ نہ 'ڪنڊيءَ اُيي ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن' جيان سماج ۾ رياست جي تبديلي ۾ ان جي سُڌاري بابت ڪوڙ اهڙا سياسي نظريا آهن، جيڪي رياست جي بيهڪ ۾ ان جي نظرياتي پاسي بابت ڄاڻ ڏين ٿا. پر انهن سيني ۾ جيڪو پورهيت طبقي جي آڇيي جو حقيقي سائنسي نظريو آهي، اهو آهي مارڪسزم.

بُک جو جاگرافيائي محور پورهيت جو پيٽ آهي! پورهيت جو پيٽ ۾ ڪيٽ، ٻئي سيٽ جي ڪاتي واري رجسٽر ڪان ننڍا هوندا آهن. ڇاڪاڻ جو سيٽ جي آڱرين جو قلم جڏهن رجسٽر جي صفحي تي هلندو آهي تہ ٻڙين ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ۾ پورهيت جي زندگيءَ جون ٻڙيون گهٽجي ويندیون آهن.

بُک، جنهن جي صورت سُڪل پنن ۾ قبرستان جي خالي آڪيرن جهڙي ۾ جنهن جو بدن بيوهہ عورت جي چونئري ۾ ٽنگيل چوڙن جهڙو هوندو آهي، سا ڪٿان ٿي اچي؟ ان بُک جو پيءُ ۾ ماءُ ڪير آهن؟ اها ڪٿي ۾ ڪيئن وڌندي ويجهندي آهي؟ روزانو 25 هزار انسانن کي پنهنجي گيس چيمبر جهڙي پيٽ ۾ اوتي مارينڊر بُک، ڇا آسمان جي انڊي ورڇ آهي؟ جيئن وتائي فقير چيو هو يا انسان کي ڏوهن جي بدلي مليل ڏُهاڳ آهي؟ جيئن پروهت، پنڊت ۾ ملان سمجهائين ٿا. اسين سمجهون ٿا اهڙو ڪُجهہ ڪونهي. درحقيقت اها بُک، طبقاتي معيشت جي ڪميٽي وهنوار يا سماجي دولت جي غير منصفاڻي ورڇ جو ناجائز اولاد آهي. اها بُک نتيجو آهي اُن ڏوَ جي اٺهوند جو، جيڪو موڙي، مال، دولت ۾ جديد دور ۾ سرمائي جي صورت ۾ قابضن ۾ حاڪمن جي بينڪ اڪائونٽن ۾ باندي بڻايل آهي. اهڙيءَ ريت بُک کي انهن ئي سرمائيدارن پاليو ۾ تاتيو آهي. اُن شڪاري ڪُتي وانگي، جنهن کي شڪار دوران ان ڪري بہ بُکيو رکيو ويندو آهي، جيئن اُهو جلد شڪار ڪري اچي ۾ پوءِ جنهن تي مالڪ پنهنجو هٿ صاف ڪن. ائين طبقاتي سماج جي ڪري هڪڙن جي بُک ئي ٻين جي اضافي ڏوَ جو سبب بڻجي ٿي ۾ وڏي دائري ۾ ڏوَهڪ پاسي ۾ بُک ٻئي پاسي جمع ٿيندي رهي ٿي. مارڪسزم ان بُک جي پاتال تائين

جي پورهيي جي سگهه کي خريد ڪري، بدلي ۾ ان کي اٽڪيوري اُجرت ۽ بک جو تحفو ڏنو آهي ۽ پوءِ ان جو الزام تقدير ۽ خدا تي هنيو اٿن.

مارڪسزم کو جامد ۽ بيٽل نظريو ناهي، بلڪ هڪ ڪارائتو رهنمائي ۽ اوسر ڪندو رهندڙ سائنسي نظريو آهي، جيڪو نون مشاهدن، مطالعن، تجربن (مزاحمتن) ۾ نِت نئون ٿيندو رهي ٿو. مارڪسزم جي سمجهه رکندڙ ماڻهو هميشه انڌي عقيدي ۽ وهم پرستيءَ جو مخالف هوندو آهي، ڇاڪاڻ جو مارڪسزم سائنس آهي ۽ سائنس اکيوڻ بند ڪري ڪنهن شيءِ کي تسليم نٿي ڪري، پر سببيت ۽ منطقيت ۽ ڪارڻي رشتن (ڪارڻيت) کي سمجهڻ تي زور ڏئي ٿي، جيڪا اسان کي هن ڪائنات، دنيا، انسان ۽ انساني سماج جي مختلف پهلوئن بابت سُرت، ساڃاهه ۽ پرک فراهم ڪري ٿي. مارڪسزم اسان کي ٻڌائي ٿو ته اسان جو سماج هاڻوڪي سطح تائين ڇو ۽ ڪيئن پهتو آهي ۽ اڳتي هلي ان ۾ ڪهڙي قسم جي تبديليءَ جا امڪان آهن. هي نظريو سمجهائي ٿو ته جهڙيءَ طرح معروضي فطري دنيا ۾ رونما ٿيندڙ لقاءَ ۽ واقعا رڳو اتفاقي ناهن، اهڙيءَ طرح انساني سماج ۾ پڻ جيڪا تبديلي اچي ٿي. اها اتفاقاً نٿي اچي، پر ان پويان ڪي خاص قانونَ ۽ ٺوس سبب هوندا آهن. مارڪسزم فقط نظرياتي يا فڪري ڇيڊ جو اوزار نه، پر عملي يا عمل جي سائنس آهي. مارڪسزم انهن سمورن فلسفياڻن، سماجي، معاشي ۽ سياسي خيالن جو هڪ گڏيل عضوياتي سرشتو آهي، جيڪو سماج جي تاريخي اوسر ۽ ان جي انقلابي ڪايا پلٽ (حالت بدلائي ڇڏڻ) جي عمل ۾ هڪ پاسي پاڻ متاثر ٿئي ٿو ۽ ٻئي پاسي ان پوري عمل کي سمجهائي ۽ ان جي رهنمائي ڪري ٿو. خود مارڪس جي پنهنجي اوسر بہ اهوئي سمجهائي ٿي. مارڪس، پنهنجي دور تائين اُسريل سائنس، فلسفي، معيشت، ادب ۽ تاريخ سميت سمورن علمن کي پڙهي، ڪڍي ئي مادي بنيادن سان جنهن علم (مارڪسزم) کي تخليق ڪيو، سو تاريخ جي تسلسل سان گڏ ان ۾ معياري تبديليءَ جو اُهڃاڻ هو. ائين ئي مارڪس کان پوءِ هر دور ان علم ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ٿيندڙ عمل جي وسعتن ۾ نوان واڌارا ڪندو رهي ٿو.

مارکس جا نظرياتي سرچشما جرمن کلاسيکي فلسفو، انگريزي کلاسيکي معاشيات ۽ فرانسيسي سياسيات يا يوٽوپيائي سوشلزم سمجهيا وڃن ٿا. هيٺ انهن ٽن شروعاتي سرچشمن، ماخذن يا ٽنهن جي مختصر سمجهاڻي ڏجي ٿي.

مارکس جا ٽي اهم فکري ماخذ

1. جرمن فلسفو

جيئن ته مارکس جي علمي وسعت، فکري گهرائي، نظرياتي پختگي ۽ نواڻ جو بنيادي سبب اهو هو جو هن تاريخ جو گهرو، گهڻ طرفو ۽ سائنسي انداز ۾ اڀياس ڪري، ان تي پنهنجي تنقيد رکي. جرمن نظريو، جيئن ڪارل مارکس بيان ڪيو آهي، انهن فلسفن ۽ سياسي خيالن ڏانهن اشارو ڪري ٿو جيڪي اوڻيهين صدي عيسويءَ دوران جرمنيءَ ۾ آشڪار ٿيا. مارکس پنهنجي ڪتاب "دي جرمن آئيڊيالوجي (1845-1846ع)" ۾ انهن خيالن تي تنقيد ڪئي آهي، جيڪو فريڊرڪ اينگلس سان گڏجي لکيو ويو هو. هتي جرمن نظريي جي ارتقا ۽ تنقيد جو هڪ جائزو پيش ڪجي ٿو.

روشن خيالي ۽ عقليت پسنديء: جرمن فيلسوفن، جهڙوڪ: امانوئل ڪانٽ، جوهان گوٽليب، فشٽي ۽ جارج ولهيلم، فريڊرڪ هيگل، عقل، اخلاقيات ۽ انساني حالت جي تبديلي يا تاريخ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

رومانويت ۽ قوميت: مفڪرن، جهڙوڪ: جوهان گوٽ فرائيڊ وون هيرڊر، فريڊرڪ شيليرماڪر ۽ ارنسٽ مورٽز آرنڊٽ، قومي سڃاڻپ، لوڪ داستان ۽ فرد جي اهميت تي زور ڏنو.

آئڊيلزم ۽ ايبسوليوٽزم: هيگل، فريڊرڪ شيلنگ ۽ آرٿر شوپنهاوَر جهڙن فلسفين جو ڏيان مطلق روح، رياست ۽ سماج ۾ فرد جي ڪردار تي هو.

مارڪس جي تنقيد

آئڊيلزم ۽ ميٽيريلزم: مارڪس دليل ڏنو ته جرمن نظريو تجربائي خيالن تي تمام گهٽو ڌيان ڏئي ٿو ۽ سماج جي مادي حالتن کي نظرانداز ڪري ٿو.

طبقاتي جدوجهد: مارڪس جو خيال هو ته جرمن نظريي، طبقاتي جدوجهد ۽ سماج جي معاشي بنيادن کي نظرانداز ڪيو آهي.

نيشنلزم ۽ شاونزم: مارڪس جرمن نظريي ۾ قوميپرست ۽ شاونسٹ رجحانن تي تنقيد ڪئي، جن کي هن ورهائيندڙ ۽ نقصانڪار ڏٺو.

سائنسي طريقي جي ڪوٽ: مارڪس دليل ڏنو ته جرمن نظريو غير سائنسي هو ۽ سماج ۽ تاريخ کي سمجهڻ لاءِ سائنسي طريقي کي لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام ويو.

پورهيتن جي ڪردار کي نظر انداز ڪرڻ: مارڪس جو خيال هو ته جرمن نظريو سماج ۽ تاريخ جي جوڙجڪ ۾ پورهيت طبقي (پرولتاري) جي اهميت کي نظرانداز ڪري ٿو.

ڪلاسيڪي جرمن نظريي تي مارڪس جي تنقيد ٿوس تجريدي جدليات جي مابعد طبعيات ۽ مادي نڪته نگاهه کان خيال پسنديءَ تي هُئي. هن دليل ڏنو ته سماج ۽ تاريخ جي حقيقي سائنسي سمجهاڻي جو بنياد پيداوار جي مادي حالتن ۽ طبقاتي جدوجهد جي اوسر ڏاڪي پٽاندر هجڻ گهرجي، نه ڪي تجريدي خيالن ۽ قوميپرستيءَ جي جذبن تي. مارڪس جي وڏي تنقيد هيگل جي خيال پسند جدلياتي سرشتي ۽ فيورباخ جي غير جدلي ماديت تي هُئي. هيگل جي تاريخ جي فلسفي بابت لکيل ڪتابن جو مارڪس ڳوڙهو مطالعو ڪيو ۽ انهي مان ئي پنهنجي فلسفي کي اخذ ڪيو. هيگل جو تاريخ ۽ جدليات بابت فلسفو، معروضي عينيت پسنديءَ (Objective idealism) تي ٻڌل هو. مارڪس، هيگلين فلسفي جي جدلي سرشتي واري روح کي پنهنجو ڪندي، ان کي سائنسي ۽ مادي بنياد ڏنا. مارڪس اهو واضح ڪيو ته هيگل سان بلڪل اتفاق آهي ته تاريخ هڪڙي سلسلي هيٺ ترقي ڪري رهي آهي، پر اها ترقي ڪنهن مطلق روح جي ترقيءَ جو اولڙو نه، پر طبقاتي جدوجهد

ذريعي ممكن بڻي آهي. اها هڪ نہ پي شڪل ۾ طبقاتي جدوجهد ئي آهي، جيڪا تاريخ جي انجڻ طور ڪم ڪري ٿي.

2. برطانوي سياسي معيشت

انگريزي سياسي معيشت جي نظريي دانن جي فهرست ڊگهي آهي، پر انهن مان ايڈم سمٿ، ڊيوڊ ريڪارڊو ۽ رابرٽ مالٿس اهڙا نالا آهن، جن ارڙهين ۽ اٺويهين صديءَ ۾ معيشت جي علم کي جديديت سان اهڙيءَ ريت همڪنار ڪيو، جو انهن کان پوءِ جيڪي بہ نظريا آيا، مٿن انهن مفڪرن جو وڏو اثر رهيو.

ايڈم سمٿ: انگلش سياسي معيشت جو اهم نالو ايڈم سمٿ سمجهيو وڃي ٿو، جنهن کي عمومي طور تي 'جديد معاشيات جو ابو' پڻ چيو وڃي ٿو. هن معيشت، سياسي معيشت ۽ اخلاقي نفسيات تي تمام سٿو ڪم ڪيو. سندس ڪتاب "قومن جي دولت" تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ هن ڪتاب معيشت جي علم کي نئين زندگي ڏني. هن پنهنجي ڪتاب ۾ انساني ڪردار تي بحث ڪيو آهي ۽ ان کي پنجن بنيادي محرڪن، 1. پاڻ سان محبت، 2. آزاديءَ جي خواهش، 3. محنت جي عادت، 4. معقوليت ۽ 5. شين جي مٽاسٽا ۾ ورهايو آهي. اهي پنج محرڪ انساني عملن ۾ توازن پيدا ڪن ٿا. جن هيٺ اهي پنهنجن مفادن کي پهرين ترجيح ڏيندي بہ ٻين جي مفادن جو خيال رکن ٿا. جڏهن ايڈم سمٿ فطري نظام جي انهن اصولن کي معاشي معاملن تي لاڳو ڪري ٿو، تڏهن هو تجارتي ۽ صنعتي سرگرمين ۾ ڪنهن بہ قسم جي رياستي مداخلت جي سخت مخالفت ڪندي نظر اچي ٿو. هو حڪومت لاءِ فقط ڪم ئي مختص ڪري ٿو. يعني ٻاهرين حملي جو دفاع، عدليہ جو قيام ۽ اهڙا ادارا، جيڪي فردي سرپرستيءَ کان آجا هجن. ساڳيءَ وقت هو اهو بہ قبول ڪري ٿو تہ جديد سرمائيداراڻي نظام کي ڪو ماڻهو يا ماڻهن جو گروهہ (سرمائيدار) نہ، پر معيشت جا ڳجها هٿ (قانون) هلائين ٿا. هن علمِ معيشت ۾ جيڪو اهم اضافو ڪيو، اهو قدر آهي. هن چيو تہ ڪنهن قوم جي دولت جو بنياد هن شرطن تي آهي: پهريون گڏيل محنت جي قابليت ۽ ٻيو فائديمند محنت جو استعمال، جيڪو دولت

جي واڌاري لاءِ ضروري آهي. ان حوالي سان هو گڏيل محنت جي گاله
ڪندو هو، جيڪا ناليءَ ۾ اضافي جو سبب بڻجي ها. هوان کي پنهنجي
پن لاهڻ واري مشهور مثال سان واضح ڪري ٿو. قدر کي وڌيڪ مختصر
ڪري هينئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته، ڪنهن شيءِ جي قدر جو
اندازو ان محنت مان لڳائي سگهجي ٿو، جيڪا ان شيءِ کي ٺاهڻ ۽
استعمال ٿي ويئ هو قدر جا به قسم. استعمال ۾ قدر ءِ بدلي ۾ قدر سڏي ٿو.
انهن ٻنهي اصطلاحن کي پوءِ ريڪارڊو ءِ مارڪس به پنهنجي معاشي
نظرين ۾ استعمال ڪيو.

ريڪارڊو: هن سمٿ جي نظريي قدر ءِ تقسيم کي اڳتي وڌايو.
عام طور تي اهو سمجهيو ويندو هو ته ڪنهن شيءِ جي قيمت فقط ان ۾
لڳل محنت جي برابر هوندي آهي، پر ترقي يافته سرمائيداراڻي نظام ۾
اهو وڌيڪ پيچيده ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته هن نظام هيٺ سرمائيدار
ايترو نٽو ڏئي. جيترو مزدور پيدا ڪيو آهي. اهو اضافي قدر سرمائيدار
پاڻ وٽ رکي ٿو. هي ئي اهو اضافي قدر (surpluse value) آهي، جنهن تي
مارڪس جو استحصال وارو نظريو بيٺل آهي. ءِ ڪتاب "ڪيپيٽل" جا
آخري ٻه جلد به ان سان لاڳاپيل آهن. اهڙيءَ طرح، سمٿ ءِ ريڪارڊو،
مارڪس جي اضافي قدر جي نظريي لاءِ بنياد مهيا ڪيا.

مالٿس: هي هڪڙو انگريز پادري هو. هن آباديءَ جي باري ۾
پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. هن جو چوڻ هو ته زمين جي هڪ مقرر
حد آهي. ءِ ان جي پيداوار ۾ حسابي طريقو (گڻپ) يعني، 1، 2، 3، 4 سان
اضافو ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته آبادي واڌو (+) طريقي سان وڌندي آهي.
يعني 1، 2، 4، 8... ان ڪري ساڳي رفتار رهي ته هڪ ڏينهن آباديءَ جي
نسبت خوراڪ ءِ وسيلا گهٽجي ويندا. بيمارين ءِ جنگين لڳنديون.
ايئن فطرت پاڻ آباديءَ جي روڪ جا طريقا ايجاد ڪندي ءِ اهڙيءَ
طرح آبادي گهٽ ٿيندي. بنا ڪنهن شڪ جي آباديءَ جو مامرو اهم
آهي. پر اڄ جيڪڏهن اٽ ارب آباديءَ جو ذري گهٽ اڌ (يعني سائيا ٿي
ارب آبادي) غربت جي ليڪ کان هيٺ رهڻ تي مجبور آهي ته ان جو
سبب خوراڪ ءِ وسيلن جي ڪوٽ بدران واڌو پيداوار ءِ ان جو ڪجهه

هتن ۾ گڏ ٿيڻ آهي. مائو زي تنگ، مالٽس جي آبادي‌ءَ واري سوال تي چوندو هو ته ماڻهوءَ وٽ کائڻ لاءِ وات هڪ پر ڪم ڪرڻ لاءِ هٿ ۽ آهن. اهڙي‌ءَ ريت سوال ان پيداواري نظام جو آهي، جيڪو اُجرتن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ پورهيتن جي وڏي انگ کي بيروزگار رکندو آهي، نه ته اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي‌ءَ واري دور ۾ اڄوڪي دنيا جي آبادي‌ءَ کان ٻيڻي آبادي‌ءَ لاءِ پڻ ضرورت جون سڀ شيون پيدا ڪرڻ کي وڏو اِشو ڪونهي. اهڙي‌ءَ ريت مالٽس جو ڪٽل پاسو اهو هو جو هو پيداوار جي جديد طريقي ڪار ۾ پيداوار منجهه اضافي جي رجحان کي نه سمجهي سگهيو.

3. فرانسيسي يوٽوپيائي سوشلزم

هونئن ته فرانس جي سوشلزم جي فڪري ارتقائي مرحلن جي هڪ ڊگهي ڪهاڻي آهي ۽ ظاهر آهي وڏا انقلاب ڪورات پيٽ ۾ ڪُنيي‌ءَ جيان ڦُٽي ناهن نڪرندا. ان پويان هڪ ڊگهي وارتا هوندي آهي. فرانس جو انقلاب تاريخ جو هڪ اهم ۽ وڏو انقلاب هو، جنهن جي تفصيل ۾ ويڙ بدران مختصراً پاڻ فقط چند مفڪرن جو ذڪر ڪنداسين، جن کان سواءِ فرانس جي سوشلزم جي ڪهاڻي اڌوري آهي. اهي مفڪر هئا، ٽامس مور، سينٽ سائمن، چارلس فوريئر ۽ رابرٽ اوون.

ٽامس مور: ٽامس مور سورهين صدي‌ءَ جي شروعات ۾ انگريز سماجياتي ڏاهو هو. هي (يوٽوپين) خيالي سوشلزم جي بانيڪارن مان هو. مور نئين سجاڳي‌ءَ واري انسان دوستي ۽ عقليت پسندي‌ءَ کان متاثر هو. هن ذاتي ملڪيت تي ٻڌل نظام ۽ ان دور جي برطانيا ۾ سماجي سياسي لاڳاپن تي تنقيد ڪئي. هن هڪڙو سرشتو ڇڻيو، جنهن ۾ گڏيل ملڪيت حاوي هئي. هن جي خيال ۾ نئين نظام ڏانهن منتقلي پرامن طريقي سان ٿيندي. هن پهريون پيرو پيداوار جي سماجي ڪردار بابت سرشتيوار سمجهاڻي ڏني ۽ ان کي پورهيي ۽ ورڇ جي ڪميونسٽ جڙت واري خيال سان ڳنڍيو. هن جي يوٽوپيائي آزاد رياست جي خاڪي ۾ خاندان کي معاشي ايڪو قرار ڏنو ويو هو ۽ هُن چيو ته پيداوار هٿ جي هنر تي ٻڌل هوندي، پر جيئن ته چمڙا سوجهرو برداشت ناهن ڪري

سگھندا. ان کري بادشاھ جي حڪم تي ٽامس مور جي سِسي لائي وئي
هن جي يوٽوپين فڪر کي وري فرانس ۾ سينٽ سائمن اڳتي وڌايو.

سينٽ سائمن: سينٽ سائمن جيڪي نظريا پيش ڪيا، اهي گھڻن حوالن سان مارڪس جي فڪر جا پيشرو ثابت ٿيا. سائمن فلسفي جي تاريخ ۾ هن نظريي کي استحڪام بخشيو ته تاريخ چند قانونن جي تاريخ آهي. هن نظريي کان پوءِ هيگل پنهنجي ڪتاب "تاريخ جو فلسفو" ۾ هن کي وڌيڪ سنواريو ۽ مارڪس تاريخي مادیت جي حوالي سان ان کي پنهنجي لحاظ کان سائنسي بنياد مهيا ڪيا.

هن چيو ته هر سماجي نظام پاڻ کان اڳ واري نظام مان اُسريل هوندو آهي. هن لازميت پسنديءَ جي ڳالھ ڪئي ۽ ان کي سائنسي سماج جي اؤسر تائين وڌايو ۽ چيو ته تاريخ کي قانون هلائين ٿا. تاريخ کي فطري سائنس وانگر ٽيڙيو آهي. هر سماجي نظام، تاريخ ۾ هڪ وک آهي، ۽ اؤسر آهي. سماجي اؤسر جون ڏکيندڙ قوتون، سائنسي ڄاڻ، اخلاق ۽ مذهب آهن. هن موجب، مستقبل جو سماج عوام مٿان حڪمراني ڪرڻ بدران پاڻ انتظام سنياليندو ۽ پيداوار جو بندوبست ڪندو.

رابرٽ اوون: خيالي سوشلزم جو هي هڪ اهم مفڪر آهي. اينٽلي، مارڪس کان پھريان رابرٽ اوون کي مزدور تحريڪ جو باني قرار ڏنو. هن تعليم ڏانهن خاص ڏيان ڏنو. هو چوندو هو، سڀ کان اعليٰ اها رياست هوندي، جنهن جو تعليمي نظام بهتر هوندو. هن جي خيالن هڪ سرشتي جي شڪل ورتي، جنهن کي اوون سوشلزم سڏيو ويو. ان جا اصول گڏيل ملڪيت ۽ پورهيو، ذهني ۽ جسماني پورهيي جي گڏپ، فرد جي گھڻ طرفي اؤسر ۽ حقن جي برابري هئا. اينگلس موجب، هن مادیت پسند فيلسوفن جي تعليم کي قبول ڪيو ۽ چيو ته ماڻھوءَ جو ڪردار هڪ موروثيت هٿان ۽ ٻيو فرد جي زندگيءَ دوران ماحول هٿان طئي ٿئي ٿو. هن عورتن ۽ ٻارن جي ڪم جي وقت کي محدود ڪرائڻ وارو پھريون قانون منظور ڪرايو. هن سماج جي تبديليءَ لاءِ سرمائيدار حڪومتن تي پاڻيو ۽ ائين هو سُڌارپسنديءَ جو داعي ٿي پيو ۽ سماجي انقلاب جي ضرورت کي سمجھڻ ۾ ناڪام رهيو.

فوريئر: هن جو خيال هو تہ سمورا انساني جذبا ۽ڪوششون نيڪ هوندیون آهن. ڪوڙ ماڻهو ۾ ناهي، پر سماج ۾ آهي، جنهن ۾ هو رهي ٿو. انهيءَ ڪري هڪ سماجي نظام ٺاهڻ جي ضرورت آهي، جيڪو انساني جذبن جي اوسر ۾ پرپور اطمينان کي هٿي ڏئي. اينگلس چوڻي، فوريئر پهريون ماڻهو هو، جنهن چيو تہ ڪنهن بہ سماج ۾ عام آجپي جو فطري ماپو، عورت جي آزاديءَ جي درجي هٿان طئي ٿئي ٿو. هن سڄي تاريخ کي ارتقا جي چئن مرحلن ۾ ورهائي ڏنو: وحشت، بربريت، پدرشاهي ۽ تهذيب.

ماركس جي فكر جا اهم نُكتا

1. جدلي ماديت

جدليات عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو جدل مان ورتل آهي. جنهن جي لغوي معني آهي: جنگ، جهيڙو ۽ ٽڪراءُ.

جدلي ماديت يا ماديت جو جدلي تصور، هن دنيا ۽ فطرت کي مسلسل چرپر، تبديلي ۽ واڌاري واري حالت ۾ ڏسي ٿو، پر جدلي ماديت مطابق، هيءَ دنيا ۽ فطرت، لاڳيتي چرپر، تبديليءَ ۽ واڌاري واري حالت ۾ هجڻ سان گڏ پاڻ ۾ ڳنڍيل، لاڳاپيل، هڪجهڙائي رکندڙ ۽ ڳُتيل بہ آهي. اينگلس چيو آهي تہ "جدليات فطرت، سماج ۽ شعور جي حرڪت ۽ ارتقا جي ڪائناتي قانون جي سمجهہ جو نالو آهي." جدلياتي ماديت ۾ اهي سموريون خاصيتون ۽ صلاحيتون آهن، جنهن ذريعي حقيقت جي صحيح پرک ۽ قدرت جي لقائن ڏانهن پرپور ۽ صحيح پهچ حاصل ڪري سگهجي ٿي. جدلياتي ماديت اسان کي سمجهائي ٿي تہ دنيا شين جو نہ، پر رشتن ۽ لاڳاپن جو مجموعو آهي. انهن رشتن کي عمل ۾ سمجهڻ سان ئي اسين دنيا جي حقيقت کي سمجهي سگهون ٿا. جدليات جي جدلي سمجهہ اسان کي سماج کي تبديل ڪرڻ جي فڪري ۽ علمي طور طريقن ۾ ڀڙ بڻائي ٿي ۽ دماغ جي تختيءَ ۾ ڏاڪو ٻڌي، ان تي لکي ٿي ڇڏي تہ فعل جي ڪچائي قول جي سچائيءَ تي شڪ ظاهر ڪندي آهي. جدلي ماديت واڌويجهہ جي عام قانون جو اپياس ڪري ٿي.

وجود سان شعور جو ڪهڙو تعلق آهي، ان سوال کي حل ڪري ٿي ۽ سماجي زندگيءَ جي واڌويجهه جي مسئلن جو پڻ حل ڪڍي ٿي. تڏهن ته لينن کان جڏهن پڇيو ويو ته مارڪسزم جو سچ يا ڳر يا جوهر ڇا آهي؟ تڏهن لينن جواب ۾ طبقاتي جدوجهد، سرمايي يا نجي ملڪيت جي خاتمي جي ڳالهه ڪرڻ بدران چيو ته، مارڪسزم جو جوهر جدلي مادیت آهي. ڇاڪاڻ جو جدلي مادیت تاريخ جي اها جدلي سمجهه آهي، جيڪا انسان ۽ انساني سماج جو بنياد پورهيي ۽ پيداواري سگهه کي سمجهي ٿي. جدلي مادیت سماجي نظامن جي اڻ بدلجندڙ حيثيت ۽ ذاتي ملڪيت جي دائمي حيثيت کان انڪار ڪري ٿي. اها سائنسي ۽ سياسي ڪيتر ۾ مظلوم ۽ محڪوم جو هڪ اهڙو فڪري هٿيار آهي، جنهن کان سواءِ هن خراب نظام خلاف هڪ وڏي ۽ فيصلو ڪندڙ ويڙهه نٿي وڙهي سگهجي.

ابترڻ جو ايڪو ۽ ڇڪتاڻ

جدلي مادیت جو هي قانون ٻڌائي ٿو ته شيون، رشتا ۽ لقاءُ حرڪت ۽ تبديليءَ ۾ ان ڪري هوندا آهن، جو انهن ۾ تضاد موجود هوندو آهي. تضاد شين کي زندهه رکندو آهي ۽ انهن کان حرڪت به ڪرائيندو آهي. ڪيميسٽريءَ ۾ واڌو ۽ ڪاٽو جُزا، فزڪس ۾ ڇڪ ۽ ڏڪ، بايولاجيءَ ۾ ڪاڏي جي جُزن جو ٽٽڻ (katabolism) ۽ نئين سر جُڙڻ (anabolism)، سماجيات جي حوالي سان پيداواري سگهن ۽ رشتن ۾ يا بي ملڪيت ۽ ملڪيت دار طبقن وچ ۾ طبقاتي جدوجهد، سميت اهڙا ڪيئي مثال هجي. ڏينهن بنا رات جو تصور نٿو ڪري سگهجي. اڇي بنا ڪاري جو تصور نٿو ڪري سگهجي. هتي سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته تضاد جو عام تصور ته ٻار به سمجهي ويندو، ڇاڪاڻ ته اها بلڪل سادي ۽ عام ڳالهه آهي ته هر شيءِ جو ابترڻ آهي، پر اهم ڳالهه جيڪا پنهنجي حساب سان ٿوري پيچيده آهي، سا اها ته تضادن جو پاڻ ۾ ايڪو به رهي ٿو. تضاد جو به هڪ چيڙو ٻئي کان سواءِ وجود نٿو رکي سگهي.

اوندھ جو ڪوئي پنھنجو الڳ وجود ناھي. اوندھ روشنيءَ جي اٿوند جو نالو آھي. تنھن ڪري شيءِ جو ھجڻ ۽ نہ ھجڻ، ٻئي ھڪڙي سڪي جا ٻہ پاسا آھن. ان ڪري جو ڪنھن شيءِ جي نہ ھجڻ جو احساس تڏھن ٿيندو آھي، جڏھن ھن جي ھجڻ بابت تصور ڪيو آھي. ھتي اسان کي سمجھڻو آھي تہ تضادن جو ھڪ ٻئي سان ڳانڍاپو آھي ۽ ٻئي ھڪٻئي سان لاڳاپي ۾ آھن. ايڏا وڏيڪ سادي سمجھاڻيءَ ۾ ھينئن تہ تضاد ٻہ الڳ حقيقتون نہ، بلڪ ھڪ ئي حقيقت جا ٻہ پاسا آھن. شين اندر تضاد ھوندو آھي، تنھن ڪري جھيڙو ٿيندو آھي ۽ اھو جھيڙو تبديليءَ جو سبب بڻجندو آھي. ذھن ۾ سانديي رکڻ جھڙي ڳالھ اِھا آھي تہ شين ۾ تضاد، جھيڙو ۽ ٽڪراءُ، مادي جو ڪائناتي اصول آھي. ھن ڪائنات ۽ دنيا ۾ ڪو بہ اھڙو وجود ناھي، جيڪو تضاد کان خالي ھجي. ڇاڪاڻ تہ ابتڙن جي ڇڪتاڻ ئي ان حرڪت جو سبب بڻجندي آھي، جنھن کان ڪو وجود ٻاھر ڪونھي. ائين جاندار توڙي غيرجاندار شين ۽ لقائن ۾ تضاد ان جي ھوند جو ثبوت آھي ۽ وجود جو اظھار پڻ.

نفيءَ جي نفي

ھميشہ کان اھو فطري قانون رھيو آھي تہ پراڻو مرندو آھي ۽ نئون نروار ٿيندو آھي. ھن ڪائنات ۽ دنيا جو دائمي وجود آھي ئي ان ڪري جو ڪائنات ۾ موجود اٽڪل لقائن ۾ نفيءَ جو عمل بنا ڪنھن رندڪ جي لاڳيتو ٿيندو رھي ٿو. اسين جيڪڏھن روزمرھ جي حياتيءَ جو حساب ڪنداسين تہ اھا پرڪ پوندي تہ شيون جنم وٺن ٿيون، واڌ ويجھ ڪن ٿيون، پاڻ منجھان ٻين شين کي پيدا ڪن ٿيون ۽ پوءِ پاڻ پراڻيون ٿي وڃن ٿيون. شين ۽ لقائن جو پراڻي کان نئين ۽ نئين کان پراڻي جو سفر واڌويجھ، ورن وڪڙن، ٻين شين کي جنمڻ تي آڌاريل آھي. جيڪو ڪجھ نئون آھي، اھو پراڻي جي ڪري آھي، يا ھينئن سمجھون تہ ھر نئين شيءِ پراڻيءَ جي ڪُک مان ڦٽندي آھي. جڏھن ڪا نئين شيءِ پراڻي جي پيٽ مان ڦُٽندي آھي تہ اھا پراڻيءَ جي نفي ڪري نئين بڻجي ٿي. شين، رشتن ۽ لقائن جي ھاڪاري ترقيءَ جو طريقي ڪار نفيءَ جي نفيءَ تي ٻڌل آھي. پراڻي شيءِ جي جاءِ تي ڪا ٻي شيءِ اچي ٿي.

مطلب، اها پراڻيءَ جي نفي ڪري ٿي ۽ ائين پراڻي شيءِ پڻ جڏهن نئين هئي، پاڻ کان پهريان واري شيءِ جي نفي ڪري نئين بڻي هئي.

نفي رڳو اؤسر ڏانهن وڃي ناهي ويندي، ڪڏهن ڪڏهن واپس پراڻ ڏانهن به وڃي ويندي آهي. عام طور تي ان قسمن جي نفي ٿيندي آهي: هڪڙي هاڪاري ۽ اندروني تضادن جي ڪري ٿيندي آهي ۽ بي نج ناڪاري، غير پيداواري ۽ باهرين تضادن جي ڪري ٿيندي آهي. بج کي پير هيٺان ڏئي، چٽي چڏڻ، بج جي نفي ڪرڻ آهي. ان مان ان جو هاڪاري پاسو ۽ اؤسر نه ٿي، چاڪاڻ جو اهو باهريون دباءُ هو، پير جي صورت ۾، جنهن بج جي نفي ڪئي، جيڪڏهن اندريون تضاد نفي ڪري ها تہ بج زمين ۾ هجي ها ۽ پوءِ اهو پنهنجي نفي ڪري، پنهنجي ڪُک مان نئين سلي کي جنم ڏئي ها. جدلي نفي پراڻ جي نہ مڪمل نقل هوندي آهي ۽ نہ وري بلڪل نئين هوندي آهي، بلڪ جدلي نفي پراڻي شيءِ جي نئين صورت هوندي آهي. نفي جدلي نفي تڏهن بڻجي ٿي، جڏهن اها پراڻ جون عمديون، ملهائتيون ۽ ڪم واريون خاصيتون پاڻ وٽ محفوظ رکي.

لڊوگ فيورباخ ۽ جرمن فلسفي جي پڃاڻيءَ ۾ اينگلس لکيو تہ "جدلي فلسفي وٽ ڪا بہ شيءِ ختم ٿيندڙ، جميل ۽ مجرد نہ آهي، هر هڪ خاصيت جي نفي ٿيڻي آهي، غائب ٿيڻو آهي ۽ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ آهي، جيڪا نڪري نروار ٿيڻ ۽ ڳري ڀُري وڃڻ جي لاڳيتي عمل مان نہ گذري ۽ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ آهي، جيڪا سادي کان عمدي ڏانهن ۽ هيٺانهين کان مٿانهين ڏانهن ترقي نہ ڪري."

مقدار جو معيار ۾ بدلجڻ

جدلي مادیت جو پهريون قانون ٻُڌائي ٿو تہ شيون، لقاءُ ۽ رشتا بدلجن ڇوتا. ٻيو قانون ٻُڌائي ٿو تہ اهي بدلجن ڪيئن تا ۽ انهن جي تبديليءَ جو طريقي ڪار ڪهڙو آهي. شين ۾ تبديلي ٻن قسمن جي ايندي آهي يا تہ اها مقداري هوندي آهي، يا معياري. مقداري تبديليءَ مان مراد اها آهي تہ شيون، لقاءُ ۽ رشتا اهڙيءَ ريت بدلجن، جو سندن معيار ساڳيو رهي، شين جو گهٽ وڌ ٿيڻ يا ننڍو وڏو ٿيڻ، ان جي معيار کي متاثر نہ

ڪري ۽ ساڳيو رهي، پر ان جي ابتڙ معياري تبديلي، ۾ شيء ساڳي ناهي رهندي مقداري تبديليون اڪثر ماڻهوءَ کي محسوس ناهن ٿينديون. جاکاڙ جو اُهي آهستي آهستي پيون ٿينديون آهن ۽ معياري تبديليون وري اوچتو ٿينديون آهن ۽ محسوس به ٿينديون آهن. جيڪي به ارتقائي مقداري تبديليون ايندیون آهن، اهي انقلابي معياري تبديلين جو ظهور هوندیون آهن. مطلب ته، مقداري ۽ معياري تبديليون لازم ملزوم آهن. مثال طور، پاڻيءَ سان پريل هڪڙي ديگڙي باهه تي رکيل آهي ۽ ان کي اُبرٽو آهي. پاڻيءَ کي باهه تي رکڻ سان ئي پاڻي اُبرڻ شروع نه ڪندو، پر پهريان هو ٿورو ڪوسو ٿيندو، آهستي آهستي هن جي ڪوساڻ وڌندي ويندي ۽ پاڻي گرم ٿيندو ويندو. گرميءَ پد 50، 60، 70 ۽ 80 درجا سينٽي گريڊ ٿي ويو، پر پاڻي ايڏا پاڻي ئي رهيو. پاڻيءَ جي پاڻيءَ واري خاصيت ۾ ڪا به تبديلي ايڏا نه آئي آهي، جيتوڻيڪ گرميءَ جو مقدار وڌائيندا. اهو وساريڻ نه گهرجي ته اهڙي وقت پاڻيءَ ۾ ڪي ٿورڙا فرق آيا آهن. ڦوٽا ٺهن پيا، ڌارون هيٺ مٿي ڦرن پيون، پر پاڻي بنيادي طرح ايڏا به پاڻي آهي. اهڙيءَ طرح گرميءَ جو درجو وڌي 99 درجي تي پهچندو، پر ايڏا به پاڻيءَ جون خاصيتون تبديل نه ٿيون آهن. هاڻ اسان کي هڪ درجو ايڏان به وڌائڻو آهي ۽ ان کان پوءِ ڏسنداسين ته نه رڳو پاڻي اُبرڻ شروع ڪيو آهي، پر ٻاڦ ۾ پڻ تبديل ٿيندو پيو وڃي. ان حد تي پهچي پاڻيءَ جون خاصيتون پاڻيات مان ڦري تبديل ٿي، نئين شڪل ۽ نين خاصيتن، يعني ٻاڦ جي خاصيتن ۾ تبديل ٿي ويون.

پاڻيءَ جو ٻاڦ ۾ تبديل ٿي وڃڻ، بج جو سَلي ۾ تبديل ٿي وڃڻ ۽ ٿورو نظام جو برابريءَ واري سماج ۾ تبديل ٿي وڃڻ وارو سڄو سفر ڇال ذريعي ٿيندو آهي. مقداري تبديلين جو معياري خاصيتن ۾ تبديل ٿيڻ جو تت، ست ۽ جوهر اهو آهي ته مقداري تبديليون آهستي آهستي، ڳجهي نموني، غيرمحسوس طريقي سان گڏ ٿيندي، باقاعدي هڪ اهڙي منزل ڏانهن پيون وڌن، جتي شيءِ جي پراڻين خاصيتن ۾ بنيادي تبديلي اچي وڃي ٿي، جڏهن پراڻيون خاصيتون تبديل ٿي وڃن ٿيون ۽ نيون خاصيتون ظاهر ٿين ٿيون.

2. تاريخي ماديت

تاريخ کي گهٽي قدر بي ترتيب ۽ جڙوڇڙ واقعن ۽ حادثن جو ترتيبوار رکارڊ سمجهيو ويندو هو، پر انهن واقعن ۽ حادثن پويان محرڪ ۽ قانون ڪهڙا هئا، اهو نقطو نظرانداز ٿيل هو. ڪارل مارڪس تاريخ جي مادي سمجهه ڏيندي، تاريخ کي انساني سرگرمي ۽ ترقي پسندانهي رجحان طور سمجهايو ۽ ان جو بنيادي محرڪ مادي پيداوار کي قرار ڏنو. هن تاريخ کي بي ترتيب واقعن بدران مجموعي طور سماجي معاشي نظامن جي ڦير گهير طور ڏٺو. تاريخي ماديت ٻُڌائي ٿي ته انساني سماج جي اڀرڻ ۽ اهي ڪهڙا عام قانون ۽ محرڪ موجود آهن، جن سان تاريخ هڪ ڏاڪو اڳتي وڌي ٿي. سماجي وجود، سماجي شعور، مادي ۽ نظرياتي لاڳاپا، پيداواري قوتون ۽ پيداواري رشتا، پيداواري طريقي ڪار، سماجي معاشي جوڙجڪ، بنياد ۽ ڍانچو، سماجي طبقا، قومون ۽ سماجي انقلاب، اهي تاريخي ماديت جا موضوع آهن. مارڪس هيستائين طبقاتي تاريخ کي پنجن سماجي معاشي نظامن ۾ ورهايو آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي جاءِ والارينداء مجموعي طور انساني اڏسر کي اڳتي ڌڪيندا رهيا آهن.

1. اوائلي اشتراڪي نظام
2. غلامداري نظام
3. جاگيرداري نظام
4. سرمائيداري نظام
5. ڪميونسٽ نظام

تاريخي ماديت مطابق سماجي وجود مان مراد ڪُل سماجي لاڳاپن ۽ رشتن جي هيڪڙائي آهي. لاڳاپا اهي جيڪي سماج جي مادي توڙي روحاني زندگي ۽ ان جي پيداوار ۽ نسلي واڌويجهه جي عمل ۾ جڙندا آهن. سماجي وجود جو جوهر پورهيو ۽ سماج جو جوهر پيداوار آهي. جنهن جو مطلب آهي، انسان پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن جي پورائي لاءِ ڪم ڪري ٿو، شيون پيدا ڪري ٿو ۽ استعمال ڪري ٿو ۽ پنهنجن عملن ۽ پورهيي جي نتيجن جي مٽاسٽا ڪري ٿو ۽ اها سموري سرگرمي ماڻهو اڪيلي سر نه، پر سماجي لاڳاپن ۾ جُڙي ڪري پوءِ ئي ڪري ٿو.

3. سائنسي ڪميونزم

پورهيوءِ سرمايو

امير ويتر امير ٿيندو وڃي ۽ غريب ويتر غريب. بُک ۽ غربت جو سبب مارڪس، معيشت يا معاشي وسيلن جي غيرمنصفاڻي ورهاست ٻڌايو. مارڪس سمجهايو تہ جديد طبقاتي سماج جي روح ۾ پورهيي ۽ سرمايي جو تضاد آهي. پورهيت پورهيو ڪري ٿو، پر ڪيس اجورو پورو نٿو ملي ۽ سرمائيدار، جنهن وٽ سرمايو واڌو قدر (اڻ ادا ڪيل اجوري) جي صورت ۾ جمع ٿئي ٿو، سو پورهيو نٿو ڪري. نتيجن معاشي اٻرابري سماج ۾ وڌندي وڃي طبقاتي فرق پيدا ڪري ٿي. ڪوبہ سماج پيداواري سرگرميءَ کان سواءِ نٿو هلي سگهي. معيشت ۾ وسيلا، اوزار، لاڳاپا ۽ سرگرميون اڃي وڃن ٿيون، جن ذريعي ماڻهو پنهنجي جياپي لاءِ سامان ۽ شيون ٺاهين، ورهائين ۽ استعمال ڪن ٿا. ان سرمائيداري نظام کان اڳ شيون تقريباً پنهنجي استعمال لاءِ ٺاهيون ويندیون هيون، پر سرمائيداري نظام سموري پيداوار کي مارڪيٽ ۽ وڪري لاءِ پيدا ڪندو آهي. هاڻ پيداوار جو مقصد استعمال نہ، پر مٽاسٽا ۽ منافعو ٿي ڏيو. هي نظام هر شيءِ جيان پورهيت جي پورهيي جي طاقت کي بہ بازار جو وکر بڻائي ٿو. مارڪس موجب، سرمائيدار جي منافعي جو ڪارڻ لاڳت نہ، پر مزدور جي پورهيي جي طاقت آهي. اسان کي شيون خريد ۽ وڪرو ڪرڻ مهل جيڪو ملهہ ۽ قدر ملي ٿو، اهو دراصل انساني پورهيي جو نتيجو آهي. شيون فطري آهن، پر انسان پنهنجي محنت سان ان کي وڌي ٿُڪي، ٺاهي گهڙي، چمڪائي، خوبصورت بنائي، استعمال لائق ۽ سماجي بڻائي ٿو. مارڪس لکيو آهي تہ مادي دولت جو وسيلو پورهيو آهي. وليم پيٽي وري چيو آهي تہ "پورهيو دولت جو پيءُ آهي ۽ ڌرتي ان جي ماءُ آهي."

ماڻهوءَ کي زندهہ رهڻ لاءِ خوراڪ، گهر ۽ لباس جي ضرورت پوي ٿي ۽ انهن ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پيداواري سرگرمي ڪري ٿو ۽ ان خاص مقصد لاءِ ٻين سان تعلق ۾ ايندي پيداواري رشتا قائم ڪري ٿو.

مارڪس جي فڪر موجب، سماجي اُتل پٽل ۽ تبديلين جو اهم ڪارڻ ۽ بنياد معيشت آهي، پر رڳو معاشي سرگرمي ئي سڀ ڪجهه طئي نٿي ڪري. مارڪس چواڻي، موٽ ۾ مٿيون ڍانچو يا سماجي شعور (اخلاق، قانون، مذهب، سياست، سائنس ۽ فلسفو) پڻ معيشت يا مادي سماجي وجود تي اثرانداز ٿئي ٿو ۽ بنياد ۽ مٿين ڍانچي جي ورچ ۾ اهو لاڳاپو ميڪانيڪي نه، پر جدلياتي آهي.

طبقا ۽ طبقاتي سياست

طبقن جي تاريخ انسان جي تاريخ جيتري پراڻي ناهي. طبقن جو وجود ذاتي ملڪيت جي جنم سان ظاهر ٿيو. ٻين لفظن ۾ طبقن جو وجود تاريخي طور تي مخصوص معاشي نظام سان سلهاڙيل آهي. طبقا تڏهن ٺهڻ شروع ٿيا، جڏهن انساني پورهيي جي ورچ سادي کان پيچيده ٿي، سماج جڏهن واڌو پيداوار حاصل ڪرڻ لڳو ۽ ان پيداوار يا پيداواري وسيلن تي مالڪيءَ جي دعويٰ ٿي. سادي رياست ظاهر ٿيڻ لڳي، جنهن هڪڙن طبقن جي هٿ ۾ اچي، طبقاتي فرق کي قائم رکيو ۽ ان کي وڌايو ويجهايو. طبقو چئبو ئي ماڻهن جي ان گروهه کي آهي جيڪي پيداوار ۽ وسيلن سان رشتي ۾ خاص ڪردار ادا ڪري ٿو. غلام، آقا، هاري، جاگيردار، مزدور ۽ سرمائيدار ان جا مُڪ تاريخي مثال آهن، جن ۾ هڪڙا هوند جي ۽ ٻيا اٿهوند جي علامت بڻجي ويندا آهن. ۽ ائين انهن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ ٽاڪر جي ڏڪهي عمل کي طبقاتي جدوجهد چئبو آهي. مارڪس پنهنجي جڳ مشهور پمفليٽ 'ڪميونسٽ مينيفيسٽو' ۾ لکي ٿو ته هيل تائين جي سموري انساني تاريخ، طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي ۽ سياست طبقاتي جدوجهد جي هڪڙي صورت آهي. سياست طبقاتي ڇڪتاڻ جو نتيجو هوندي آهي، جيڪا پورهيي جي ورچ، ذاتي ملڪيت، ذخيري اندوزي ۽ طبقن جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ پيدا ٿي. مارڪس ۽ اينگلس چواڻي، فقط سوشلسٽ انقلاب جي نتيجي ۾ ئي استحصالي نظام ۽ طبقاتي تضاد کي حل ڪري سگهجي ٿو. سوشلزم هيٺ پورهيت طبقو پورهيت نه رهندو، ڇاڪاڻ ته اهو استحصال

سرمائيداري نظام هيٺ اهي انسان کي هلائين ٿا مارڪسزم موجب،
وپگاڻپ واري نظام هيٺ زندگي، جي صورت هوء نظام ناهيندو آهي ؟
نظام خود به ماڻهن جي پيڙهجي تضليق هوندو آهي: مارڪسزم مطابق،
سرمايو ۽ رياست ماڻهوءَ لاءِ هوندا آهن ۽ ماڻهو انهن لاءِ ناهي هوندو.

ڪارل مارڪس مطابق، "فرد جي حقيقي آزاديءَ معاشري جي آزاديءَ
سان مشروط آهي، انفرادي ۽ اجتماعي وپگاڻپ کي ختم ڪرڻو پوندو، جيئن ته وپگاڻپ ذاتي
ان جي مادي بنيادن کي ختم ڪرڻو پوندو، جيئن ته وپگاڻپ ذاتي
ما[illegible] جي پيداوار آهي، تنهن ڪري ذاتي ملڪيت کي سڀني جي
[illegible] جي) ملڪيت بنائڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به جنس يا

وڌڪ ڪي ٿاھڻ ۽ پورهيو به گڏيل (سماجي) هوندو آهي. سماجي ويگاٽپ
جي سياسي صورت رياست آهي، جيڪا ٿاهي ماڻهن يا سماج، پر اُها
انهن کان ملڪانهين حيثيت ماڻي وئي ٿي. جنهن خلاف گالهائڻ سپ کان
وڌو ڏوهه ٿي پوي ٿو.

رياست

رياست بابت مختلف مفڪرن جا مختلف نقطئه نظر رهيا آهن ۽
رياست جي بيهڪ ۽ ان جي ڪارج تي سوال تمام گهڻو اڳ يونان جي
فلسفين وٽان ٿيندا رهيا آهن، پر جيئن ته دنيا تي مذهب ۽ ملوڪيت
جي ڇاپ گهڻو عرصو رهي آهي، تنهن ڪري انهن فن، ادب، سياست،
تاريخ يا ٻين فطري توڙي سماجي علمن جي تشريح اهڙي بيهڪ
جيڪا انهن جي اقتداري مفادن ۽ حاڪميت وٽان ڏجي. جيئن اسان
وٽ رياست کي ماءُ ڪوٺيو ويجي ٿو، جڏهن ته رياست ماءُ تڏهن ٿئي
جڏهن اُها اسان عوام کي جنڻي/پيدا ڪري. جڏهن ته ائين ناهي
رياست کي اسان عوام ناهيو آهي. جڏهن ناهيو ئي اسان آهي، ته ماءُ
ڪيئن ٿي؟ اهو استحصال پسند قورو حُڪمرانن هڪڙي نفسياتي
حرامپائي ڪري، رياست کي مقدس بڻائي ماءُ چورايو آهي، ته جيئن
عوام مزاحمت نه ڪري ۽ ان کي مقدس سمجهي محبت ڪندو رهي.
مارڪسزم موجب، رياست نتيجو آهي، پورهيي يا جسماني ۽ ذهني
پورهيي جي پيچيده ورڇ جو ۽ ساڳي وقت سماج جي طبقاتي ورڇ
جو. اهڙيءَ ريت مارڪس جي نظر ۾ رياست جو وجود ماڻهوءَ جي
ويگاٽپ جو ادارتي اظهار آهي. رياست تاريخي ۽ سماجي پيداوار
آهي. رياست سدائين کان نه هئي، پر طبقاتي تضادن جي نتيجي ۾
پيدا ٿي ۽ اڳتي هلي تضادن جي خاتمي کان پوءِ رياست به ختم ٿي
ويندي. اينگلس لکيو آهي، ته قابض طبقا پورهيتن کي فقط پنهنجي
طاقت جي سگهه ۽ سرمايي طرفان محنت جي استحصال هٿان نه، پر
رياست جي طاقت، فوج، ڪاموراشاهي ۽ عدالتن هٿان به غلامي ۽
تابعداريءَ ۾ رکن ٿا.

پورهيت جي حڪمراني يا پرولتاريه آمريت

اوائلي اڳڪٿا ڪي نظام کي چڏي باقي سڄي انساني تاريخ جو مرڪز زميني خدا (بادشاهه) رهيا آهن. جن پاڻ کي آسماني خدا جو پاڙيو (ظل الاهي) قرار ڏنو. تاريخ جو گهڻو حصو درباري رهيو آهي. تنهن ڪري انسان جي تاريخ تي بادشاهت ۽ درباريت جو قبضو رهيو آهي. نتيجي طور تاريخ جو اهم عنصر عوام منظر کان ئي غائب رکيو ويو آهي. الٽي ڪيترين عوامي زبردست طاقتون تاريخ جي ڪاهيءَ ۾ پوريون ويون ۽ عوام جي تاريخي ڪارنامن کي فاتحن. جابرن. غاصبن ۽ بادشاهن جي ڪاتي ۾ وڏو ويو. خدائن. ديون. ديوتائن. راجائن ۽ آقائن جي ڏڳهي حاڪميت جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته هن دنيا کي هلائيندڙ ۽ خوبصورت بڻائيندڙ پورهيتن کي اهو تصور ئي ڪرڻ نه ڏنو ويو ته اهي به ڪي انسان آهن يا انهن وٽ به ڪو حاڪميت جو حق ٿي سگهي ٿو. انهن جي حيثيت سدائين غلام. هاري ۽ مزدور واري رهي آهي. تاريخ ۾ ڪٿي ڪٿي عوامي بغاوت جا چال ضرور رهيا آهن. جيڪي جڻ ته هن ظالم نظام خلاف نفرت جو اظهار هجن ۽ ظالم حُڪمرانن کي اهو ڏيک هجي ته سندن نااهل حڪمرانيءَ جو تاج محل ڪيڏي مهل به ٽُٽي غارت ٿي سگهي ٿو. مارڪس پهريون ماڻهو هو. جنهن سڄي انساني تاريخ جو سائنسي اپياس ڪري ان کي مادي بنيادن تي ٻيهاري اڳ جي آيل فلسفي ۽ معيشت تي تنقيد ڪري صدين کان پيڙهجندڙ پورهيت عوام جي حُڪمرانيءَ جي ڳالهه هڪ انقلابي ۽ سائنسي انداز ۾ ڪئي. مارڪسزم وٽ رڳو مسئلن جي نشاندهي ناهي. پر ان جو مستقل حل به آهي ۽ مارڪسزم ڦرمار تي ٻڌل سرمائيداري نظام جي جاءِ تي سوشلسٽ نظام آڻڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. مارڪسزم موجب. سوشلسٽ سماج جي سياسي بناوت جو بنياد پورهيت جي حڪمرانيءَ تي ٻڌل هوندو. جنهن کي پورهيتن جي آمريت به سڏيو ويجي ٿو. مارڪس موجب پورهيت آمريت هڪ عارضي لقاءِ طور لٽيندڙن خلاف هڪ طاقت هوندي ۽ اهم ڳالهه ته اها فقط طبقن جي خاتمي ۽ غيرطبقاتي سماج تائين پهچڻ واري عبوري دور تائين

هوندي مارکسي فڪر پٽاندر اشتراڪي رياست سرمائيداريءَ خلاف
هڪ نئين ڏنگ ۽ آمريت، جڏهن ته پورهيتن لاءِ نئين ڏنگ جي
جمهوريت هوندي، سوشلسٽ رياست جون سياسي صورتون مختلف
ٿي سگهن ٿيون، پر انهن جو ڪ ءِ جوهر هڪ ءِ ساڳيو هوندو، يعني
پورهيت عوام جي حڪمراني.

سگمنڈ فرائيڈ

6 مئي، 1856ع-23 سيپٽمبر، 1939ع

1

ڪي ڳالهيون ڳوڙها هونديون آهن، ڪي ڳالهيون وڇوڙا هونديون آهن. ڪن ڳالهين ۾ سڄ تارن جيان ٻيو چمڪندو آهي تہ ڪي ڳالهيون سڀ جيان چپ هنيو ڏنگڙ لاءِ آتيون تہ ڪي ڪوڙ جون ڪوڙڪيون هونديون آهن. ڳالهين جا ڪيئي قسم آهن، ڳالهين جا پنهنجا ڳوٺ آهن. پنهنجا شهر، گهٽيون، گهر، لنگهہ ۽ لوڙها آهن. ڪي ويڪرا تہ ڪي وري سوڙها آهن. ڪي ڳالهيون سنڊ جهڙيون سهٽيون، پر سورن واريون هونديون آهن، ڪي ڳالهيون بلوچستان جي جبلن جيان اٽل تہ ڪي باغي آهن تہ ڪي ٿر وانگي تاسيون ۽ اُجاريون هونديون آهن. ڪي ڳالهيون صفحن جي هنج ۾ سمهي سفر ڪندي، ڪيترن سمندن ذهنن ۾ وڃي گهڙن ٿيون تہ ڪي ڳالهيون سڌو زبان مان نڪري گولي۽ جهڙو گهاءُ ڏين ٿيون تہ ڪي خوشبو جيان روح ۾ واسجي وڃن ٿيون. ڪي ڳالهيون پٽڪي جي وَر جيان ويڙهيل ۽ ڏگهيون هونديون آهن تہ ڪي ڳالهيون ڪنواريءَ جي بڪل ۾ ويڙهيل وارن جيان ڳُتيل هونديون آهن. اڄ پاڻ جيڪا ڳالهہ ڪنداسين، اها ڳوٺ جي رستي جهڙي آهي، جيڪو سڄي ڳوٺ ۾ ول جيان پکڙيو پيو هوندو آهي.

پاڻ ان تي نٿا ڳالهايون تہ گُل جي حياتيءَ ۾ پوپٽ ڪيترا آيا ۽ پوپٽ جي حياتيءَ ۾ گُل ڪيترا آيا. پاڻ ان تي پڻ نٿا ڳالهايون تہ انهن ٻنهي مان وڌيڪ خوشنصيب ڪير آهي، پر پاڻ ان تي ضرور ڳالهائينداسين تہ تاريخ جي حياتيءَ ۾ فرد جو ڪردار ڪهڙو هوندو آهي ۽ فرد جي حياتيءَ ۾ تاريخ جو ڪردار ڪهڙو هوندو آهي. تاريخ،

فرد ۾ ڪردار جو پاڻ ۾ لاڳاپو ائين هوندو آهي، جيئن ڏرتي، ڏنار ۽ ڏڙ جو هوندو آهي ۽ ائين پڻ جيئن واريءَ، برسات ۽ وڻ جو هوندو آهي.

تاريخ ۽ فرد جي ڳانڍاپي واري ان سھڻي ڳالھ کي ڳنڍي ڏيئي، پاڻ ڳالھ کي اُتان شروع ڪريون ٿا، جتي خوابن جي تعبير جو تنبورو وڄي ٿو، انساني روين جي سائنسي تشريح تاريخ جي سيني ۾ ساھ کڻي ٿي ۽ جتي ذهني مونجھارن کي نفسيات جي ميڙ بتي وائکو ڪري ٿي! ان کان اڳ جو انساني ذهن سان لاڳاپيل نظرين جي کيرڊارا جو چڪر لڳايون، اچو، تہ ڏسون، اها ميڙ بتي ڀاري ڪنهن؟ جنهن جي چٽي روشنيءَ ۾ نفسيات جو ڏنڊلو چهرو پڌرو ٿي سامهون آيو.

هو جڏهن ماءُ جي سائي ڪُک مان ٻاهر نڪتو تہ دائيءَ دل جي اکين سان ڏسي چيو تہ هي سِٽيءَ جي گُل جھڙو ٻار اڳتي هلي وڏو ماڻھو ٿيندو. هو موراويا جي هڪڙي ننڍڙي شهر 'فرائي برگ' ۾ جائو. هن جو پيءَ واپاري هو ۽ سندس جنم وقت هن جو پيءُ ايڪيتاليهن سالن جو هو. هن جي پيءُ ۽ شاديون ڪيون هيون: ۽ شاديون مطلب ڪليل وات ۽ بليڊ جھڙ جيترو ڏکيو مامرو آهي. هو جنهن ماءُ جي ٿيڄ پيئندو هو، اها فقط ايڪيهن سالن جي هئي. مطلب تہ، پيءُ ڪان ويھ سال ننڍي عمر ۾ ٻن ڏهاڪن جو فرق سوين ڪلوميٽرن ڪان وڏو آهي! هن جي عمر اوٽيھ سال هئي تہ هن جو ٻيو ٻاءُ جائو. ٻاءُ ڇا ڄائو، ڇڙ هن جي دل کي ڪراهت ۽ ويرو ڪوهيڙو وکوڙي ويو ۽ پيار جي ورهائجي وڃڙ واري ڪيفيت اهڙي نپوڙ ڏني، جو هي بيوسيءَ جي تصوير بڻجي ويو.

هو شرارتي ٻار هو ۽ هن جي شرارت ۾ ڪمال جي حرارت هئي، جنهن هن کي جھوپڙيءَ ۾ اونداهيءَ سان مزاحمت ڪندڙ ڏيئي جھڙو بڻايو. هن جو ڳوٺ انتهائي خوبصورت هو، جنهن جو ٻيو نالو فري مائونٽين هو، جيڪو 'ويانا' کان اتر اوير طرف ڏيڍ سؤ ميل پري هو. ان جي پرسان لولينا درياءُ وهندو هو. گرمي ۽ بهار ۾ هن جاءِ جو نظارو ڏاڍو دلڪش هوندو هو. ڳوٺ جي وچ ۾ سينٽ ميري برٿ چرچ هو، جنهن جي بلندي 200 فوٽ هئي. ڳوٺ جي سيني تي پکڙيل ڪشادي چرچ منجھ وڃندڙ گھنڊن ۾، گھٽين جو شور گھٽ ۽ مُقامن جي ماڻ وڏيڪ ڇانئيل هوندي

مُنڊي هن جو گهر پڪو، پر سادو هو. هن جي مٿي تي وارن جي پيري هوندي هئي. هن جا وار گهاٽا هئا. هو ننڊڙو هو تہ هڪ دفعي ان ڪمري ۾ گهڙي ويو، جتي سندس ماءُ پيءَ محبت کي ريج ڏيئي رهيا هئا. ڪمري ۾ هن کي داخل ٿيندي ڏسي پيءُ ڪاوڙجي پيو ۽ ڪيس اهڙو تہ ڪُٽيائين جو هن جو پيشاب وهي ويو. هن ان ڪٽڪي کي ياد رکيو ۽ هڪ ڏينهن پيءُ جي غير موجودگيءَ ۾ ويجي ساڳي بستري تي پاڻ مُٽي آيو.

هو اڃا رشتن جي پيچيدگين ۾ منڊل هو تہ ڪيس هڪ ٻيو صدمو ان وقت پهتو، جڏهن هن جي ماءُ ننڊڙي اينا کي جنم ڏنو. اڃا پاءُ جي اڇڻ جو عذاب تازو ئي هو تہ هن جي محبت مٽان اينا جو ڏاڙو بہ لڳي ويو. نئين ٻار جو جنم هن جي دل ۾ ڪوڏر جي لپي وانگي ڪُپي ويو. هن جي حياتيءَ تي نون رشتن جي پيچيده چت ڪري هئي. هن جي دل چڇرجي ۽ چٽجي رهي هئي. هن جي ڪچڙي ذهن تي شروع کان ئي محبت، رقابت، پيدائش ۽ موت جهڙن مسئلن اهڙا تہ گهرا اثر ڇڏيا، جو هو سڄي عمر انهن جا حل ڳوليندو رهيو.

هن هاءِ اسڪول ۾ اٺن سالن تائين تعليم حاصل ڪئي. اسڪول جي تعليم هن جي ذهني صلاحيتن کي ايايريو. هن کي لاشعوري طور تي اهو احساس ٿيو تہ هن جي جذباتي اُڻ تڻ جو حل ڪيس فقط علم ۽ ادب ۾ ئي ملي سگهي ٿو. هو دل لڳائي مطالعي ۾ مگن ٿي ويو. سترهن سالن جي عمر ۾ هو اسڪول کان فارغ ٿي، ويانا يونيورسٽيءَ جي ميڊيڪل اسڪول ۾ داخل ٿيو. گهر جي معاشي بدحاليءَ ڪري هن کي فقط اهو ئي پيشو سُجهيو ٿي، جيڪو اختيار ڪري هي مناسب روزي ڪمائي سگهيو ٿي. ذهني طور تي هو گوئٽي، شيڪسپيئر ۽ ڊارون کان تمام گهڻو متاثر هو.

جڏهن ڪنهن جو اڇلائي هنيل پٿر مٿي ۾ لڳندو آهي تہ رت نڪرندو آهي ۽ جڏهن کو نفرت پري نگاهہ اڇلائي هڻندو آهي تہ روح رت روئيندو آهي. يهودي هجڻ سبب موراويا جا ماڻهو مٿس نفرت پريون نگاهون اُڇلينداهئا، تنهن ڪري سندس پيءَ جيڪب جو جيءُ پيو جُهرندو هو. جتي ماڻهو رهي، اُتي نينهن گهٽِ ۽ نفرت وڌيڪ هجي، تہ اُتي هر

پير جن چهنبدار ڪاون ٿي پوندو آهي ۽ تازي هوا ۾ پڻ ماڻهو گهنجن لڳندو آهي. هو گولي‌ءَ جو گهاءُ مٽان برداشت ڪري وڃن ها، پر اها نفرت پري نهار برداشت نه ڪري سگهيا. هو فرائي برگ مان لڏي ويانا آيا. ويانا کي شهرن جي راڻي سڏيو ويندو هو. هي اهو شهر هو، جتي عظيم موسيقار موزاوٽ رهندو هو. جنهن پنهنجي سموري زندگي عارفانه نغمن جي تخليق ۾ ۽ نهايت غربت ۾ گذاري ۽ پڇاڙيءَ ۾ هڪ سادي سودي‌ءَ قبر ۾ هميشه لاءِ وڃي آرامي ٿيو. هتي فرانه شوبرٽ پيدا ٿيو ۽ فاقه ڪندو وڃي لحد جي هنج ۾ لٿو. هتي عظيم هيڊن پنهنجي زندگيءَ جا ڪيئي سال گذاريا ۽ ڏاڍا خوبصورت مناجات لکيائين.

ويانا، موسيقيءَ جو ڳڙهه ۽ خوشين جو گهر هو. هتي رهندڙن زندگيءَ کي ڀرپور طريقي سان گذارڻ کي پنهنجو مقصد بڻايو هو. جڏهن هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ کان پري ۽ ويانا کي ويجهو ٿيندو پئي ويو ته هن جي ڪيفيت اهڙي هئي، جيئن ڪو معصوم ٻار کي سندس ماءُ کان پري وڃي ويندو آهي. شايد اِهو ئي اهو احساس هو، جيڪو هن جي دل ۾ چڪ هڻي ويهي رهيو، ته پنهنجي ڳوٺ جي وٽن، رستن ۽ انهن مٽان گهلندڙ منفرد هوائن کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهي. ڪيس ويانا ۾ پڻ يهودي هجڻ جو عذاب پوڳٽو پيو. هي جڏهن اسڪول ۾ هو ته اسڪول جا ساٿي پڻ هن جي يهودي هجڻ ڪري ڪائنس سخت نفرت ڪندا هئا. ڪيڏو المیو آهي، جو انسان ان سچاڻپ ڪري ٻين جي نظرن جا نيزا پنهنجي دل ۾ لڳندي محسوس ڪري ٿو، جنهن جي ڇوندڙ هن پاڻ ڪئي ئي ناهي.

فرائيڊ جو خاندان ويانا ۾ ڏکين حالتن ۾ پئي رهيو. هن کي گهر جي انهن ڏکين حالتن جي ڪابه پرواهه ڪانه هئي. هو پنهنجي علمي دنيا ۾ مگن رهندو هو. گوئٽي کان شيڪسپيئر تائين، هن کي جنهن جوبه ڪتاب هٿ لڳو، هن پڙهي ٿي ورتو. قديم ۽ جديد ادب، فلسفي، مذهب، تاريخ ۽ سائنس تي مشتمل ڪتابن کي هن غور سان پڙهيو. هو جرمن يهودي هو. هن جو تعلق جرمن قوم سان هو ۽ جرمن ٻولي هن جي مادري ٻولي هئي، پر هن هر ٻولي، هر ملڪ جي هر موضوع تي لکيل ڪتاب پڙهيا. هن کي پنهنجي وقت جي فلسفي جي علم ڏاڍو متاثر ڪيو. ڪانٽ،

نٽشي، نٽشي، هيگل، شوپنهار، جو ڪم سندس اڳيان هو. ائين هُن جو
جاهہ زمين جو ماڻهو ۽ ان جي سمجهہ آسمان ۽ ان جي فرمان ڏانهن ڌيان نہ
ڏيڻ. ڪيٿولڪ يورپ جي وحدت ۽ عظمت، فرانسيسي جمهوري ۽
برطانوي صنعتي انقلاب ڪري تباهہ ڪري وئي هئي ۽ ماڻهو روايتي
عقيدن جي چار ڪان آزاد ٿي چڪا هئا. انهي آزاديءَ فرد جي زندگيءَ جي
مختلف پهلوئن تي غور ۽ فڪر جي راهہ هموار ڪئي. نتيجي ۾ اڪيلائيءَ
جي احساس جنم ورتو. انهي تنهائيءَ جي احساس تي غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽
ان جون باريڪيون توڙي گهرايون تلاش ڪرڻ ۾ ڪانٽ جهڙن فلسفين
پنهنجون حياتيون وقف ڪري ڇڏيون. انهن انساني فطرت جي حقيقت ۽
اصليت تي تحقيق ۾ جڙ تہ پنهنجو پاڻ غرق ۽ عرق ڪري ڇڏيو.
فرائيڊ کي فلسفي سان خاص دلچسپي هئي. عظيم جرمن فلسفي ۽ شاعر
گوئٽي هن جو آئيڊيل بڻجي ويو هو. سگمنڊ هن جيان عظيم فلسفي ۽
شاعر بڻجڻ ٿي چاهيو. بهرحال هن جي ذهن ۾ پنهنجي مستقبل جو ڪو
واضح خاڪو موجود نہ هو. هن فقط ۽ فقط علم حاصل ڪرڻ ٿي گهريو.

هن فيصلو ڪيو هو تہ جمنازيم (هاءِ اسڪول) مان فارغ ٿيڻ کان
پوءِ ميڊيڪل جو شاگرد بڻجندو. ان جو سبب اهو هو تہ هن کي طب
جي علم ۾ دلچسپي هئي ۽ هن ڊاڪٽر جي حيثيت سان نالو ڪمائڻ
پئي گهريو. حقيقت ۾ ان طريقي سان هن نيچرل سائنس جي علم
حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجي لاءِ آمدنيءَ جو ذريعو حاصل ڪرڻ ٿي
گهريو. سيني کي خبر هئي تہ نيچرل سائنس جي ميدان ۾ بهترين ڪم
ڪري سگهجي ٿو، ۽ نيون دريافتون ۽ ايجادون ڪري سگهجن ٿيون.

ڊارون جي تحقيقن ۽ نظرين دنيا کي لوڏي ڇڏيو هو. هن سترهن
سالن جي ڇوڪر (فرائيڊ) کي بہ عام ماڻهن جيان ان ۾ ڏاڍي دلچسپي
پيدا ٿيندي هئي. سندس نظر ۾ ڊارون جي تحقيق ۽ نظريي مان اهو ثابت
پئي ٿيو تہ دنيا ۾ ايجا بہ بي شمار تحقيق طلب ڪم رهيل آهي، ۽ جيڪو
ايجا ٿيٽو آهي، ڪڏهن بہ. سگمنڊ کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ جو
شوق پروفيسر ڪارل بروهل جي هڪ مشهور ليڪچر ڏياريو، جيڪو
هن فرائيڊ جي گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، 1873ع جي اونهاري ۾ ڏنو هو.

اهو ليڪچر گوئٽي جو فطرت تي هڪ مضمون هو. پروفيسر ڪارل
بروهل هڪ جوشيلو مقرر هو. جنهن کي پنهنجون تقريرون ماڻهن جي
ذهن ۾ ويهارڻ جو خاص ڏان هو. هن فطرت تي اهڙي انداز ۾ ليڪچر
ڏنو. جو شايد گوئٽي پاڻ اهڙو نه ڏنو هجي. هن پنهنجي طرز تقرير ۽
انداز بيان سان سٽندڙن کي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو. پنهنجي ان مضمون
۾ گوئٽي نيچرل سائنس جي ميدان ۾ تحقيق ۽ دريافتن تي ڏاڍو زور ڏنو
هو. اهو ليڪچر نوجوان سگمنڊ جي ذهن تي ڇائنجي ويو. هن کي ائين
محسوس ٿيڻ لڳو. جڏ گوئٽي هن جا پنهنجا خيال ۽ جذبا پيش ڪيا
هجن ۽ گوئٽي، سگمنڊ جيان پاڻ هڪ جرمن هو. هن جون ڪافي ڳالهيون
سگمنڊ سان مليون ٿي. مثال طور، گوئٽي جا وار به سگمنڊ جيان ڪارا
هئا ۽ هو به هڪ ويهن ايڪيهن سالن جي ماءُ جو پٽ هو. پنهي جا پيئر
چيڙاڪ، وڏي عمر وارا ۽ سخت انسان هئا. گوئٽي جڏهن شاعري شروع
ڪئي، جنهن جو دنيا ۾ بيحد بلند مقام آهي ته ڪيس خيال پيدا ٿيو ته
هن کي نيچرل سائنس ڏانهن به توجهه ڏيڻ گهرجي. پنهنجيون صلاحيتون
آزمائڻ لاءِ هن لاءِ شاعريءَ بدران هي ميدان وڌيڪ موزون هو، تنهن
ڪري هن شاعري ترڪ ڪري، نيچرل سائنس تي توجهه ڏيڻ شروع
ڪئي. نوجوان فرائيڊ جي ذهن ۾ گوئٽي جي باري ۾ اهو سڀ ڄاڻڻ کان
پوءِ اهو خيال پيدا ٿيو ته هن لاءِ مناسب اهو ئي هو ته ڊاڪٽريءَ جي
تعليم سان گڏ پنهنجي تحقيق لاءِ نيچرل سائنس جو ميدان چونڊي.

پنهنجي مضمون ۾، گوئٽي چيو هو ته فطرت هميشه نئين ٿيندي
آهي، پر ان سان گڏ انتهائي قديم ۽ پراڻي به ٿيندي آهي. هڪ جاءِ تي
اِها هر لحاظ کان مڪمل ٿيندي آهي ته ٻئي هنڌ هميشه کان اڌوري به
هوندي آهي. اسين مڪمل طور تي هن کي ڪڏهن به ڄاڻي نٿا سگهون.
اسين پنهنجي طور تي ان کي مختلف انداز سان سمجهندا ۽ مختلف
انداز سان ان جي تشريح ڪندا آهيون. انساني زندگيءَ ۾ ان جي اهميت
ايتري آهي، جيتري ڪنهن مذهب ۾ خدا جي. گوئٽي خدا جي وجود جو
انڪاري نه هو. فرائيڊ ان ڳالهه کي خاص طور نوٽ ڪيو هو. بهرحال،
پوءِ به گوئٽي ان دور جي سائنسي روح جو به مداح هو. گوئٽي جو مضمون،

جيڪو پروفيسر بروهل پنهنجي مخصوص انداز بيان ۾ پڙهي ٻڌايو هو، ان ۾ فرائيڊ تي انڪشاف ٿيو هو تہ هن جي ماءُ پيءُ جو خدا تہ منجهائيندڙ شيءِ هو ۽ جنهن خدا جي عيسائي عبادت ڪندا هئا، اهو يهودين جي خدا کان جدا، ۽ ٻئي قسم جو هو. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ ڪيترين ئي شين هيون، جيڪي اهڙيءَ طرح ذهن کي منجهائيندڙ ۽ هرويرو جو تجسس ۽ جستجو پيدا ڪرڻ واريون هيون. فرائيڊ جهڙي نوجوان جي دل ۾ دنيا جي مونجهارن ۽ فطري ڳجهارتن کي حل ڪرڻ جي امنگ موجود هئي. اهو اوڻيهين صديءَ جو آخري اڌ هو. اهو ڊارون، ميڊل گستاف، ٿيوڊ وفشز جو زمانو هو. ان وقت لارڊ لسٽر بيڪٽريالاجيءَ تي تحقيق جي شروعات ڪئي. اهو دؤر اڄ جي دؤر کان مختلف هو. مائيڪرو اسڪوپ، ٽيسٽ ٽيوب ۽ زهر جي خبر لهڻ لاءِ اوزار ايجاد ٿيا هئا. ايجا سائنس جي علم ايڏي ترقي نہ ڪئي هئي. بوسٽيالاجي ۽ اينٽرپالاجي جيان سوشل سائنس جو علم اڄ جيان نہ هو. نفسيات جو جنم ايجا تازو ٿيو هو. هي اهو وقت هو، جڏهن تجرباتي حقيقتن تي زور ڏنو ويندو هو. رڳو نظرين تي توجهہ نہ ڏيندا هئا. تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ کان سواءِ ڪنهن نظريي کي قبول ڪرڻ جوڳو نہ سمجهيو ويندو هو. سائيڪاٽري، اعصابي نظام جي خرابين جو علم محدود هو. هڪ نارمل انسان جي نفسيات ۽ سائيڪاٽريءَ کي گهرائيءَ سان نہ ڏٺو ويندو هو.

نوجوان فرائيڊ سائنس ذريعي فطرت جا اسرار ۽ راز معلوم ڪرڻ تي گهريا. هن ۾ فطرت جي پيچيده رازن کي حل ڪرڻ جو سخت جوش ۽ اشتياق پيدا ٿيو. هن جي ذهن ۾ هاڻ پنهنجي مستقبل جي پروگرام جو خاڪو واضح ٿي ويو هو. هن انسان جي جسماني مطالعي بجاءِ ان جو ذهني مطالعو ڪرڻ ٿي گهريو، يعني انساني فطرت جو مطالعو. حقيقتن جي هن تلخ دنيا ۾ قدم رکڻ کان پوءِ هن جي ذهن ۾ حقيقتن جي گهرائيءَ ۾ لهڻ جي خواهش پيدا ٿي پئي هئي. هن کي ويانا جي ظاهري چمڪندڙ زندگيءَ کان نفرت محسوس ٿيڻ لڳي هئي. ان جي رنگين دلچسپين، سير تفريح، ٿيٽر ۽ موسيقيءَ سان هن جي ڪا بہ دلچسپي نہ هئي. ان معاشري ۽ حالتن ۾ رهندي، هن جي عمر گذرندي رهي ۽ هو ننڊپڻ جي حسين ننڊ

مان جوانيءَ جي جلترنگي جوءِ ۾ داخل ٿي ويو. هن ماهرِ نفسيات جي زندگيءَ جي عمارت تي وقت هٿان چٽيل خزان ۽ بهار ٻرين حالتن جو حساب ڪتاب ڪرڻ کان اڳ، پنهنجي دماغ جي زمين ۾ اها ڳالهه پوکڻ ضروري آهي، ته ويانا جي زندگيءَ هن جي ذهن تي ڪهڙا اثر ڇڏيا. هن جڏهن اڳتي هلي هن دنيا جي سامهون جنسي غير هم آهنگيءَ جو نظريو پيش ڪندي چيو هو ته، اهو نيورانس جو بنياد هو، ته سندس مذمت ۽ مخالفت ڪئي ويئي. اهي نظريا هن ويانا جي ان وقت جي معاشري ۾ رهندي پيش ڪيا هئا، جنهن جو هو شهري هوندي به ماٺهن لاءِ اڻ ڄاڻ ۽ ڏاريو هو. هن جو ڏوهه يهودي هجڻ هو، جنهن ڪري هن سان اڇوتن وارو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. ويانا جي حسين، گرم جوش ۽ مسرت سان ڀرپور زندگيءَ ۾، يهودين لاءِ ڪابه جاءِ نه هئي. انهيءَ احساس، هن ۾ پنهنجي آزادي، پنهنجي وقار ۽ پنهنجي سماجي تحفظ جي سوچ پيدا ڪئي ۽ وقت گذرڻ سان گڏ ان احساس ۾ شدت ايندي وئي.

هن کي فرائي برگ جي پيٽ ۾، ويانا ۾ ڪو به حُسن نظر نه ايندو هو. ان وقت جا به واقعا هن جي ياد ۾ سدائين پيا ڏڪندا هئا: هڪ اهو ته، هڪ دفعي جڏهن سندس عمر پنج سال هئي ته هن جي پيءُ هن جي پيٽ اينا ۽ هن کي هڪ رنگين تصويرن وارو ڪتاب ڏنو هو ۽ چيو هئائين ته جيڪڏهن پسند نه اچي ته ڦاڙي ڇڏجو ۽ پيو واقعو هي هو ته جڏهن هن جي عمر ڇهه سال هئي ته هن جي ماءُ کيس ٻڌايو ته، خدا انسان کي مٽيءَ مان ٺاهيو آهي. هن ماءُ جي ان ڳالهه تي يقين نه ڪيو، جنهن تي هن جي ماءُ پنهنجي ٻانهن کي نَهن سان رهڙ ڏيئي، اڇا ليڪا ٺاهي، ڪيس انسان جي مٽيءَ مان ٺهيل هجڻ جو ثبوت ڏنو هو.

هن جي ماءُ هن جي ضرورت جو خاص خيال رکندي هئي ۽ هن کي هر قسم جي سهولت فراهم ڪندي هئي. هو هڪ ذهين ۽ هوشيار شاگرد هو. هن جي ماءُ پين پارن جي پيٽ ۾ هن تي وڏيڪ ڌيان ڏيندي هئي. هن جي پيٽ اينا کي موسيقيءَ سان وڏيڪ محبت هئي، جيڪا ڪيس ان سان هن جي پڙهائيءَ ۾ رخنو پوندو هو. هڪ ڏينهن هن تنگ ٿي

پنهنجي ماءُ سان شڪايت ڪئي تہ پيانو گهر مان ڪڍيو وڃي، نہ تہ هو پاڻ گهر ڇڏي ويندو. هن جي ماءُ پيانو گهر مان ڪڍائي ڇڏيو. پنهنجي ماءُ جي ان عمل تي اينا ڪي هميشه ڏک رهندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ طرح هو هڪ بهترين پيانسٽ ٿيڻ کان رهجي وئي. اها ئي اڪيلائي ۽ خاموشي سڄي زندگي فرائيڊ جي فطرت جو حصو بڻجي وئي. هن ڪي بہ فضول قسم جا شوق نہ هئا. هن جو ڪاڏو ۽ لباس بلڪل سادو هوندو هو. هن جون دلچسپيون بہ سادیون هيون. هو ڪڏهن ڪڏهن ئي ڪاڏي جي ميز تي خاندان سان شرڪت ڪندو هو، نہ تہ گهٽو ڪري ماني پنهنجي ڪمري ۾ گهرائيندو هو. ڪمري ۾ سڄي رات پڙهائي لِکائيءَ ۾ مصروف رهندو هو. هن جو شمار بيحد لائق ۽ ذهين شاگردن ۾ ٿيندو هو. هو پاڻ ڪاني جيان سنهڙو هوندو هو، پر سندس ذهن تلوار جيان تکو هوندو هو. هن جي يادداشت پڻ ڏاڍي عمدي هئي. هو هڪ پيرو جيڪو سبق پڙهي ڇڏيندو هو، ان جي هر هڪ ست حرف بہ حرف ڪيس ياد ٿي وبندي هئي. هن ڪي ڪتاب گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ سان پيار هو. هو بيشمار ڪتاب خريد ڪندو هو ۽ هميشه دڪاندار جو قرضي هوندو هو. هن جا اهي قرض سندس پيءُ لاهيندو هو. هن ڪي انتظار ڪان گهٽي نفرت هئي. عاشق جون اکيون انتظار ڪندي ڳوڙهن جا هار پائي وٺنديون آهن ۽ انتظاريءَ جي پلئه ۾ دادلي ٻار جيان رهنديون آهن، پر هي غيرروايتي شخص، انساني روين جي پرک جو عاشق هو، جنهن جون اکيون قدرتي منظرن بدران انساني عملن جي عميق گهرائين ڪي زوم ڪنديون هيون. هو چوندو هو: "هڪ گنهگار ڪي لکين سال دوزخ جي باهه ۾ ساڙيو وڃي ۽ پوءِ هن ڪي اُتان ڪڍي، ٻئي ڪمري ۾ ان لاءِ ويهاريو وڃي تہ جيئن هو اُتي ويهي ايندڙ فيصلي جو انتظار ڪري تہ اهو انتظار باهه کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ عذاب ثابت ٿيندو."

شام جي وقت جڏهن فطرت جا شاعر پڪي وٽن ۾ مشاعرو پڙهندا هئا، رات گهاٽي گهاگهري جيان زمين جو پورو بدن ڍڪيندي هئي، تڏهن هي اڪيلائيءَ ۾ پنهنجو ڪم پيو ڪندو هو. رات جيئن جيئن ٻاڙهن ٿيندي ويندي هئي، هن جي اکين ۾ نند پوڙهي ٿيندي ويندي هئي،

پر پوءِ به هي پيو ڪتاب پڙهندو هو. پوءِ جڏهن ننڍ جو گهر سنڊس ڪالو جهليندو هو تہ هي اتي ئي بستري تي سمهي پوندو هو ۽ صبح وڌي سج جون ۽ هن جو اکيون گڏ ڪلنديون هيون. سج ڏرتيءَ کي ڏسندو هو ۽ هي ڪتابن کي.

جڏهن محنت سان محبت ٿي ويندي آهي تہ وقت صدقي صدقي پيو ٿيندو آهي. هن سڄي عمر تحقيق ۾ گذاري. هن چيو: ديڄي ويل حسرتون ۽ خواهشون، هميشه ذهن جي شعوري سطح تي واپس ايندينون آهن. پر اهڙو روپ ڪري، جو ڪير انهن کي سڃاڻي ناهي سگهندو، جيئن پاڻ وٽ گهر جون نينگريون پڻ شاديءَ ۾ سڃاڻپ ۾ ناهن ايندينون.

هن جون ڳالهيون آهستي آهستي معاشري جي ترقي پسند ماڻهن مڃڻ شروع ڪيون. ڊاڪٽرن، اديبن ۽ سائنسدانن جو هڪ گروپ هن سان گڏ ٿيڻ شروع ٿيو. شروعات ۾ ان گروپ ۾ فقط الفريڊ ايڈلر، ولهم اسڪيٽل، ميڪس ڪاهان ۽ روڊلف ايٽلر شامل ٿيا. ان کان پوءِ پال فرڊرن، ايڊورڊ هچمين، ميڪس استينز ۽ ازيڊور سرجز شامل ٿي ويا. هي اُهي ماڻهو هئا، جيڪي اڳتي هلي تحليل نفسيءَ جا مشهور ماهر ٿي ويا. هن گروپ ۾ اهي، ماڻهو جي سياڻ، سوچ فهم، ادراڪ، جذبات، بنيادي خصوصيتن، شعور ۽ لاشعور کي سمجهڻ جو گس ڏيڻ واري علم نفسيات بابت گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ فرائيڊ انهن لاءِ هڪ استاد وارو ڪم ڪندو هو. هو ليڪچر لکت ۾ ڪٽي ڪونہ ايندو هو ۽ نہ ئي ڪو حوالن لاءِ نوٽس سامهون هوندا هئس. هو مسلسل ٻہ ٻہ ڪلاڪ ليڪچر ڏيندو رهندو هو ۽ ڪجهہ وقت سوچڻ لاءِ بہ نہ ترسندو هو. هن جون ڳالهيون سادين ۽ ذهن نشين ٿيڻ واريون هونديون هيون، پر جن طريقن سان هو ليڪچر ڏيندو هو تہ سندس ٻڌندڙن کي سمجهڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي نہ ٿيندي هئي. هو اهم سڃائين ۽ بنيادي اصولن تي احتياط سان ليڪچر ڏيڻ شروع ڪندو هو. ان کان پوءِ هو ترتيبوار بحث جا اهم نقطا وضاحت لاءِ ڪٽندو هو ۽ نهايت خوبصورتيءَ سان انهن کي پڃاڻيءَ تائين پهچائيندو هو. جڏهن هو پنهنجي اصل دريافت جي باري ۾ ٻڌندڙن کي ليڪچر ڏيندو هو تہ هُو ليڪچر جي حقيقت ۾ پاڻ

ڏجائي ويهندا هئا. اهڙيءَ طرح هو پڌندڙن تي ايترو حاوي رهندو هو، جو هو اهو محسوس ڪندا هئا تہ جڙ ڪابہ نئين نہ بلڪ اڳ پڌل ءِ سمجهيل شيءِ جي باري ۾ پڌي رهيا هجن.

هن جنهن سان شادي ڪئي، سا سچي، سُلڇڻي، سهڻي ءِ من مُهڻي ڪنوار هئي. هن جو نالو مارٿا هو، جنهن جي سيني ۾ دل بدران محبت ڌڙڪندي هئي. هن شاديءَ لاءِ پنج سال انتظار ڪيو هو. هن شادي نہ ٿيڻ ڪري گهري، ڇاڪاڻ جو پنهنجي ڪم جي تيز رفتاريءَ ۾، شاديءَ کي اسپيڊ بريڪر ٿي سمجهيائين، پر انتظاريءَ جي رڻ ۾ ٿوهر ٿي ويل مارٿا جي اکين کي وڌيڪ انتظار نٿي ڪرائي سگهيو ءِ نيٺ ان سان لاڻون لڌائين. جنهن مان ڪيس ٿي پٽ ءِ ٿي ڏيئرن ٿيون. انهن مان هڪڙي پوءِ نفسياتدان بڻي.

ويانا هن کي ڏاڍو وڻندو هو، تنهن ڪري هن ويانا ۾ نازين جي داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ پنهنجي سيني ساٿين جي صلاح مڃڻ کان انڪار ڪندي، ويانا مان فرار ٿيڻ کي رد ڪري ڇڏيو. نازين نيٺ فرائيڊ جي لائبريريءَ کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو. ان وقت جي سائنسي دنيا ڊنل هئي، تہ ڪٿي فرائيڊ نازين هٿان گرفتار نہ ٿي وڃي، پر يونان جي شهزادي ميري، نازين کي ڏهہ لک شيلنگ ڏيئي، آمريڪي صدر روز ويلٽ ذريعي فرائيڊ کي نازين کان بچائي ورتو. هن کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پنهنجي نفسياتي مهارت متعارف ڪرائڻ ءِ سمجهائڻ لاءِ پيغام پهتا ـ هي اُتي ويو ءِ ماٺهن هن سان پيار ڪيو. هن جي حياتيءَ جي وڻ ۾ جڏهن ٿورا پن بچيا هئا تہ هي گهر تائين محدود ٿي ويو ءِ گهر ۾ گُلرن ءِ گُلن سان وقت گذارڻ لڳو. هن جي سورهن سال پراڻي بيماري سرطان لاعلاج ٿي چڪي هئي. 23 سيپٽمبر، 1939ع ۾، هن جي نئين وطن برطانيا ياران جرمنيءَ خلاف جنگ جي اعلان کان ٿي هفتا پوءِ هو مري ويو. هڪ لڙڪ تاريخ جي اک مان ڳڙي ڳل تي اچي بيهي رهيو. مطالعو بہ پورو، مشاهدو بہ پورو ءِ مڙس بہ پورو. سندس وصيت موجب، 22 سؤ سال پراڻي غار ۾ ڪيس اگني سنسڪار ڪيو ويو. هن جو نالو سگمنڊ فرائيڊ هو. اهو سگمنڊ فرائيڊ، جنهن بنا نفسيات ائين آهي جيئن سنڊوءَ بنا سنڊ!

2

نظريو

انساني سماج جي اتهاسڪ سفر جو اڀياس ٻُڌائي ٿو تہ انسان کي ٻين سمورن جاندارن کان اُتم، منفرد ۽ اعليٰ بڻائيندڙ سندس ئي پورهيو آهي. انسان پورهيو ڪري اوزار ٺاهيندڙ جانور نہ هُجي ها تہ تجربا نہ ٿين ها ۽ تجربا نہ ٿين ها تہ هو سِکڻ جي سائنس کان محروم رهجي ويڃي ها ۽ ائين حالتن جي جبر هيٺ ٻي حيواني دنيا وانگي حيوان ٿي رهي ها. پر انسان محنت ۽ مشقت ڪندو نوان تجربا ڪندو، انهن جي منفي نتيجن مان سِکندو ۽ مثبت نتيجن مان اُتساهہ ونڊندو، معروضيت کي سمجهندي ۽ ارتقائي عمل سان مطابقت ۾ وڌو ٿيندو، پاڻ ڌاهيندو ۽ ٺاهيندو. تاريخ جي طويل ڪتاب ۾ نوان نوان ۽ دلچسپ سبق شامل ڪندو آيو آهي، جنهن کي پڙهڻ سان دماغ ڏوڪجي وڃن ٿا ۽ اندر ۾ سچ، سونهن ۽ شعور جي خوشبو پکڙجي وڃي ٿي.

اَڪ جي اَڇي کير جهڙو ڪڙو ۽ سهڻو سچ هي آهي تہ دل جي دنيا ۾، حسين حسرتون، دماغ جي درياهہ ۾ خوبصورت خيال ۽ اکين جي عميق ۾ موتين جهڙا خواب، تيستائين تقدير کي تبديل ناهن ڪري سگهيا، جيستائين انهن عمل جي متركي سان جهالت جي جهنگلي نانگ جو مٿو ناهي چٽيو. ڪوبہ انسان تيستائين غيرمعمولي نٽو بڻجي سگهي، جيستائين هو غيرمعمولي ڪم نٽو ڪري.

ماڻهو پيدا ٿيندا آهن، زندگي گذارينداآهن ۽ هڪڙي ڏينهن مري ويندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن خوشنصيب ڏرتيءَ تي اهڙا ٻار پيدا ٿيندا آهن، جيڪي جوان ٿي دنيا ۾ ٽرٿلو مچائي ڇڏيندا آهن. اها

هڪڙي بي پناهه قوت هوندي آهي، جيڪا سڄي زماني کي نئين انداز ۾ ياکر ۾ پيري ڇڏيندي آهي. اهڙا ماڻهو جينئس چورائيندا آهن. اهڙن انسانن جي پيدائش ضرورتمندن سان ائين پيار ڪندي آهي، جيئن وطن جي وٽن سان بهار!

سگمنڊ فرائيڊ نفسيات جي رڳن ۾ رت جيان ڊوڙندڙ نالو آهي. ڏيئي مان وٽ ڪيي ڇڏيندؤ ته اونداهي پلئه پوندي ۽ نفسيات مان سگمنڊ فرائيڊ ڪيي ڇڏيندؤ ته نفسيات نڊٺڪي بڻجي ويندي.

سگمنڊ فرائيڊ علمي دنيا جو عظيم ماڻهو آهي، جنهن سڄي دنيا جي ادب تي پنهنجا خاص اثر ڇڏيا آهن. هن نه رڳو انساني شعور جي مونجهارن ۾ دلچسپي ورتي، پر انسان جي لاشعوري مونجهارن، انهن جي ڪارڻن ۽ انهن جي علاج کي دريافت ڪري، پنهنجي تحليل نفسي وارو خاص نظريو پيش ڪيو. جنهن ڪري هو نه رڳو پنهنجي دور جو تڪراري شخص بڻيو، پر اڄا تائين هو اختلافن جي ساموندي طوفان ۾ هيمنگوي جي پوڙهي ملاح جيان آهي.

هن سائنسي تحقيق جو دائرو طبعي ۽ نامياتي دنيا کان وڌائي، انساني ذهن ۽ روين تائين پکيڙيو. هن ان حقيقت کي تسليم ڪيو ته سائنس جو اطلاق ڪائنات جي هر شيءِ ۽ مظهر ۾ ڪري سگهجي ٿو.

هونئن ته انساني فڪر، تصورن ۽ روين جي باري ۾ مفڪرن پنهنجا هڪڙا مخصوص تصور پيش ڪيا آهن، پر المیو اهو آهي، جو انهن نظرين تي اڪثر هٿ ٽوڪئي اخلاقيات ۽ مذهبي سينور جي ڇاپ رهي آهي. تاريخ ۾ وڏيون ويساهه گهاتيون، ظلم ۽ زيادتيون، علم ۽ عشق سان ٿيون آهن، پر اتي علم ۽ عشق ڪٽي ويا آهن، جتي انهن هڪ ٻئي کي پاڻ اڀيو آهي. سماج جا ڦورو طبقا، هر نئين ۽ بهتر نظريي جا مخالف هوندا آهن، ڇاڪاڻ ته ان مان هنن جي ڦرلٽ جي موت جو انديشو هوندو آهي، تنهن ڪري اهي چاهيندا آهن ته ماڻهو جهالت، وهمن، ۽ شعوري ڏيوالپٽي ۽ وسوسن ۾ رهن. ان لاءِ ماڻهن کي اتساهي اهڙو ماحول جوڙيندا آهن، جو جهالتون مقدس ۽ الهامي بڻجي پونديون آهن. اهي ڪوڙ کي ڪنوار جيان سنواري سينگاري، تيل ڦُليل ڪرائيندا

آهن ۽ سچ کي کچري دان بڻائڻ جي کوشش ڪندا آهن، پر ڪاري هيٺيان سچ جي سچ کي کير لڪائي سگهيو آهي. سچ ته خوشبو آهي. توهان نڪ کي بند ڪري سگهو ٿا، پر هوا ۾ رل مل ٿيل سچ جي خوشبو کي ڪٿي ٿا روڪي سگهو، جيڪا هر قيمت تي بدبو کي نهوڙي ناس ڪري رهندي. فرائيڊ نيون ڳالهيون ڪٿي آيو هو ۽ ظاهر آهي جهالت سان لت پت ۽ ڏرمي عقيدي سان انڊو ٿيل سماج نين ڳالهين سان ائين ڪندو آهي، جيئن خزان چمن جي وٽن سان ڪندي آهي!

فرائيڊ انساني روين جي باري ۾ پهرين ڪان ئي ڪائي حتمي راءِ قائم ڪرڻ بدران انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. هو غيرمعمولي انساني روين جو شاگرد هو. هن حسد، رقابت، محبت، خوف، دهشت، ندامت، پشيماني ۽ ملامت جهڙن روين جو مطالعو ڪيو. فرائيڊ جو چوڪس ۽ عميق ذهن، نفسياتي دريافتن جو تجربي گاهه بڻجي چڪو هو. هن جي دريافتن، تنهن وقت جي يورپ ۽ باقي دنيا جي اخلاقي ۽ علمي نظرين کي ڏوڏي ڇڏيو.

فرائيڊ جي نظريي ايڊيپس ڪامپليڪس (مونجهاري) تي شديد ترين تنقيد ڪندي، ان جي سخت مذمت ڪئي ويئي. جڏهن فرائيڊ چيو هو ته ڇوڪرا پنهنجي ماءُ ۾ جنسي اُنسيت محسوس ڪندا آهن ۽ ڇوڪريون پنهنجي پيءُ ۾. اهڙيءَ طرح ڇوڪرا پنهنجي پيءُ کي ۽ ڇوڪريون پنهنجي ماءُ کي رقيب سمجهنديون آهن. مذهبين جي نظر ۾ فرائيڊ اهڙو وحشي ڪافر هو، جنهن انهن حدن کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي برائيءَ کي ڇڳائيءَ کان جدا ڪنديون آهن.

فرائيڊ جو چوڻ هو ته جيڪڏهن جنس تي بندش لڳل هوندي ته سمورو معاشرو ذهني مريضن سان ڀرجي ويندو. هن جو چوڻ هو ته انتهائي پريشاني ۽ سخت اضطراب جي حالت، جيڪا چريائپ جي، ويجهو هجي، اها غلط قسم جي جوش ۽ جنسي هٿ ڏرميءَ سبب پيدا ٿيندي آهي. تاريخ جي هن فخر لائق ماڻهوءَ جو پنهنجي دور ۾ عورتن جي وچ ۾ ذڪر فحش لطيفي جهڙو هوندو هو. هو ان خيال جو هو ته انسان کي ذهني مريض ناهڻ ۾ وراثت کان وڌيڪ ماحول جو حصو

هوندو آهي، يعني ورثي ۾ مليل جبلتن کان وڌيڪ آسپاس جون حالتون انساني ذهن تي وڌيڪ گهري انداز ۾ اثر ڪن ٿيون.

هن جنگ بابت لکيو آهي ته انسانُ، حياتياتي ۽ نفسياتي مصيبت جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ جنگ کي ختم ڪرڻ گهري ٿو. اسين چگيءَ طرح چاڻون ٿا ته موجوده صورتحال ۾ جنگ جو خاتمو ممڪن نه آهي، چاڪاڻ ته جيستائين قومن ۾ اهي اختلاف ۽ جهيڙا، تهذيبن جي ٽڪراءَ ۾ بين ٽڪرائن جا عنصر موجود رهندا، تيستائين جنگيون ختم نه ٿيندیون، چاڪاڻ ته جن نفرتن ۽ دشمنين اسان کي ورهايو آهي. انهن جون پاڙون ذهن ۾ ايتريون گهريون ۽ قديم آهن، جو انهن کي ختم ڪرڻ جڙ ته ممڪن ئي ناهي. تحليل نفسي موجب، وحشي ۽ مهذب قومن جي وچ ۾، نسلن جي مسئلن تي ۽ انهن قومن جي وچ ۾، جن جي تهذيبن تمام اعليٰ ارتقائي مرحلا طئي ڪيا آهن، خونريزي ۽ تڪرار هميشه جاري رهندو. ان جي برعڪس، جيڪي خود شناسيءَ کان بي خبر آهن، يا فقط ان کان نفرت ڪن ٿا، اهي انهن نتيجن کي قبول نٿا ڪن. چون ٿا ته تهذيب جي ارتقاءَ يا خاص مفادن جي خاتمي سان انسان ضرور هڪ ڏينهن امن ۽ سڪون واري زندگي گذارڻ شروع ڪندو. دنيا ۾ انصاف ۽ پلائيءَ جو دور ايندو ۽ جيئن جيئن ڪجهه نظرياتي گروهه وڌي ويندا، تيئن تيئن باهمي تضاد ۽ پنهنجي موت مرندو. ان دوران سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان انساني فطرت ۾ متاثر ٿيندي، پر انسان جا ٻيا ڏڪ ۽ تڪليفون گهٽجي ويندیون. پر جنگ دوران اسان ڏٺو ته سڀني ۽ خراب جي وچ ۾ سڀ فرق مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا. اعليٰ تهذيب جي دعويدارن به پستيءَ ۽ تنزليءَ جون سڀ حدون پار ڪيون. جنگ دوران انسان کي تباهه ڪرڻ لاءِ جديد ترين هٿيار استعمال ڪيا ويا. سائنس کي بدترين تخريبي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو. اسان جي مايوسي ۽ ڏڪ ۾ ان ڪري به اضافو ٿيو، جو انهن رياستن ۽ فردن به وڏي زوال جو ثبوت ڏٺو، جن کان اسان کي اهڙي اميد نه هئي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته انسان ۾ تباهيءَ جا جذبا ڪيئن پيدا ٿين ٿا ۽ انهن کي ڪيئن ڪنٽرول ڪري سگهجي ٿو؟ انسان جي جبلتن ۽

روح ۾ سڀ رنگ موجود آهن، جيڪي پنهنجي پاڻ ۾ نه چمڪا آهن ۽ نه برا.
اهي بنيادي جبلتون هر انسان ۾ برابر ملن ٿيون، جن جو مقصد ڪجهه
بنيادي حياتياتي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي. پنهنجي اوسر جي ڏاڪي
پٺاندر، هر سماج پنهنجي خاص مفادن کي نظر ۾ رکندي انهن تي چمڪائي،
۽ برائيءَ جو فيصلو گڏيل طور تي لاڳو ڪري ٿو. هر ان جبلت، جنهن
جي سماجي طور مذمت ٿئي، کي برائي چيو وڃي ٿو. ان جي برعڪس،
سماجي طور تي منظور ٿيل قدرن کي گهربل ۽ سٺو سمجهيو وڃي ٿو.

هو روين جو سائنسي شارح هو. ذهن جي استيشن تان روين جي
ريل رواني ٿيندي آهي ۽ وري واپس استيشن تي اچي بيهندي آهي.
روين کي ذهن ريج ڏيندو آهي. اسين چئي سگهون ٿا ته رويا برسات آهن
ته ذهن بادل آهي، رويا خوشبو آهن ته ذهن گُلاب آهي. رويا فصل آهن
ته ذهن زمين آهي. رويا اُس آهن ته ذهن تپندڙ سج آهي. مطلب ته، رويا
ذهن جي مالها ۾ پوئيل مٽيا آهن. علمن جي وسيع سمنڊ کي گڏ ڪري،
ان مان نتيجو اخذ ڪيو ته ان مان ٻه اهڙا ٿلها متارا عنصر نڪرندا،
جتان سمورو علم ڦُٽي ٿو ۽ پوءِ سمورو علم انهن کي سمجهڻ جي
ڪوشش ڪري ٿو. هڪڙو آهي، انساني زندگي يا سماج ۽ ٻيو، فطرت.
سمورا فلسفا ۽ فڪر سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح سماج ۽ فطرت کي پرکڻ
جو ذريعو آهن. مختلف علمن جي حصي ۾ مختلف ڪم آيا آهن.
ائين نفسيات جي حصي ۾ انساني ذهن آيو آهي. نفسيات جا ڄاڻو
ذهن جي ڪيتر جا پلوڙ هاري هوندا آهن. هو زمين کي سمجهندا آهن.
ذهن، زمين ۽ رويا ٻج آهن. جهڙا رويو پوکبو، فصل به اهڙو ئي ملندو.
ذهن، گهر ۽ رويا ان جا ياتي آهن. ذهن وڻ ۽ رويا ان جا گل ۽ ميوو آهن.
راند سڄي روين جي آهي، جيڪي ذهن جي ميدان تي کيڏندا آهن.

انسان جو ذهن هڪڙي خوبصورت وطن جيان آهي، جنهن تي
خيالن جا لکين لغڙ اُڏامن ٿا. سوچن جا سوين سلسلا قراقرم جبل جيان
قطارون ڪن ٿا، احساسن جون برفباريون ٽين ٿيون. جذبن جي جوت
ٻَري ٿي. اُڏمن جون آهون نڪرن ٿيون، يادين جا مست درياءَ وهن ٿا ۽
پنجهن مان ڪيئي خواب ڦُٽن ٿا...

البت ڪڏهن ڪڏهن ذهن اهڙا ڪم ڪندو آهي، جو انسان جي دل سينيءَ مان اُڇلجي ٻاهر نڪري ايندي آهي. پير ٿري ويندا آهن، اکيون گرم مانيءَ تي مکڙ جيان رجڙ لڳنديون آهن ۽ انسان مڪمل طرح وائڙو ٿي ويندو آهي!

ڪڏهن ڪڏهن ذهن اهڙا ڪم ڪندو آهي، جو غيرت گار ٻڌجي، ڳچيءَ ۾ ڳٽ جيان پئجي ويندي آهي. شرمندگيءَ جو احساس ٻلو ٻڌجي رانيوٽا هٽندو آهي. احساس ڪمتريءَ جي ڪاڙي اعتماد جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيندي آهي ۽ انسان مڪمل طرح بيوس ٻڌجي ويندو آهي.

۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ذهن اهڙا ڪم پڻ ڪندو آهي، جو وات مان ٿهڪن جا پوپٽ اُڏامندا آهن، ڳالهين جي محفل ۾ تاڙين جا ترانا ٻيا وڄندا آهن. دل جي پينگهي ۾ خوشي پٽ راڻيءَ جيان پئي لڏندي آهي ۽ انسان مڪمل طرح مطمئن ٻڌجي ويندو آهي.

جيتوڻيڪ تصورن، خيالن، سوچن، احساسن، يادن، جذبن، اُڏمن ۽ علمن جي هن ڪهڪشان کي سمجهڻ واقعي ڏکيو آهي، پر سائنس ۽ نفسيات هر بي خبريءَ، وهمن، وسوسن، گمراهين، غلط فهمين، خوش فهمين، حيرانگين ۽ جهالت کي ڪاڇ ٻڌائي، انسان کي اڳيان وڌڻ جا رستا صاف ڪري ڏيندي پئي وڃي. جنهن مان فائدا وٺڻ لاءِ انسان مشاهدي جا دستانا پائي، تجربن جي عينڪ لڳائي، جهالت جي جهنگ کي عمل جي ڪاڙي سان وڍي، علمي ذهني پورهيو ڪندي، عالمي انساني ضمير ۽ انسانيت جي آزادي لاءِ ميدان صاف ڪندو پيو اچي. ان ڏس ۾ هٿ تريءَ تي نڪتل اياڳ جي لڪيرن کي ڀاهيندڙن جي فهرست پڻ ڇڪي خاصي آهي. جن انسانن کي ائين پٽ تي ناهي ڪيرايو، جيئن بندوق جي ڏڪ سان پکي اڇي پٽ تي ڪرندو آهي ۽ ائين بہ ناهي ڪيرايو، جيئن پرسان ريل گاڏيءَ جي گڙڙ سان ڪٻٽ مان ٽانوَ ڪرندا آهن، پر انهن جيئاريو آهي، ائين جيئن گُل پونئرن کي جيارينداآهن، وڻ پکين کي جيارينداآهن ۽ باغبان ڌرتيءَ کي جيارينداآهن.

آسٽريا جي نيورولاجسٽ سگمنڊ فرائيڊ پڻ نين نين ڳالهين سان شعور کي جيارويو ۽ ڪجهه اهڙا نظريا ڏنا، جيڪي گهڻن کان هضم ڪرڻ ڏيا ۽ انهن اوڳاڙي ڇڏيا. مدافعتي نظام immune system جي خرابيءَ کي تسليم ڪرڻ بدران کاڏي تي سنگين الزام مڙهي ڇڏيائون. فرائيڊ گهڻيون ڳالهيون ڪيون ۽ نظريا ڏنا، پر جن نفسيات جي علم ۾ واجبي واڌارا ڪيا ۽ ڦڙڦوٽ مچائي، سي پاڻ سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

1. انساني ذهن جي جوڙجڪ
شعور (Consciousness)

موجوده وقت ۾ اسان جو ذهن جن جن ڳالهين، واقعن ۽ شين تي سوچي ٿو يا پنهنجي معلومات ۾ آڻي ٿو، ان کي شعور چئبو آهي. توهين هينئر ڪتاب پڙهي رهيا آهيو. هوا وڻن مان سوسائٽ ڪري گذري رهي آهي. امان سڏ ڪري رهي آهي. ڪمري ۾ دوست ڪال تي پيو ڳالهائي. گهٽيءَ ۾ گهورڙيو هوڪا ڏئي رهيو آهي. روڊ تي ويندڙ بس جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. جهرڪيون 'چون-چون' ڪري رهيون آهن. اهو سڀ ڪجهه بغير ڪنهن ڪوشش يا ارادي جي توهين ڄاڻي رهيا آهيو. اهو شعور آهي. شعور مان مراد علم يا ڄاڻ ناهي، بلڪ هوش ۽ حواس ۾ رهڻ شعور آهي. اسان جا پنج حواس جي صحيح ڪم ڪندا آهن، معنيٰ اسين شعور ۾ آهيون. انهيءَ کي ڊاڪٽر آپريشن وقت بيهوش ڪندا آهن. معنيٰ شعور جي گرفت مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. شعور زمان ۽ مڪان جي مخصوص حالت ۾ موجود هڻڻ جي احساس ۽ سمجهه جو نالو آهي. مثال طور، جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زمان ۽ مڪان مان نڪري ڪنهن ٻئي زمان ۽ مڪان ۾ اچي ته هو شعوري طور سالم نه رهندو، بدحواس ٿي پوندو. اڄ جنهن زمان ۽ مڪان ۾ اسان رهون ٿا، انهيءَ کي اسين آهستي آهستي سهي ويا آهيون، تنهن ڪري سالم آهيون. شعور جو تعلق دماغي صحت سان پڻ آهي. جي دماغي صحت سالم آهي، انهيءَ ۾ ڪابه ڪوٽ يا زيادتي نه آهي، ته شعور صحيح ڪم ڪندو، پر شعور مادي طور دماغ ۾ ڪا جاءِ نٿو والاري، اهو

فقط دماغ جي صحيح ڪم ڪرڻ جي ڪري هڪ غير مادي عمل آهي. انهي ڪري دماغ کي دوا ذريعي بي شعور ۽ ڪري سگهجي ٿو، ته هوش يا شعور ۾ آڻي ۽ سگهجي ٿو. شعور جي گهر ۾ خيال، تجربا ۽ مشاهدا حال سان ڳنڊيل هوندا آهن. آسان لفظن ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ماحول کان چڱيءَ ريت باخبر هجڻ، شعور آهي.

تحت الشعور (Sub Consciousness)

تحت الشعور، يادگيرين ۽ ڄاڻ جو اهو ذخيرو آهي، جيڪو اسان جي ڏڪهي ۽ مختصر مدي واري يادداشت ۾ محفوظ هوندو آهي. فرائيڊ مطابق، شعور کان پوءِ جو اسٽور روم آهي تحت الشعور. تحت الشعور، ذهن جي هڪ لکل بٽي آهي، جتي اهي ڳالهيون گڏ ٿيل هونديون آهن، جن جي اسان کي ڄاڻ ته هوندي آهي، پر اسان جي ڏيان نه ڏيڻ ڪري اها يادداشت اسان جي شعور جي سطح کان پري هلي ويندي آهي. پوءِ وري جڏهن اسان کي ان ڄاڻ جي ضرورت پوندي آهي ته اسان جو ذهن يڪدم ان کي حاصل ناهي ڪري سگهندو، پر ٿوري ذهني مشقت سان اسين وري انهي وساريل ڳالهه کي پنهنجي شعور ۾ آڻي ڇڏيندا آهيون. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن ڪا شيءِ اسان کان وسري وڃي ٿي ته ان وسرڻ مان مراد ڇا آهي؟ ڇا اِها شيءِ انساني دماغ مان نڪري ويندي آهي... يا اُها انساني ذهن جي ڪنهن اونهي تهه ۾ موجود هوندي آهي؟ جيئن ته اڪثر وسريل شيون اسان کي ياد اچي ويندیون آهن، ته ان جو واضح مطلب اهو ٿيو ته اهي شيون اسان جي ذهن ۾ موجود هونديون آهن ۽ ضرورت پوڻ تي اسان کي ياد اچي ويندیون آهن. مثال طور، جيڪڏهن توهان کان پڇيو وڃي ته توهان ڪالهه ڪهڙي رنگ جا ڪپڑا پاتا هئا؟ توهان شايد ٿورو سوچ سان ان جو درست جواب ڏيئي ويندؤ. مطلب ته، اها وساريل شيءِ اسان جي ذهن ۾ موجود هئي ۽ ياد ڪرڻ جي مشق سان اها شعور جي خاني ۾ منتقل ٿي ويئي، سا اصل ۾ ياد اچڻ کان اڳ اسان جي تحت الشعور ۾ موجود هئي... مطلب ته، اسان جو شعور سوچڻ جي مشق سان تحت

الشعور جي ٽانوڻ پيل معلومات، شعور جي اکڙ تي آڻي ظاهر ڪندو آهي. مطلب ته، شعور اسان جو حال آهي، ته تحت الشعور اسان جو ويجهو ۽ ڏور ماضي آهي.

لاشعور (Unconsciousness)

ذهن جي گهر جي گهٽي شعور آهي. ڪا به معلومات پهرين شعور ۾ داخل ٿيندي آهي، پوءِ اُتان تحت الشعور ڪان ٿيندي لاشعور ۾ ڪانپ پڏي ويهي رهندي آهي. تحت الشعور، شعور جي عملي تجربن ۽ مشاهدن کي پاڻ وٽ سانڊي رکندو آهي. جڏهن ته لاشعور ۾ وري دٻايل خواهشون، جذبا ۽ احساس، دٻاءَ يا روڪ جي ڪري هليا ويندا آهن. لاشعور ذهن جي هڪڙي اونهي ڪڏ آهي، جتي تحت الشعور طرفان رد ڪيل يادگيرين، خيالن، تجربن ۽ مشاهدن کي جنم ٽيپ جي سزا سڻائي، لاشعور جي قيدخاني ۾ قيد ڪيو ويندو آهي. لاشعور نه فقط اسان جي انفرادي، پر نسلي ۽ تاريخي حياتياتي تجربن جو اهو اونداهو ڪمرو آهي، جتي شعور جي روشني به آسانيءَ سان ناهي رسندي.

شعور هڪ قسم جي ڪئميرا آهي، جنهن جو ڪم آهي عڪس کي گذاري دماغ تائين پهچائڻ. تحت الشعور هڪ ڊيسڪ ٽاپ تي رکيل فولڊر آهي، جيڪو جلدي آرام سان کولي سگهجي ٿو، پر لاشعور هڪ وڏو هارڊ ڊسڪ آهي. ننڍپڻ کان وٺي مرڻ تائين جا سڀ واقعا يا معاملا هن گهر، يعني لاشعور ۾ رکيا ويندا آهن. ذهن جو اهو سڀ کان اونهون تهه شعور کان تحت الشعور ۽ تحت الشعور مان ڏکاريل يادگيرين، ڊپ ۽ وهمن کان وٺي انساني ذهن سان لاڳاپيل هر شيءِ کي ذخيرو ڪري ٿو. مثال طور، اسين پنج سال اڳ شام جو ڇهين وڳي ڪٽي ۽ چا ڪري رهيا هئاسين؟ ان سوال جو سمورو جواب ۽ ماضيءَ جي سموري صورتحال، اسان جي شعوري ۽ تحت الشعوري ذهن مان نڪري لاشعور ۾ اچي ويندي آهي. تنهن ڪري، اسين لک ڪوشش ڪريون، تڏهن به ياد ناهي ايندو، چاڪاڻ ته شعور جي روشني ڪڏهن به لاشعور جي اونداهيءَ تائين سڌيءَ ريت نه پهچندي آهي. اهڙا وساريل واقعا ۽ يادون اسان جي لاشعور جو حصو هوندا آهن. ان کان سواءِ خوابن جو تعلق به لاشعور سان آهي.

لاشعور ۾ اسان جي زندگيءَ جون اهي سيئي يادگيريون، جن کي اسان جو شعور ۽ تحت الشعور رکڻ کان قاصر آهن، شعور جي هن دائري ۾ جمع ٿيندڙيون رهنديون آهن. ان ۾ توهان جون سيئي خواهشون پريشانيون ۽ احساس، جيڪي ڪڏهن توهان جي زندگيءَ جو حصو هئا. جن کي توهان وساري ڇڏيو آهي، اهي سيئي شيون توهان جي لاشعور ۾ رهنديون آهن. لاشعور انساني شخصيت جي عمارت جو بُنياد آهي. هي هڪ ساموندڙي تهه آهي، جنهن کي متاڇري تان نٿو ڏسي سگهجي ته ڪٿي ۽ ڪهڙو آهي. فرائيڊ جو خيال آهي ته اسان جي زندگيءَ ۾ جيڪي آيو، سو اسان جي زندگيءَ جو حصو ٿي ويو. اسان جي باقي زندگي ان جي اثر جو شڪار رهندي آهي. فرائيڊ جي اهم دريافت لاشعور آهي. لاشعور ۾ هي چار شيون اهم آهن، جيڪي لاشعور جي پيداوار آهن: خواب، غلطيون، اعصاب ۽ مزاح.

خواب (Dreams)

خواب، لاڙ تي برسات جهڙا هجن يا خواب ٽر تي ڏُڪار جهڙا هجن. ڦُندڙا لاشعور مان ئي آهن. هڪ نوجوان ڇوڪر کي سون مڪائيءَ جهڙي ڇوڪري خواب ۾ اچي ٿي ۽ ان جي سڄي بدن تي چُمين جون چاشنيون پکيڙي ڇڏي ٿي، سڄو بدن مينهن وساڙا ٿي پوي ٿو ۽ ڪڏهن پيٽ ٻُکايل ٻار کي خواب ۾ ماني اچي ٿي. هڪ غلام کي خواب ۾ آزادي ملي ٿي. هڪ قيديءَ کي خواب ۾ گهر جو اڳڻ ياد اچي ٿو. هڪ شاعر کي خواب ۾ ڪينسر وگهي مري ويل محبوبه ياد اچي ٿي. هڪ عاشق کي محبوبه جي پير ۾ غير جي ڇير ياد اچي ٿي ۽ هو خواب ڏسي ٿو، ۽ فرائيڊ انهن خوابن بابت سوچي ٿو ۽ انهن خوابن جا دردناڪ راز افشان ڪري ٿو.

فرائيڊ ماڻهن جو تحليل نفسيءَ ذريعي علاج ڪندو هو ۽ اتان ئي هن تي هڪ راز ڪُليو ته خواب، ڏهايل ۽ اڻپورين خواهشن جي جزوي تڪميل فراهم ڪن ٿا. خواهشون، سدائين مختلف علامتن جي چادر اوڍي، خوابن جي اسٽيج تي پڌريون ٿين ٿيون. اسان جون ڏهيل خواهشون لاشعور ۾ هليون ويندڙيون آهن ۽ پوءِ اهي هڪ بي ترتيب انداز ۾ خواب ذريعي ظاهر ٿيندڙيون آهن. اسان جي ذهن جي تهه ۾ هڪ پوري ڪائنات

پوريل آهي، جنهن کي فرائيڊ لاشعور چيو آهي. اسان جا خواب اتان هڪ شڪل ۽ صورت وٺي، ان سهاري پاڻ اظهارين ٿا ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن اکين مان ڳوڙها ڪري پوندا آهن، چپن تي مرڪ جا پويٺ اُڏامندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن دل کي خوف ائين وکوڙي ويندو آهي جيئن وطن کي ڏاريا!

خواب اسان جي لاشعور ۾ گُجهن پيغامن وانگر هوندا آهن، جيڪي لڪل خيالن، خواهشن ۽ خوفن کي ظاهر ڪندا آهن. فرائيڊ جو خيال هو ته خواب پيغام پهچائڻ لاءِ علامتن ۽ اشارن جو استعمال ڪن ٿا، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان جو شعوري ذهن به خوف ۾ وٺجي ويندو آهي. خواب انسان جي بنيادي تڪرارن، اڻ حل ٿيل مسئلن ۽ اڻڄاتل جذبن کي ظاهر ڪن ٿا. فرائيڊ چيو، خواب لاشعور ۾ دريءَ جيان آهن. اسين خوابن جي علامتن، اشارن، پس منظرن، سببن ۽ موضوعن کي سمجهڻ سان، پنهنجو پاڻ کي ڄاڻي سگهون ٿا ۽ ان سان گڏ ذهن جي لاشعور واري حصي جي رازن کي پڻ پلي پت سمجهي سگهون ٿا.

اعصابي خرابيون (Neurological Disorders)

اعصابي خرابين جا به وڏا قسم ٿيندا آهن: هڪڙو هسٽيريا ۽ بيو علوي خلل. فرائيڊ شروع کان ئي ان خيال جو هو ته هسٽريا جو ڪارڻ ڪنهن به قسم جي عضوياتي خرابي نه آهي، پر خالص نفسياتي ۽ ذهني خرابي آهي. ان ڪري هو مريض کي اڪثر ماضيءَ جا واقعا ڌرائڻ بابت چوندو هو. ان سلسلي ۾، ڪڏهن ڪڏهن ڪيس مريض جي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوندو هو، پر جڏهن هن ڪنهن نه ڪنهن طرح مريض جي ذهن ۾ لڪل تڪرار آندو ٿي ۽ مريض کي پنهنجي بيماريءَ جي خبر پئجي ٿي وئي، ته هسٽريا جون علامتون غائب ٿي ويون ٿي. ساڳيءَ طرح، دائمي اعصاب جي خرابين ۾، هن کي اهڙن مريضن سان معاملو ڪرڻو پوندو هو، جيڪي هڪ بي معنيٰ ۽ بيڪار شيءِ ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. هن بيماريءَ ۾ مريض جنوني ٿي ويندو آهي ۽ هو ڪو اهڙو عمل ورجي ورجي پيو ڪندو آهي، جنهن جو نڪو فائدو ٿيندو آهي ۽ نه

ٿي هو ان مان مزو وٺندو آهي. مثال طور، وري وري هٿ ڏوئڻ يا هٿ مٽي سان ملائڻ. اهڙا عمل ڏاڍا بي معنيٰ ۽ بي ربط نظر اچن ٿا، پر مريض اهڙين ڳالهين جو شڪار ٿي ويڃي ٿو جو ان مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. انهن عملن جي جبري ورجاءَ ۽ تڪرار سبب، هو عذاب ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. ان ڪري هن کي ڪو حل نظر ناهي ايندو. فرائيڊ جڏهن تجزيي ذريعي اهڙن مريضن جو علاج ڪيو، تہ ڪيس معلوم ٿيو، تہ اهڙين مجبورين پويان ڪو ماضيءَ جو واقعو يا تجربو هوندو آهي، جيڪو ڊپريشن سبب ذهن جي اونهيءَ ڏڏ ۾ لڪل هوندو آهي. مثال طور، ليڊي ميڪبيٿ جي هٿ ڏوئڻ واري جنون پويان ماضيءَ وارو واقعو هوندو هو، جڏهن هن قتل ڪيو هو ۽ سندس هٿ رت سان رڱيل هئا.

غلطيون (Errors)

غلطي لاشعور جي گهر مان نڪري ٿي، قول ۽ فعل وچ ۾ تضاد ڪرائيندي. نقصان جي جبل تي بيهي ٿهڪ ڏيندي رهي ٿي ۽ ماڻهو پڇتاءَ جي ڏڏ ۾ هيٺ ڪرندو رهي ٿو ۽ فرائيڊ اتي اچي ان کي ٻانهن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ٿو.

ماڻهو، ماڻهوءَ تي گاڏي چاڙهي ٿو. ماڻهو غلطي ڪري ٿو. ماڻهو ٻوڙ ۾ زندگي پوئتي وساري ڇڏي ٿو. ماڻهو غلطي ڪري ٿو: ماڻهو عورت جي ڪپڙن تي لکيل حلوه کي مذهبي توهين سمجهي ٿو. ماڻهو غلطي ڪري ٿو: ماڻهوءَ 'ٽانگين ڪانپ جاتي هين' بدران 'ڪانپين ٽانگ جاتي هين' چئي وڃي ٿو. ماڻهو غلطي ڪري ٿو: ماڻهو ٻهرن کان ٻير گهري ٿو. ماڻهو غلطي ڪري ٿو. ماڻهو دعا لکي ٿو ۽ ٻيو دغا پڙهندو رهي ٿو. هڪڙو نقطو محرم کي مجرم بڻائي ڇڏي ٿو. ماڻهو غلطي ڪري ٿو.

فرائيڊ جو سائنسي ذهن اها ڳالهه تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ هوندو هو تہ روزمرهه جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ غلطيون، خطائون ۽ پُل چوڪ بي معنيٰ هوندیون آهن. هن جو خيال هو تہ بي ربط ڳالهين کي جيڪڏهن لاشعور جي پس منظر ۾ ڏٺو وڃي تہ اهي غلطيون معنيٰ واريون ٿي ويندیون آهن. مطلب تہ غلطيءَ پويان بي ڏياني هوندي آهي. انسان ڳالهائڻ ۾، لکڻ ۾

غلطي ڪري ٿو. زبان تِرڪي ٿي، غلطي ڪري ٿو. ويسر وڪوڙي وڃي ٿي ۽ شيون ياد نٿيون رهن، غلطي ڪري ٿو ۽ انهن سمورين غلطين جو تعلق لاشعور سان آهي. انسان شديد ڏُک ۽ تمام گهڻي خوشي، ٻنهي ۾ وڏيڪ غلطيون ڪري ٿو. ڇو ته لاشعور ۾ اهي ڳالهيون وڃائتيون هونديون آهن ۽ شعور به معطل ٿي ويندو آهي، ته غلطيون جنم وٺنديون آهن.

مزاح (Humour)

مزاح بابت لِکندي، هڪ ڳالهه دل تان ٿڙي قلم جي زبان تي آئي آهي. ان ڳالهه ۾ حليم بروهي ويٺو آهي ۽ حليم بروهيءَ ۾ مزاح ويٺي آهي. اها مزاح جيڪا دل جي اڪيلي اڳڻ تي ٽهڪن جا قافلا اتارينديِ آهي، اها مزاح، جيڪا مايوسيءَ کي ماري، مرڪ کي جياريندي آهي، اها مزاح جيڪا ڏونگهي جهڙي مهانڊي کي ٽڙندڙ گلاب ٻڌائي ڇڏيندي آهي. مزاح جي مزي ۽ چرچي جي ڇهنڊڙيءَ کان ته هرڪو واقف آهي، پر اڇو ته پيرا ڪٽون ته اها مزاح ڪهڙا ملڪ، مليرِ ۽ ماڙيون لتاڙي، منهن جو مائو ٻڌجي ويندي آهي. جيئن هر شخص هڪ ڪهاڻي آهي، ائين هر عنوان جي پس منظر ۾ هڪ ڪهاڻي آهي. ائين جيئن عينڪ پويان اکيون ۽ سيني پويان دل، وڏيون ڏگهيون، ڏکوئيندڙ ۽ وٽندڙ ڪهاڻيون آهن. فرائيڊ پڻ مزاح بابت هڪ مزيدار مختصر ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. هو چوي ٿو ته مزاح خواهش جي بي آراميءَ جو هڪ شعوري اظهار آهي. شعور جي اڌاوت ۾ حقيقت جو وڏو هٿ هوندو آهي. انهي لاءِ انسان جي معاشرتي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ عقلي ۽ منطقي فڪر واري طرز کي اختيار ڪيو ويندو آهي، پر عقل، منطق، تنقيد ۽ امتحان جي سخت ضابطن ۾ اڪثر ٿوري نرمي هوندي آهي. طنز ۽ مزاح مان مزو وٺڻ ان ڳالهه جي شاهدي آهي، ته انسان جنسي تشبيهون آڻي مزو ماڻيندو رهي ٿو. هتي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته فرائيڊ جنس ۽ لذت جي لفظ کي وسيع مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي، تنهن ڪري ڪوبه لذت ڏيندڙ عمل جنسي فعل جي زمري ۾ اچي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح طنز ۽ مزاح مان پيدا ٿيندڙ لذت ۽ جوش کي جنسي لذت جي زمري ۾ آڻي ٿو.

2. انساني شخصيت جي جوڙجڪ

اڊ (ID)

اڊ انساني شخصيت جو انتهائي اهم حصو آهي. اها انسان ۾ شروع کان ئي موجود هوندي آهي. جڏهن اسين ڄمندا آهيون تہ اڊ اسان کي پنهنجي بنيادي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ جي اجازت ڏيندي آهي. اها انساني ذهن جي هڪ اهڙي طاقت يا ذريعو هوندي آهي، جيڪو ڪنهن فرد جي جنسي، هيجاني ۽ جبلي قوتن جو باعث هوندو آهي. اڊ جو تعلق مڪمل طور تي لاشعور سان هوندو آهي. اها انسان جي ذهن کي مڪمل طور تي لطف جي قانون هيٺ هلائيندي آهي. ان جو بنيادي ڪم فقط لطف/مزو وٺڻ هوندو آهي. اڊ کي فرائيڊ ابتدائي لاشعور سڏيو آهي. هي انساني شخصيت جو سڀ کان گهرو ۽ منجهيل حصو آهي. انساني شخصيت جا سيئي نفسي خيال، جبلي رجحان ۽ حياتياتي توانائي اڊ ذريعي پيدا ٿين ٿا. سادن لفظن ۾ اڊ اهو چاهيندي، جيڪو ان وقت ان کي ستو لڳندو آهي. ان جو صحيح غلط، اخلاقي غيراخلاقي، مناسب نامناسب ۽ موقعي مهل سان پري پري تائين ڪو واسطو ناهي. ان کي بنا ڪنهن غور ويچار ۽ موقعي مهل جي شيءِ گهرجي، اتي جو اتي ۽ هينئر جو هينئر، جيئن ۽ ار کي ٻڪ لڳندي آهي تہ هو روئندو آهي، اڊ کي ۽ار چئي سگهجي ٿو.

انا (Ego)

انا، حقيقت جي اصول تي ٻڌل هوندي آهي. اهو انا جو ڪم هوندو آهي تہ حقيقت ۽ موقعي مهل کي ڏسي، ان کي سمجهي، پوءِ اڊ جي خواهش کي پوري ڪندي آهي. اڊ جي ٻيٽ ۾ انا حقيقت کان باخبر هوندي آهي، تنهن ڪري اها حقيقتن جي قانون هيٺ هلندي آهي.

انا، انسان جي ذهن ۾ ٻاهرين دنيا جو حقيقي تصور قائم ڪندي آهي ۽ انسان جي ٻالڪپڻ کان مرڻ تائين ارتقا ڪندي رهندي آهي. ۽ار جي ڄمڻ کان ٿي سال پوءِ، جڏهن ٻار دنيا ۾ رلڻ ملڻ لڳندو آهي، تہ شخصيت جي هن ٻي اهم جزي انا جي اڀسر ٿيڻ شروع ٿيندي آهي.

هن ۾ اهي ڳالهيون ۽ اثر شامل هوندا آهن، جيڪي سماج جي طئي ٿيل اصولن مطابق هوندا آهن. ايڊ ۽ انا ۾ فرق اهو آهي ته ايڊ جي جوڙجڪ فطري جبلتن ذريعي ٿيندي آهي ۽ انا جي جوڙجڪ مهذب طريقي سان ٿيندي آهي. انا انساني ذهن ۾ ايڊ جي زور تي پيدا ٿيندڙ خواهشن کي روڪڻ ۽ ٽارڻ جو ڪم ڪندي آهي. مثال طور، جي ايڊ جو مقصد فطري خواهشن جو اظهار ۽ انهن جي يڪدم پورائو آهي. ڪنهن کي بک لڳي ۽ هو هوٽل تي هليو وڃي. اتي ڏسي ته اڙي هوٽل ته بند آهي، هن کي بُک جو بلو ڪرڻو آهي ۽ لذت جي حاصلات لاءِ هن ۾ لڪل ايڊ ڪيس مجبور ٿي ڪري ته بس ڪائڻ جو انتظام ٿئي. جيڪڏهن انتظام نه ٿيو ۽ ايڊ جي قوت غالب رهي ته هو هوٽل کوليِ، اندر پيل کاڌي جي شيءِ کائي، پنهنجي بُک ختم ڪندو. اهو ئي، اُهو ڏوهاري رويو آهي، جنهن کي ايڊ جنمي ٿي ۽ طاقت بخشي ٿي. مطلب ته، انا ٽاري ۽ مهمل ڪري معاملي کي پيچيده ٿيڻ کان بچائي وٺندي آهي. انا رٽابندي ۽ حڪمت عمليءَ سان گڏ گڏ مصلحتي روين جو سرچشمو هوندي آهي. هيءَ جبلتي خواهشن کي ايڏي، ته سڌي ۽ سٿي طريقي سان واڌ ۽ تڪميل جي دور مان گذاري ٿي، جو اخلاقي ضابطا به پائمال ناهن ٿيندا ۽ خواهشون به مڪمل ٿي ويندیون آهن.

انا، ايڊ جي ڇُڙواڳ ۽ مست گهوڙي لاءِ لغام وارو ڪم ڪندي آهي ۽ ايڊ جي انڌي خواهشن جو رخ تبديل ڪرڻ سان گڏ گڏ رٽابندي ۽ فهم سان خواهشن کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم ڪندي آهي. ايڊ جنم کان وٺي موت تائين تبديل ناهي ٿيندي، جڏهن ته انا ۾ وقت به وقت ارتقا ٿيندي رهندي آهي.

ايڊ شاگرد آهي ۽ انا اُستاد، ايڊ بار آهي ۽ انا ماءُ. انا، ايڊ کي تربيت ڏيندي آهي، ته هو لذت کي حاصل ڪرڻ واري طلب کي تيستائين دٻائي رکي، جيستائين ٻاهرين ماحول ۾ گهربل شيءِ ملڻ جو امڪان پيدا ٿئي. انا، ايڊ جي صفا نفي ناهي ڪندي، ان جي ابتڙ هوءَ ان کي فقط ايستائين ٽاريندي آهي، جيستائين مناسب حالت پيدا ٿئي. هي فقط لذت جي قانون کي عارضي طور تي معطل ڪندي آهي.

مها انا (Super Ego)

ايڊ ۽ انا سان گڏ انساني ذهن ۾ موجود ٽين وڏي قوت عظيم انا آهي. جنهن جو ڪم اخلاقي اصولن تي عمل پيرا ٿيڻ آهي. جزا ۽ سزا جا معاشرتي اصول ۽ صحيح ۽ غلط جا نظريا، عظيم انا کي جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. عظيم انا اصل ۾ اهو آواز ۽ قوت هوندي آهي، جنهن کي 'ضمير جو آواز' چيو ويندو آهي. مثال طور، هڪ ٻڪايل کي ٻڪ ختم ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن کان ماني کسي کائڻي پوي ته ايڊ کي ان تي ڪو اعتراض نه هوندو. جڏهن ته عظيم انا هن کي ان خراب ڪم کان جهليندي ۽ چوندي ٻُک برداشت ڪر، پر ڪنهن جي هٿن مان ماني ڦُرڻ کا سُٺي ڳالهه ناهي. هيءَ اها طاقت آهي، جيڪا هر وقت ايڊ جي خلاف وڙهندي رهندي آهي. ايڊ ۽ عظيم انا جي وچ ۾ سدائين جنگ ۽ جدل وارو ماحول هوندو آهي. گهر ۽ اسڪول ٻار جي تربيت جا اهم ادارا آهن، جتي ٻارن جي تربيت ٿئي ٿي. ٻلائي ٻُرائي ۽ صحيح غلط جا نظريا، جيڪي اسان کي پنهنجن ماءُ- پيءُ ۽ اُستادن وٽان ملندا آهن، اهي عظيم انا جي بناوت ڪندا آهن. عظيم انا مڪمل طور تي سماجي اخلاقيات ذهن ۾ رکندي آهي، تنهن ڪري جيئن سماجي اخلاقيات ۾ تبديليون ايندیون رهنديون آهن، ائين عظيم انا ۾ پڻ تبديليون ايندیون آهن.

فرائيڊ جي تحقيق موجب، پنجن سالن جي عمر کان پوءِ، ٽئين مرحلي ۾، عظيم انا جي اوسر جو ڪم شروع ٿئي ٿو. هي اسان جي شخصيت جو اخلاقي جز آهي، جنهن جي اوسر سماجي ۽ اخلاقي قدرن مطابق ٿيندي آهي.

فرائيڊ پنهنجي 'Psychnotic Model' ۾ ايڊ، انا ۽ عظيم انا، انساني شخصيت کي سمجهڻ جا ٽي جزا ڏنا آهن. ايڊ جو ڪم خواهشن کي جنم ڏيڻ آهي. انا جو ڪم ايڊ کي مخصوص معيارن ۽ اصولن هيٺ پابند ڪرڻ آهي. انا، ايڊ کي ڏانوڻ وجهڻ لاءِ ڪجهه اخلاقي اصولن ۽ سماجي قدرن کي پڻ استعمال ڪندي آهي، جتان شخصيت جو ٽيون اهم جز عظيم انا جڙندي آهي. ٻار، والدين، گهر، پاڙي، اسڪول، دوستن

جي صحبت ذريعي سماجي قدرن کان واقف ٿيندو آهي ۽ آهستي آهستي اهي سماجي معيار، اخلاقي قدر ۽ ضابطا ٻار جي شخصيت جا جزا بڻجي ويندا آهن ۽ ائين عظيم انا ٺهندي ويندي آهي. عظيم انا جي غيرمناسب جُڙت، انسان ۾ ڪيترن ئي مونجهارن ۽ نفسياتي بيمارين کي جنم ڏئي سگهي ٿي.

هي شخصيت جو اخلاقي ۽ عدالتي شعبو هوندو آهي. هي ايڊ ۽ انا بدران، ڪنهن نصب العين ۽ آدرشن جي پرچارڪ هوندي آهي. عظيم انا، عملن ۽ افعالن کي معياري ۽ مثالي بڻائڻ چاهيندي آهي. مطلب ته، عظيم انا، سماجي ۽ اخلاقي معيارن جي انسان اندر تعمير ڪيل ڳُجهي عدالت هوندي آهي، جيڪا اسان جي صحيح غلط ۽ سُٺن توڙي خراب عملن تي شاباش ۽ سزا ڏيندي رهندي آهي.

3. نفسياتي، جنسياتي مرحلن جي واڌويجھ ۽ نشونما
(Psychosexual stages development)

شروع کان ئي فلسفي، سائنس، علم النسان ۽ نفسيات جون اڪيون انساني وجود کي ڳولڻ ۽ ڪيس سمجھڻ لاءِ ڪوجنا ۾ رهيون آهن. هر علم جي پرک جو معيار پنهنجو آهي. هڪڙن لاءِ زندگي اک مان ڪرندڙ ڳوڙهو آهي ته ٻين لاءِ گاهه تي رحم نه ڪائيندڙ ٻُکيو گهوڙو آهي. هڪڙن لاءِ زندگي درد جي آتم ڪتا آهي ته ٻين لاءِ معاشي پاڻي تي پلجندڙ ٻوٽو آهي ۽ ڪن لاءِ وري زندگي الهامي قوت جو عجائب گهر آهي. احساسن جي امتحان گهر کان ٻاهر نڪري، حقيقت جي حوالي سان زندگيءَ کي ڏسنداسين ته اُتي سائنس ۽ نفسيات، اسان کي نج ۽ ٿوس شيون سمجهائيندي ۽ من کي تصوراتي تلاءَ ۾ ٽٻيون هٽائڻ بدران ٻاهر ڪڍي ايندي.

انساني شخصيت جي ٺهڻ ۾ موروثيت کان وڌيڪ ماحول جو اثر هوندو آهي. شخصيت جي تعمير جي ترقيءَ جا مرحلا ان جي مڪمل ٿيڻ جا ذميوار آهن ۽ انهن مرحلن مان حاصل ٿيندڙ تجربو ئي هن کي پنهنجي شخصيت ۽ مزاج جي ترتيب سان هڪ الڳ شخصيت

ٻڌائي ٿو. هر انسان هڪ ٻئي کان مختلف آهي. هن جي شخصيت، هن جو مزاج، هن جو رويو، هڪ طرح سان الڳ ۽ اربين انسانن کان منفرد آهي. ماءُ-پيءُ هڪجهڙا هئڻ جي باوجود، پائرن ۽ پينرن جون جدا جدا طبيعتون آهن. نفسيات، ذات پات جي تعمير ۾ موروثي قوتن جي ڪردار کي رد ڪري ٿي. جيڪڏهن ٻار پنهنجي والدين جي شخصيت کي ظاهر ڪن ٿا تہ هڪ ئي والدين جا ٻار هڪ ٻئي کان ايترو مختلف ۽ منفرد ڇو آهن؟ ڪهڙا عنصر آهن ۽ ڪهڙيون جادوئي طاقتون آهن، جيڪي انسان کي هڪ مختلف انسان ٻڌائين ٿيون؟ ٻار جي نفسيات آخري مرحلن تي منحصر آهي. اچو تہ هن منجهيل معاملي کي فرائيڊ جي اکين سان سُلجهائڻ جي ڪوشش ڪريون.

سگمنڊ فرائيڊ پنهنجي نفسياتي نظريي ۾ انسان جي شخصيت جي ترقيءَ جا پنج مرحلا بيان ڪيا آهن. فرائيڊ جي نظريي کي سمجهڻ کان اڳ، هڪ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ فرائيڊ پنهنجي نظريي جو بنياد جنسيت تي رکيو ۽ فرائيڊ لفظ جنسيت کي وسيع معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. هن مطابق، هر اها شيءِ جيڪا لذت، لطف، راحت ۽ سڪون جو سبب ٻڌجي ٿي، جنسيت جي زمري ۾ اچي ٿي، ۽ هر اهو عمل جيڪو لذت ۽ راحت کي گهٽائي ٿو، اهو جنسي لذت جي زمري ۾ اچي ٿو. طنز ۽ مزاح مان پيدا ٿيندڙ جوش بہ جنسي لذت جي دائري کان ٻاهر نہ آهي. فرائيڊ موجب، ان ۾ لڪل شيطاني قوتون، لذت ۽ راحت جي حاصلات لاءِ، انسان ۾ جنسيت ۽ شهوت پيدا ڪنديون آهن. اچو تہ فرائيڊ جي جنسي لذت تي ٻڌل انساني شخصيت جي تعمير واري نظريي کي سمجهون. فرائيڊ جو نظريو، جيڪو جنسيت جي چوڌاري ڦري ٿو، ان کي هن پنجن مرحلن ۾ ورهايو آهي:

وات جو مرحلو (Oral Stage)

مقعدي مرحلو (Anal Stage)

فيلڪ مرحلو (Phallic Stage)

اِخفاءُ مرحلو (Latency Stage)

جينياتي مرحلو (Genital Stage)

وات جو مرحلو (Oral Stage)

هي ٻار جي جنسيت جو پهريون مرحلو آهي، جيڪو ٻار پنهنجي جسم سان گڏ ڪٽي اچي ٿو. حياتياتي ضرورت ۽ جبلتي شهوت جي ڪري ئي ٻار وات سان چاٻا ڏئي، ماءُ جي ٿڃ پيئندو آهي. بنا سکڙ ۽ بنا ڪنهن طرفان سيکارڻ جي، جمندي شرط ٻار، ماءُ جي ٿڃ پيئي ٿو. بنا سِکڙ جي ٿڃ پيئڻ جبلتي شهوت آهي، جيڪا شروع کان ئي موجود هوندي آهي ۽ توهان ڏٺو هوندو ته ٿڃ پيئڻ کان پوءِ ٻار جي بُک ختم ٿي ويندي آهي ۽ ائين ٻار کي تسڪين ملندي آهي. توهان اهو به ڏٺو هوندو، بلڪ ٻاڻ ان مرحلي مان گذريا هوندا ته ٻار کير پيئڻ سان گڏ ٽٽن سان کيڏندو به آهي ۽ چڪ پڻ هڻندو آهي. اها ٻار جي ڪچڙي وهيءَ واري جنسي ڪيفيت هوندي آهي، جيڪا پڻ جبلتي ئي هوندي آهي. ٽٽن ۾ چڪ هڻڻ جي صورت ۾ ماءُ ٽڻ کي ٻار جي وات مان ٻاهر ڪيڏندي آهي، ان کي سور ٿيندو آهي ۽ ٻار کي سزا ملندي آهي ۽ ٻار روئندو آهي. فرائيڊ چوي ٿو ته اهو عمل ٻار لاءِ سزا هوندو آهي، جنهن سان ٻار ۾ دٻاءُ پيدا ٿيندو آهي ۽ اتان کان ٻار پنهنجن خواهشن ۽ مزن کي دٻائڻ سکندو آهي. جنسياتي مرحلي جو هي پهريون ڏاڪو جبلت ڪري ڪم ڪندو آهي. هن مرحلي ۾ ٻار جي بُک، مزي ۽ سيڪس جو مرڪز ۽ واحد ذريعو وات ئي هوندو آهي.

مقعدي مرحلو (Anal stage)

اهو شخصيت جي جوڙجڪ جو ٻيو اهم مرحلو آهي. ان دور ۾ ٻار نيڪال جو سامان مقعد مان خارج ڪري، راحت ۽ سڪون حاصل ڪندو آهي. هن دور ۾ به ٻار پنهنجي خارجي ماحول مان ڪاڪوس ڪرڻ جي عادتن ۽ نمونن کي سکي ويندو آهي، جنهن کي 'ٽوائلٽ ٽريننگ' وڌي ۽ ان کي غير ضروري طاقت ۽ ڪنٽرول ذريعي صفائيءَ جي سکيا ڏني وڃي ته پوءِ، بعد ۾ صفائيءَ واري شخصيت جنم وٺندي آهي. جتي ٻار جي سخت تربيت صحيح نموني نه ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي

صفائيءَ جي آداب کان آشنا نہ ڪيو ويڃي، تہ ان ۾ گندگيءَ جھڙيون عادتون پيدا ٿي ويندیون آھن. ھي استيج نفسياتي نشونما ۽ واڌ ويجھ جي ھي منزل آھي. ھن مرحلي ۾ پيشاب ۽ ڪاکوس کي روڪڻ يا وري وري ڪرڻ جي عمل ذريعي ٻار لذت، سڪون ۽ خوشي حاصل ڪندو آھي. ٻار جو ھي جنسياتي مرحلو انسان جي نفسياتي ترقي نشونما، واڌويجھ ۽ ارتقا جي ھڪ نازڪ دور جي نمائندگي ڪري ٿو، جتي ٻار جسماني حرڪتن سان لاڳاپيل سماجي اميدن ۽ ضابطن جي عزت افزائي ڪرڻ سکندو آھي.

فيلڪ مرحلو (Phallic stage)

اِھا عمر ٽن کان پنجن سالن تائين ھلندي آھي. ھن عمر ۾ ٻار جو ٻاھرين دنيا سان سڃاڻپ جو رشتو جڙڻ شروع ٿيندو آھي. ھن عمر ۾ ٻار پنھنجي جنسي عضون ۾ ھٿ وجھي کيڏندو آھي. ھن عمر ۾ مزي جو مرڪز پنھنجو جنسي عضوو بڻجي ويندو آھي. ھن عمر ۾ ٻار جي اوگھڙ ڪي ڏکيو ويندو آھي ۽ ان کي ڇيو ويندو آھي تہ جنسي عضوي تي ھٿ نہ ھڻ ۽ ان کي لڪاءِ. ائين ٻار ۾ شرم ۽ اگھاڙپ جو تصور ويھاريو ويندو آھي، جيڪو ٻار ۾ عظيم انا جي شروعات ڪندو آھي. ھن عمر ۾ ٻار پنھنجا ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو، تنھن ڪري ان ۾ ايگو (انا) جڙڻ شروع ٿيندو آھي ۽ ٻار جو جنسي وجود ۽ جنسي مقصد پنھنجو پاڻ ٽيڻ شروع ٿي ويندو آھي.

اِخفاءُ مرحلو (Latency stage)

ھيءَ عمر پنجن ڇھن سالن کان شروع ٿيندي آھي ۽ بلوغت، يعني 12، 13 سالن تائين ھلندي آھي. فرائيڊ مطابق، ھن دور ۾ ٻار جي خواھش ۽ جنسي توانائي، عارضي طور تي معطل ٿي ويندي آھي ۽ ٻار خاص طور تي نون رابطن ۽ سماجي رشتن ۾ مصروف ٿي ويندو آھي. ھو نوان نوان دوست ٺاھيندو آھي، مختلف مشغلا ھن جي شخصيت جو حصو بڻجي ويندا آھن ۽ اھڙيءَ طرح، ھن جي شخصيت مختلف رابطن ۽ واقفيتن سان مضبوط ٿي ويندي آھي. جيڪڏھن شخصيت

جي ترقيءَ جو اهو مرحلو ڪنهن به سبب جي ڪري صحيح نموني سان لاڳو نه ٿئي، تہ انفراديت ۽ اجتماعي اڪيلائيءَ جھڙيون خاصيتون سندس شخصيت ۾ جاگڻ لڳن ٿيون. جيڪي سندس شخصيت تي انمول تاثر ڇڏي ويڄن ٿيون ۽ ان مرحلي جي تڪميل ۾ ناڪام ٿيڻ وارو ماڻهو، ذهني دباءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي. هو ماڻهن کان ڌڃندو آهي ۽ گڏجاڻين کان شرمائيندو آهي. هن عمر ۾ ٻار پنهنجون جنسي خواهشون گهر وارن کان لڪائيندو آهي. مقابلي واري دوڙ ۾ شامل ٿي ويندو آهي ۽ شخصيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سِکندو آهي. هن عمر ۾ ٻار ۾ سماجي دباءُ ۽ ضمير ايڏا وڏيڪ گهرا ٿيندا آهن.

جينياتي مرحلو (Genital Stage)

نوجوانيءَ کان شروع ٿيندڙ هي مرحلو انساني شخصيت جي ترقيءَ جو سڀ کان ڏکهو مرحلو آهي. هي پنجون ۽ آخري مرحلو، جسماني بلوغت جو آهي. جيڪو 12 کان 17 سالن جي عمر جي وچ ۾ شروع ٿيندو آهي ۽ پوءِ سڄي زندگي پيو هلندو آهي. هن عمر ۾ مخالف يا ساڳي جنس ڏانهن ماڻهو چقمق جيان چڪجندو ويندو آهي. ٻن مخالف جنسن ۾ خوبصورت ڪشش وڌندي ويندي آهي ۽ ٻار پنهنجي زندگي ۾ سماج کي وڏيڪ سمجهڻ لڳندو آهي.

ليبڊو (Libido)

ڪي ڳالهيون ساهه ۾ تڪليف پيدا ڪري ڇڏيندڙيون آهن ۽ ڪي ڦهرين پيار جيان پياريون هونديون آهن. ڪي ڳالهيون نِمر جي ڇانوَ جھڙيون ٺڏيون هونديون آهن، تہ ڪي ڏرتيءَ جي دادلي خواب جيان دل آويز هونديون آهن. ڪي ٻڪيءَ جي ڪوڙي جيان ياد ٿي ويندڙيون آهن، تہ ڪي اٽپور جيان اَٽپوريون هونديون آهن. ڪي ڳالهيون ٽاهه وجهي ڇڏيندڙيون آهن ۽ ڪن ڳالهين کي ٻڌي واهه سان گڏ آهه نڪري ويندي آهي. سچ اهو آهي تہ الائي ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي نازبوءِ جيان سڄيون خوشبو سان معطر آهن، پر اهي ڪهڙي علمي زمين ۾ پوکيل آهن، ان جي خبر ناهي هوندي اسين جڏهن علمي

ڪجھرين ۾ اڪثر 'انسان نواڻ پسند آھي' جھڙيون پياريون پياريون ۽ حقيقتن يريون ڳالھڙيون پيا ڪندا آھيون. تڏھن اسان کي خبر ناھي ھوندي ته اسين لبيدو بابت ئي ڳالھائي رھيا ھوندا آھيون. اِھا انسان ۾ ھڪ اھڙي واحد قوت آھي، جيڪا تبديلي پسند آھي. انسان کي مستقل طور تي ڪنھن به ھڪڙي شيءِ ۾ مزو ناھي ايندو. جانور ھڪجھڙو گاھ سڄي عمر پيو کائيندو، پر انسان لاڳيتو به ڏينھن ڏينھن ٻٽالو کائيندو ته دل پرجي ويندیس. ذائقو نه وٺندو ۽ دل ٻئي ڀاڄي کائڻ تي چوندي. ائين انسان پنھنجا ذائقا تبديل ڪندو رھندو آھي. ڪڏھن ڪڏڙ ڪُھندو آھي ته ڪڏھن تورين کي تيل ۾ ترينڊو آھي. ڪڏھن مٽر ته ڪڏھن موري، چٽا کائيندو آھي، ته ڪڏھن گوبي. نواڻ پسنديءَ جو اھو رجحان رڳو کاڌي تائين محدود ناھي، اھو رجحان انسان جي پنجن حواسن سان لاڳاپيل آھي. مطلب ته، انسان نواڻ جي ڳولا ۾ ٻڏڪندو رھندو آھي. ساڳيائپ انسان کي ٽڪائي وجھندي آھي ۽ مزو کسي وڃندي آھي. ان سڄي عمل جو ذميوار نفسياتي طرح لبيدو آھي. ھيءَ انسان جي نرالي ۽ بلڪل منفرد خاصيت آھي، جيڪا جانور ۾ ناھي. انسان جي جديد ۽ سادي وصف ئي اھا آھي ته انسان اھو جيڪو پنھنجي جنسي سگھ کي مھذب رخ ڏئي ٿو. جيئن ته انسان کين مان ڪجھ، ڪجھ مان گھٽو ڪجھ، ھاڻي گھٽي مان سڀ ڪجھ طرف وڌي رھيو آھي، ته انسان پنھنجي جنسي سگھ کي تخليقي سرگرمين جو رخ ڏئي سگھي ٿو. انيڪ اھڙا ڪم ڪري سگھي ٿو، جن مان سندس جنسي سگھ تبديل ٿئي، پر جي ڪيس اھڙا موقعا نٿا ملن ته ھو اندر ۾ ڀڄ- ڊاھ جو شڪار ٿيندو آھي. لبيدو ماڻھوءَ جي ذات جي سڃاڻپ لاءِ به اھم ڪردار ادا ڪري ٿو، ڇو ته انساني جنس جا به مرحلا آھن: ھڪڙو نرگسيت وارو، جنھن ۾ ھو پاڻ خودیءَ جي گھوڙي تي چڙھيل ھوندو آھي. پاڻ کي مرڪزي قوت ۽ حسن جو مجسمو ٺاھي، انھي سان عشق ڪندو آھي ۽ ٻيو جنس جو ٻاھريون پھلو، جنھن ۾ ھو پاڻ کان ٻاھر جنس جا محرڪ ڳوليندو آھي.

نرگسيت (Narcissism)

نرگسيت علمِ نفسيات جو اهم اصطلاح آهي، جيڪو قديم يونان جي ڏندڪٿا جي اثر مان ورتل آهي، جيڪا هڪ خُوبصورت نوجوان بابت آهي، جيڪو درياهه جي ديوتا جو پُٽ هو. نوجوان تي سڀ عورتون موهت هيون ۽ ڪيس ريجهائڻ لاءِ ڪوششون ڪنديون هُيون، پر نوجوان ڪنهن کي به ليکيندو ڪونه هو. اُنهن مان هڪڙي عورت ايڪو به هُئي، جيڪا نهايت حسين هُوندي هُئي. اُن گهڻا ئي حيلا هلايا، پر نرگس جو رويو جيئن ٻين عورتن ڏانهن هو، ائين ئي هن لاءِ رهيو. نيٺ ايڪو، نميسس ديويءَ کي نوجوان جي دانهن ڏني، جنهن نوجوان کي سزا ڏيندي ڪيس پنهنجي ئي مُحبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ هُو نديءَ ڪناري ويهي، پنهنجو پاڻ کي پيو تکيندو هو. سندُس لڳاتار پاڻ کي پسڻ واري عمل جي نتيجي ۾، هو هڪ ڏينهن پاڻيءَ ۾ ڪري ٻُڏي مري ويو. نميسس ديوي سندس موت کي ٻين لاءِ يادگار بڻائيندي اُن کي نرگس گُل ۾ بدلائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح 'نرگسيت' اصطلاح جو بُنياد پيو. نرگس گل جيڪو اڪثر ندين جي ڪنارن تي ڦُٽندو آهي ۽ اُن جا گُل پاڻيءَ ڏانهن جُهڪيل هُوندا آهن، جڙ پاڻ کي پاڻيءَ ۾ پسي رهيا هُجن.

فرائيڊ هن ڪهاڻيءَ مطابق، نرگسيت جي ذهني بيماريءَ جي وضاحت ڪئي آهي. نرگسيت جو مريض اهو آهي، جيڪو پنهنجي ذات جي محبت ۾ گرفتار هجي. هي اصطلاح ٻنهي مردن ۽ عورتن تي لاڳو ٿئي ٿو. اهي مرد ۽ عورتون، جيڪي آرسيءَ ۾ پنهنجو عڪس ڏسي خوش ٿين ٿا ۽ پنهنجي حسن جي ساراهه ڪري جنسي اطمينان حاصل ڪن ٿا، تن کي نارسيسسٽ چئبو آهي. فرائيڊ مطابق، انا پرستي ۽ خود تعريف جدائيءَ جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. هڪ ذهني مريض، دنيا جي معاملن ۾ دلچسپي وڃائي ويهندو آهي. هو نه ته ماڻهن سان جڙيل جذباتي تعلق رهندو آهي. اهو خارجي ماحول کان هٽيءَ پنهنجن خيالن ۾ مگن ٿي ويندو آهي.

فرائيڊ جي چوڻ مطابق، اهڙو ماڻهو لبيدو تي مرڪوز يا ٻاهرين دنيا کان پري هليو ويندو آهي. ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. مثال طور، عشق ۾ ناڪامي، ناموافق معاشي ۽ سماجي حالتون، ڪنهن شخص يا فرد جي بي وفائي، ٺڳي ۽ دوکو وغيره. ورهايل ذهني بيماريءَ ۾ نرگسيت جي سختي تمام گهڻي هوندي آهي، تنهن ڪري ان کي نفسيات جو هڪ نمايان مثال سمجهي سگهجي ٿو. اڪثر ماڻهن ۾ ڪنهن حد تائين نرگسيت جو رجحان هوندو آهي. بهرحال، انهن کي نفسياتي مريض نه سڏيو ويندو آهي، جيئن عاشق جي اک محبوب ۾ ڪابه گمي ڳولي ناهي سگهندي، تيئن نرگسيت جو شڪار ٻٽيل ماڻهو پنهنجين ڪمزورين ۽ خامين جو درست اندازو لڳائي ناهن سگهندا. فرائيڊ چوي ٿو ته اسان سيني ۾ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين نرگسيت موجود هوندي آهي، پر جڏهن ڪو ماڻهو مسلسل پنهنجي ساراهه جا ڀُڪ پريندو رهي، پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ سهڻو، وڏو ۽ معتبر سمجهندو رهي ۽ ٻين جي احساسن ۽ جذبن جي ڪابه پرواهه نه ڪري، ته اهڙو ماڻهو سخت قسم جي نرگسيت ۾ مبتلا هوندو آهي ۽ ذهني مريض چورائيندو آهي.

نرگسيت جو مفروضو يا انومان، فرائيڊ لاءِ ڏاڍو پرڪشش هوندو هو. ان جو سبب اهو هو ته ان جي حوالي سان هو ٻار جي لبيدو ۽ ان جي مختلف ماڻهن ڏانهن منتقليءَ کي ثابت ڪري سگهندو هو. ٻار جي ابتدائي نشونما ۾ هن جو لبيدو مبهم، اٽڪاتل ۽ غير واضح هوندو آهي. ٻار جي پهرين اسٽيج ۾ ان جي لبيدو جو ڪو خاص حدف يا معروض ناهي هوندو. هي اسٽيج خود شهوتي ۽ خودلذتيءَ جو هوندو آهي. ٻار پنهنجي ئي ڪجهه نفسياتي ۽ جسماني ڪمن ۽ عملن مان لذت حاصل ڪندو آهي. ان کي پرائمري نرگسيت چئي سگهجي ٿو، پر بعد ۾ لبيدو خارجي ماڻهن يا شين ڏانهن منتقل ٿي ويندو آهي يا انهن تي مرڪوز ٿي ويندو آهي. ان حوالي سان ماءُ جي شخصيت تمام گهڻي اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻار فطري طور تي مٿس قائم ٿي ويندو آهي- فڪسيشن ٿي ويندي آهي. ان کان پوءِ جيئن جيئن شخصيت وڌندي ويندي آهي،

لبيدو مختلف ماڻهن ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي. پر ان ۾ ڪوشڪ ناهي، ته انسان خودغرضيءَ کي مڪمل طور ختم نٿو ڪري سگهي. تنهن ڪري نرگسيت جي ڪجهه شڪل هر ماڻهوءَ ۾ موجود هوندي آهي. نفسياتي طور هڪ صحتمند ماڻهوءَ لبيدو جو ڪجهه حصو پاڻ تي ۽ ڪجهه حصو ٻين ماڻهن تي مرڪوز هوندو آهي. تنهن هوندي به مزاج ۽ فطرت ۾ فرق ۽ حالتن ۽ واقعن جي تبديلين جي ڪري لبيدو جي تسلسل ۾ فرق اچي ويندو آهي. صورتحال تڏهن خراب ٿي ويندي آهي، جڏهن لبيدو ڪنهن واقعي يا صدمي کان پريشان ٿيندو آهي ۽ باهرين توجهه بدران پنهنجو پاڻ تي ڏيان مرڪوز ڪري ڇڏيندو آهي. لبيدو جي اها پکيڙ مريضاڻي هوندي آهي ۽ ان سان سخت نرگسيت جي بيماري پيدا ٿيندي آهي. نرگسيت لبيدو جي پيداوار آهي، جيڪا انساني جبلتن کي جيارِيندي آهي. فرائيڊ، نرگسيت کي انساني شخصيت جي جوڙجڪ ۽ تخليقي صلاحيتن جي حرڪي قوت سڏيو آهي. فرائيڊ، نرگسيت کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي، هڪڙي ابتدائي ۽ ٻي ثانوي.

ابتدائي نرگسيت جو مرڪز جسم ۽ ان سان لاڳاپيل جنسي ڪيفيتون هونديون آهن، جڏهن ته ثانوي نرگسيت جو مرڪز جسم نه پر ذهن هوندو آهي ۽ ان جو اظهار ذات جي تڪميل لاءِ مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۽ تخليقي ڪاوشن سان لاڳاپيل فخر ۽ خوشيءَ سان هوندو آهي. نرگسيت احساس ڪمتري ۽ احساس برتري جو اظهار هوندي آهي. اڪثر احساسِ برتري اهو ماڻهو ئي ڪندو آهي، جيڪو احساسِ ڪمتري جو شڪار هوندو آهي.

مددي کتاب

- نسلن جو بڻ بڻياد: چارلس ڊارون/عطا محمد پنيرو.
- ارتقا جي ڪهاڻي: ڊاڪٽر سڪندر مغل.
- وحشي جيوت جا نشان: هاورڊ موئر / محمد ابراهيم جويو.
- ماڻهو: بدر ابڙو.
- ماڻهو جيڪي مرڻا ناهن: رسول ميمڻ.
- چارلس ڊارون: ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجو.
- انسان جي ڪهاڻي: ميخائل ايلين، الينا سيگال/حسين بادشاهه.
- مارڪسزم ڇا آهي: ايمل برنس/لطيف لغاري.
- فلسفو هڪ مطالعو: ڊاڪٽر محبت برڙو.
- ڪارل مارڪس: اياز علي.
- سياست: جاويد راڄپر.
- اجرت، قيمت ۽ منافعو: ڪارل مارڪس.
- ڪميونسٽ پڌرنامو: ڪارل مارڪس ۽ اينگلس/رشيد پٽي.
- تبديلي جو فلسفو: بخشل ٿلهو.
- ڏاهپ جو جنم: گينرخ وولڪوف.
- جدلي مادیت جا بنيادي اصول: اي اسپرڪن ۽ او ياخوت.
- سرمايو: ڪارل مارڪس / سليم جمالي.
- تاريخ ۾ فرد جو ڪردار: پليخانوف.
- خوابن جي تشريح: سگمنڊ فرائيڊ/ بيدل مسرور.
- سگمنڊ فرائيڊ: توراڪينہ قاضي.
- سنڌي سماج نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾: ڊاڪٽر غفور ميمڻ.
- دنيا جا مشهور فلسفا: ڊاڪٽر محمد الياس پٽو.



لائق نوجوان ڪبير پيل، ڊارون، مارڪس ۽ فرائيڊ تي هڪ مختصر پر اصلوڪو ڪتاب لکيو آهي.

ـ جامي چانڊيو

هي ڪتاب پڙهندڙن کي ڪنهن آڪاڻي جيان لڳندو. ڪبير پيل ڊارون، مارڪس ۽ فرائيڊ جي سموريين اوکين ڳالهين کي آسان ڪري پيش ڪيو آهي.

ـ نصير ميمڻ

جديديت جي ٽن وڏن ماڻهن جي زندگيءَ ۽ فڪر تي ابتدائي ۽ ادبي چس سان لکيل، ڪبير پيل جي هيءَ لکڻي، پهرياتن لاءِ پڙهڻ وٽان آهي.

ـ بخشل ٿلهو

مونکي اميد آهي ته سهڻي ٻولي ۾ لکيل ڪبير پيل جو هي ننڍڙو ڪتاب، سنڌي پڙهندڙن جي معلومات ۾ وڏو اضافو ڪندو.

ـ ڊاڪٽر سڪندر مغل

آئون هن معصوم ڇوڪري ڪبير پيل کي پڙهي ۽ ٻڌي ايترو ئي سَرهو ٿيندو آهيان، جيترو ٿر جي آرهڑ ۾ ڪو اُجارو مسافر پاڻيءَ سان ڀريل ڪورو گهڑو ڏسي خوش ٿيندو آهي.

ـ ميرحسن آريسر

ISBN 978-969-217-166-3
Rs. 500.00
US$ 1.80
9 789692 171663
www.roshnipublication.com
NON-FICTION